سنڌو تهذيب

تاج صحرائي

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

سنڌو تهذيب

تاج صحرائي

ڪيرٿر پبلشرز
دادو

Soorih Mirani

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ آهن.

ڪاپيون: هڪ هزار
ڇاپو: پهريون
سال: ١٩٨٩
قيمت: چاليھ رپيا

ڪمپوزنگ، ٽائيپ سيٽنگ ۽ لي آئوٽ
عبدالماجد ڀرڳڙي جي جوڙيل
لطيفي
ڪمپيوٽرائزڊ سسٽم تي ڪئي وئي.

Soorih Mirani

ارپنا

مان پنهنجي هن نماڻي ڪوشش کي سنڌي لوڪ گيتن کي نئين سر جيارڻ واري فنڪاره زرينہ بلوچ ۽ سنڌ جي مشهور سگهڙ ۽ هيڙي فقير ڪنير (مرحوم) ڏانهن منسوب ڪريان ٿو.

Soorih Mirani

سٽاءُ

باب ١ - سنڌو تهذيب جا خالق	صفحو ٩
باب ٢ - ڪاٺي جي ماٽري ۾ ست گهريون	صفحو ٥٠
باب ٣ - بلي جي ٻٺي ۾ سام	صفحو ٦٩
باب ٤ - نڪر ٻٺي ۾ گبر بند	صفحو ٨٠
باب ٥ - خون جي قرباني	صفحو ٩١
باب ٦ - آمري ۾ ڪوٽڏجي جون تهذيبون ۾ سماج	صفحو ١١٠

هن ڪتاب ڪي سنڌو تهذيب جي رنگن ۾ ڇپايو ريو آهي.

Soorih Mirani

مهاڳ

گهڻو وقت اڳي جي ڳالهه آهي جڏهن منهنجو تخلص "حقير" هو ۽ مان مولوي خير محمد نظاماڻي صاحب جي جيل ۾ بند هجڻ سبب، حيدرآباد مان خاڪسار تحريڪ جي ترجمان اخبار "باب الاسلام" ڪيندو هوس. مان محترم مير علي احمد خان ٽالپور مرحوم جي بنگلي ۾ رهندو هوس. مير صاحب وٽ عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مفڪرن جون دستوري ڪچهريون لڳيون پيون هونديون هيون. هڪ ڏينهن هڪ وڏي قومي ۽ ترقي پسند شاعر، اديب ۽ مفڪر کي منهنجو اهو تخلص حقير پسند نه آيو ۽ منهنجي ان تخلص جي تبديلي تي وري وري اسرار ڪندو رهيو. ان ڏينهن مان ڪل ڪل ۾ حقير مان 'صحرائي' تي ويس. چوندا آهن ته نالي ۽ تخلص کي به ماڻهن جي سياڻ، ورتاءُ ۽ زندگي جي ڪاروبار ۾ وڏو دخل رهي ٿو. ڪم از ڪم، مان پاڻ بابت ته ائين صحيح سمجهان ٿو. راجپوتانا گهڻ مگر ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان جو چپو چپو گهميو آهيان. ٻاهرين ملڪن جو سير ۽ سفر مونکي جيڪو نصيب ٿيو سو به لبيا جو، جيڪو به پوري طرح ريگستاني ۽ صحرائي آهي. لبيا ۾ دنيا جا محترم ۽ معزز استاد، منهنجي ان تخلص تي حيران هوا. صحرائي هڪ ننڍڙي صحرا مان نڪري، وڏي صحرا ۾ داخل ٿيو هو. لبيا منهنجي لاءِ ٻيو گهر هو.

مشهور چيني محقق لن-يو-تانگ لکيو آهي ته "مان 'آواره گرد' (vagabond) کي عظمت جي تخت تي ويهارڻ گهران ٿو. منهنجو سچ پچ اهو مقصد آهي. اڄ جي زماني ۾ جمهوريت پسندي ۽ انفرادي آزادي کي هر طرف کان خطرا درپيش آهن. فقطآواره گردي۽ آزادروي جو احساس ئي اسانکي انهن باوردي قلين جي گروهن ۾ گم ٿي وڃڻ کان بچائي سگهي ٿو جيڪي نظم ۽ ضبط جا پابند آهن، بي‌حد فرمانبردار آهن ۽ هر طرح منظم آهن. اهو ئي سبب آهي جو آواره گرد ئي ڊڪٽيٽرشپ يا آمريت جو سڀ کان پويون ۽ سڀ کان زبردست دشمن ثابت ٿيندو. آواره گرد انساني شرف ۽ وقار، ۽ فرد جي آزادي جو سڀ کان وڏو علمبردار ٿيندو ۽ ان جي ذات کي آمريت سڀ کان پڇاڙي ۾ مغلوب ڪري سگهندي. سچ ته اهو آهي ته موجوده تهذيب جي بقا جو دارو مدار آواره گرد جي ذات سان ٻڌل

Soorih Mirani

آهي." ان چيني مفڪر منهنجي ذات ۽ مزاج جي پوري عڪاسي ڪئي آهي. مان ائين سمجهانئو.

مون پنهنجي هن ڪتاب ۾ جن ٻه ماڳن، ٿين، ڪوٽن، ڪوٽيرن، دڙن، گبر بندن، ٻڌن، چشمن، واهين، غارن ۽ قبرستانن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي سڀ، مون هڪ پيرو نه، پر ڪيترائي پيرا ڏٺا. گهميا ۽ بحث مباحثي هيٺ آندا آهن. تنهن ڪانسواءِ انهن ماڳن بابت مقامي ماڻهن کان معلومات حاصل ڪئي اٿم. تڪرين ۽ ڪن ٻين پراچين وستن کان علاوه ڪيترن ئي محققن جي تحقيق تي غور ۽ فڪر به ڪيو اٿم. اها سڀ جاکوڙ ان لاءِ ڪئي اٿم ته پڙهندڙن تائين گهٽي کان گهٽي ۽ صحيح معلومات پهچائي سگهان. هن ڪتاب ۾، پڙهندڙن کي ڪي اهڙا جملا، حوالا ۽ ضمون به ڏسڻ ۾ ايندا جن جو هن ڪتاب سان بظاهر ڪو تعلق ۽ واسطو نه آهي، پر مان يقين سان چوانئو ته اهي حوالا، هن ڪتاب جي روح ۽ مضمون سان ڪنهن نه ڪنهن طرح لاڳاپيل ۽ تعلق رکندڙ آهن مثال طور سج جون علامتون، سواستيڪا وغيره. سنڌي لوڪ ادب، سماج، تاريخ، روايتن، ريتين، رسمن، پهاڪن ۽ عام چوڻين مان، مفيد ۽ تعلق رکڻ وارو ڪجهه مواد چُونڊي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو اٿم.

سنڌي ٻولي ۾، آمري ۽ ڪوٽڏجي جي تهذيب، ڪائي پرسان ست گهرين، سيوهڻ پرسان يڪ ٿنيي، خون جي قرباني، سنڌو تهذيب جي خالقن، گبر بندن، ’سام‘ وغيره تي ڪوبه ڪتاب يا ٻيو ڪو مواد موجود نه آهي. ان حقيقت کي محسوس ڪندي، ان ڪمي کي پوري ڪرڻ لاءِ، ڪوشش ڪري گهٽي کان گهٽو مواد ۽ معلومات حاصل ڪري، هن ڪتاب ۾ ڏني اٿم. مون جتي ضروري سمجهيو آهي اتي دنيا جي مشهور ۽ معروف عالمن، مورخن ۽ محققن جا حوالا، ڪتابن مان چُونڊي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمي سان گڏ پيش ڪيا آهن. ساڳئي وقت مناسب تصويرون ۽ خاڪا به ڏنا اٿم. ان ڪانسواءِ پڙهندڙن جي تسڪين ۽ علمي پياس ٻجهائڻ لاءِ سنڌ جي قديم آثارن ڪانسواءِ، دنيا جي ٻين ملڪن جي قديم آثارن، قومن جي پراڻين وستن، ڪن عقيدن ۽ رسمن جو مختصر مگر جامع احوال به هن ڪتاب ۾ ڏنو اٿم. مونکي احساس آهي ته ڪتاب ۾ ڪي نه ڪي اوڻايون ۽ ڪميون مواد ۾، پروفن ۽ ڇپائي ۾ ضرور رهجي ويون هونديون، انڪري پڙهندڙن کي عرض ڪندس ته مهرباني ڪري مونکي انهن گهٽتائين ۽ ڪمزورين کان واقف ڪندا ته جيئن ٻيو ڇاپو وڌيڪ صحيح ۽ سهڻو شايع ڪري سگهان.

Soorih Mirani

ڪتاب مان ’ماٽري‘ لفظ ڪڍي ڇڏيو اٿم ڇاڪاڻ تہ سنڌو تهذيب جي منڍ واري دور کان وٺي پڇاڙي يا پوئين دور تائين سنڌو تهذيب جي اثر جو دائرو سنڌو ماٿري کان ٻاهر بہ اولهہ، اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر تائين رهيو آهي. انگريزي ڪتاب جو نالو ’سنڌو ماٿري جي تهذيب‘ بدران ’سنڌو تهذيب‘ رکيو اٿم. ان کانسواءِ سنڌو ماٿري جي تهذيب کي عام طور ’مهين - هڙاپا‘ تهذيب تائين محدود ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ هن ڪتاب ۾ مهين - هڙاپا تهذيب جي پيشرو تهذيب يعني آمري ۽ ڪوٽڏجي تهذيبي دور جو احوال بہ شامل ڪيو ويو آهي.

انسان جي سماج جي اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ انسان ڪڏهن بہ اڪيلو نہ رهيو آهي. سو مون بہ ڪڏهن اڪيلي سر صحرانورديون نہ ڪيون آهن. منهنجي سيرن ۽ سفرن ۾ ڏيهي دوستن ۾ امام بخش گهرياڻي، خليل احمد ملاح، نظر محمد شيخ، علي احمد ۽ اعجاز قريشي، منير احمد چنو، مٺا خان مري، صاحب خان چنو، عنايت خواجو، جمال ميراڻي، عبدالقادر زونئر ۽ منهنجا پيارا شاگرد ۽ ننڍڙا دوست انور سولنگي، بخش علي شاهہ، جئندل شاهہ، وغيره رهيا آهن. اسان ڪڏهن جيپ ۾، ڪڏهن پيرين پنڌ سفر ڪيو آهي. مون انهن سيد شاگردن سان اٺ جي پٺيءَ تي ويهي ۽ ڪڏهن ميان گل حسن لغاري سان موٽر سائيڪل تي چڙهي، ٽيهن چاليهن ميلن جو سفر هڪ ڏينهن ۾ پورو ڪيو آهي. ساڳئي طرح ٻاهرين ملڪن جي محققن جهڙوڪ ڊاڪٽر لوئس فليم (آمريڪا) ڊاڪٽر مائيڪل جانسين، پروفيسر ليڊي الينگزينڊريا جانسين، ڊاڪٽر اٽي، ڊاڪٽر هنس نسان (جرمن)، پروفيسر جي-ويرارڊي (اٽلي)، پروفيسر ماسا توشي ۽ ٽاڪيشي گوتوهہ (جپان) ۽ ايل لاويزري (سئٽزرلنڊ) ۽ ڪن ٻين سان گڏجي ڪوهستان، ڪاڇو، منڇر ۽ لاڙ پي گهميو آهيان. انهن دوستن سان ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون گهمندي، ڦرندي، خيالن جي ڏي وٺ ڪندي گذاريون اٿم. ان کانسواءِ محترم حڪيم ثناءالله ترڪ (باجارا) محترم استاد محمد رمضان سومرو (ٽنڊو رحيم)، حڪيم گل محمد ميمڻ مرحوم (بوبڪان) ۽ سيد بخش علي شاهہ (جهانگارا) ۽ پير قربان علي (گاجي شاهہ) منهنجا ۽ منهنجن ديسي ۽ پرديسي مهمانن جا سالن کان وٺي ميزبان ٿي رهيا آهن؛ ننگر ۾ پير صالح شاهہ مرحوم پاڻ ۽ سندس اولاد ۽ ڪاڇي ۾ محمد خان نوحاڻي، ڇا رات ڇا ڏينهن، ڇا صبح ڇا شام، ڇا ڪاڙهو ڇا پارو. مان نہ سڃاڻان اهي منهنجا مهربان دوست ڪڏهن ڪوسا ٿيا يا ڪڏهن ڪرڪيا. مان انهن جا ٿورا لاهي نہ ٿو سگهان مگر ڳائي ضرور سگهان ٿو.

Soorih Mirani

ساڳئي طرح مان محترم جسٽس فيروز نانا مرحوم، محترم الله بخش سومري، محترم پيار علي الانا، محترم عبدالله جي ميمڻ، محترم جمال ابڙي، محترم علي احمد بروهي ۽ محترم ابراهيم جوئي جو بہ شڪر گذار آهيان جن بہ ڪي قرب جا پير، مون سان ڀريا آهن. مرحوم نانا صاحب وقت بوقت مون ۾ قديم وستن کي ڳولي، گڏ ڪري، سهيڙي ۽ سينگاري رکڻ جو شوق پيدا ڪيو. قديم آثارن جي کاتي جي معزز عملدارن بہ پنهنجي ميوزم ۽ لئبرري جا دروازا منهنجي لاءِ، هميشه کليل رکيا. انهن جي تعاون کي مان وساري نہ ٿو سگهان. مان محترم بدر ابڙي صاحب ۽ محترم ماجد پرڳڙي صاحب ۽ ميان احمد شيخ جو بہ ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب جي پروف ريڊنگ، ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي ۾ مون سان هر طرح جو سهڪار ڪيو آهي. ساڳئي وقت، مان، انهن سڀني محقق ۽ مورخ ۽ قديم آثارن جي ماهر حضرات جو بہ ۽ انهن ناشر صاحبن جو بہ بيحد احسانمند آهيان جن جي ڪتابن مان فيض پرائي، انهن جي حوالن سان هن ڪتاب کي زينت ڏيئي وڌيڪ مفيد ۽ مستند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

مون ڪڏهن بہ عالم ۽ فاضل، محقق ۽ مورخ، اديب ۽ شاعر هجڻ جي دعويٰ نہ ڪئي آهي. مون کي پنهنجي ڪم علمي ۽ ناتجربڪاري جو احساس هميشہ رهيو آهي. مون هي نماڻي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا منهنجي سالن جي صحرانوردي جو ڦهريون ثمر آهي. ڪچو آهي، پڪو آهي، ڪٺو آهي، مٺو آهي، اوهان جي آڏو آهي. اوهان منهنجي پورهئي کي پسند ڪندا، اها منهنجي خوش بختي ٿيندي ۽ جڻ تہ مونکي بي بها خزانو ملي ويو. سچ تہ مون محبت پائي من ۾، هي رنڊا روڙيا آهن. ان اميد سان تہ اوهان صراف اڻ توريو اگهائيندا.

تاج صحرائي

دادو

٦ جون ١٩٨٩ع.

باب پهريون

سنڌو تهذيب جا خالق

اختصار

ڏڪو اسان وٽ طاقت، سياڳ ۽ محنت جو نشان آهي ۽ هَرُ نشان آهي زراعت ۽ جسماني مشقت جو. ساڳئي طرح مورُ اسان وٽ سونهن، سوڀيا، پاڪيزگي ۽ نزاڪت جي، مڇي گهڻي پاڻي خوشحالي ۽ لطافت جي ۽ پپل جو وڻ، وڻڪار، وندر، قدامت ۽ عبادت جون نشانيون ۽ علامتون آهن. ان ڪانسواءِ ڪير، مکڻ يا ڦٽي، ڏڌ، چاڏي، مانڌاڻي، جنڊ ۽ ڏيو ڳوٺاڻي سماج ۾ زندگي ۾ آسودگي ۽ برڪت جون نشانيون سمجهيون وينديون آهن.

سنڌو تهذِب جي منڍ وارن ننڍن ڳوٺن جي گڏيل سماجن جا ۽ پوءِ سڌريل شهري سماجن جا خالق ۽ معمار بنيادي طور منڍ وارا سنڌي ڳوٺاڻا آهن. جن سنڌ جي زمين ۽ پاڻي، آبهوا ۽ ٻين قدرتي نعمتن، وسيلن، ماحول ۽ حالتن مطابق، پاڻ کي هر دور ۾ نهڪائي، آهستي آهستي ذهني شعور ۽ جسماني طاقت موافق ارتقا جون منزلون طئي ڪيون. تاريخ ۾ انهن آئبرو جنيز کي ڪول، ڀيل، سنٿال، ميد، منڊ ۽ دراوڙ ڪري لکيو ويو آهي. سماج انهن کي شڪاري، ڪڙمي، مهاڻا، ڪنيان ڪمي، ڪاسبي ۽ ڪاريگر سڏيو آهي. پر اها حقيقت اٽل ۽ ابدي سچ آهي ته سنڌو- ڪيرٿر ماٿرين ۾ رهڻ وارا منڍ وارا بنيادي سنڌي هوا ۽ اهي ئي سنڌو جي سيني تهذيبن جا خالق آهن. سنڌو تهذيب صدين جي مسلسل انساني عمل جي نتيجي جو پيو نالو آهي.

تهذيب جي ڪهاڻي

انسان جي سڀيتا جي ڪهاڻي برف واري دور سان شروع ٿئي ٿي. برف وارو دور اڪثر ڪري محققن ڇهن لکن کان اسي هزار سالن تائين مقرر ڪيو آهي. پر ڌرتي وگيان Geology جي ماهرن جي ابتڻ قديم آثارن جي جاچڻ، تهذيبي ۽ ثقافتي دورن جون ڪي خاص ۽ يڪ ٽڪ عمريون يا وقت جون حدون مقرر نہ ڪيون آهن. ڇاڪاڻ تہ پٿر، ٽامي، ٻنگار ۽ لوهہ جي اوزارن جو استعمال دنيا جي هر هڪ خطي ۾ هڪ ئي وقت نہ ٿيو آهي. ڪٿي اڳي ۽ ڪٿي پوءِ ٿيو آهي. نڪي انهن اوزارن جي استعمال جي مدت، هر خطي ۾ هڪ جيتري رهي آهي. هڪ فرانسيسي محقق ڪرسچن ٽامسن Christian Tomsen جي لکڻ موجب، پٿر جو زمانو، انسان جي ترقي مٿان رهڻ واري زماني جو نو ڀاڱي ڏهہ حصو آهي. ان ڊگهي عرصي کي سولائي سان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

١. پراڻي پٿر Palaeolithic وارو زمانو جيڪو ٽيهن لکن سالن کان ويهہ هزار سال ق م تائين ڇيو وڃي ٿو.

٢. وچون دور Mesolithic جيڪو ويهن هزارن کان ٻارنهن هزار سال ق.م تائين ڪٿيو ويو آهي.

٣. نئين پٿر Neolithic وارو زمانو وري ٻارنهن هزار کان پنج هزار سال ق.م تائين ڳڻيو وڃي ٿو.

پر ان پٿر واري زماني کان بہ اڳ يعني (Pre-Palaeolithic) وارو زمانو بہ ڳڻپ ۾ آڻي سگهجي ٿو جنهن جو عرصو اڃا طئي ٿي نہ سگهيو آهي. ساڳي وقت ڪن محققن وٽ اها ڳالهہ بہ اڃا تحقيق طلب آهي تہ رواجي پٿرن ۽ چقمق پٿرن مان ٺهيل اوزار، انسان جي هٿن جي ڪاريگري جو ڏيک ۽ ثبوت آهن يا قدرتي عمل جو نتيجو. ان ڪانسواءِ ان پٿر واري زماني کان اڳ ۽ پٿر واري زماني جي وچ ۾ جيڪو عرصو اچي ٿو ان کي پٿر جي پريات Eolithic وارو زمانو سڏيو ويو آهي. ان دور ۾ انسان اڃا مس مس هٿن جي شروعاتي حرڪتن سان ابتڻ سبتڻ، ڏنگن ڦڏن، مڏن سڏن، اوزارن گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

The Mesolithic period marked a further step in the development of productive forces; the bow and arrows were invented and new types of stone implements,

known as microliths, manufactured for use as inserts. At the close of the Mesolithic, the first ceramic artifacts emerged. It is in this period that the first animals were domesticated and the first attempts made in the cultivation of land. Fishing began to play a major part in man's economic activity. Advances in productive forces allowed a portion of the population to settle down, more or less permanently.

Numerous settlements of hunters and fishermen of the Mesolithic period have been uncovered in Gujrat, Kathiawar, upper Sind near Sukkur, Rohri and other areas of this part of the sub-continent. [Lake Manchar and certain branches of River Indus in lower Sind also include.] (The Peoples of Pakistan by Yu V. Gankovsky. P25)

پهريون لئبريون ۽ عجائب گهر

اهو تاريخ کان اڳ وارو دور، حقيقت ۾ انسان جي عمل جو گهٽو ڏگهو ۽ وڏيڪ ڪمائتو زمانو هو. انسان پنهنجيون سموريون بنيادي ڪوجنائون ان دور ۾ ڪيون. انسان هٿن کي استعمال ڪرڻ ان دور ۾ سکيو. انسان باهه ٻارڻ ان دور ۾ سکيو ۽ انسان پناهه جون جايون ٺاهڻ يا گهڙڻ بہ ان دور ۾ ئي سکيو. ان دور ۾ انسان شڪار ڪرڻ، مال چارڻ ۽ پالڻ، ۽ پوک ڪرڻ بہ سکيو. ان کان سواءِ تصويري لکڻ بہ ان ساڳئي عرصي ۾ سکيو. ان پوئين هنر لاءِ انسان غارن ۾ ڇپن کي استعمال ڪيو ۽ پوءِ پن، ڦرها، مٽي ۽ پٿر جون تختيون يا سليٽون ۽ جانورن جون کلون لکڻ ۾ ڪم آنديون. سلطنت اسيريا يا اسور جي بادشاهن کي تاريخ نويسي سان ڏاڍو چاهہ هو. مٽي ۽ پٿر جون سليٽون يا تختيون ۽ ڦرهيون ٺهرائي، انهن تي ميخي خط ۾، ان وقت جون حالتون، ٻيا واقعا، پنهنجا فرمان لکارائي محفوظ ڪندا هئا. اسور جي گهڻن بادشاهن کي نقاشي سان بہ شوق هو. ڪيترين تختين تي بادشاهن جي شڪارن جا نقش تراشيل مليا آهن. ڪيترن بادشاهن شوق مان لئبريون قائم ڪيون. بادشاهہ اسر بنيپال (٦٦٧ ق م) کي فخر هو تہ هو لکي پڙهي سگهيو ٿي. هن هڪ .اندار لئبرري ميخي خط جي تختين سان لکيل، قائم ڪئي. هن اها ل.رري پنهنجي گادي واري شهر نينواهہ ۾ سن ٦٥٠ ق م ۾ يا ان جي لڳ

'He became a great collector of the clay docu- يڳ قائم ڪئي
ments of the past, and his library, which has been unearthed, is now the most precious source of historical material in the world.' (H. G. Wells. The Outline of History p 219) هڪ صدي پوءِ بابل جي پوئين شهنشاه نبونيداس جي شهزادي بيل — شالتي نافر، بابل ۾ هڪ عجائب گهر تعمير ڪيو جنهن ۾ ان وقت جون نادرات جمع ڪيون ويون هيون. پر ان کان به ڇهه ست صديون اڳ ۾ (١٢٠٠ ق.م)سنڌو جي ڪنارن تي ويد لکيا ويا هئا.

اصلي سنڌين بابت رايا

سنڌين متعلق مسٽر پٿاوالا جو لکڻ آهي ته سنڌ جي اصل ۽ بنيادي رهواسين بابت يقين سان ڪجهه چئي نه ٿوسگهجي ڇاڪاڻ ته انهن متعلق ڪنهن لکتي مان ڪابه ثابتي ميسر ٿي نه سگهي آهي مگر قرين قياس اهو آهي ته سنڌ ۾ رهڻ وارا اصل ۾ خانه بدوش هئا جن جو مکيه ڌنڌو شڪار ڪرڻ هو. اهي سنڌ ۾ پٿر واري زماني کان وٺي آباد هئا. پراڻي پٿر ۽ نئين پٿر وارن دورن ۾ انهن جو ڌنڌو کيتي هو ۽ مڇي سندن مکيه کاڌو هئي. "They were nomadic hunters of the stone age, and that both in Palaeolithic and in early Neolithic periods, agriculture was part of the life of the people and fish one of their important foods." (Historical Geography of Sind p 19)

ان کانپوءِ سنڌ جي بنيادي ۽ اصلوڪن رهاڪن کي نون حملي ڪندڙن زير ڪيو جنهن ڪري انهن پوءِ وڃي پر پاسي واريون ٽڪريون ۽ ٻيلا وسايا. ڀيل، ڪولهي ۽ ميد وغيره انهن جو اولاد آهن.

ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته، "عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي ته موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندوستان وسايو، سي هاٿوڪن ڪولهين، سنٿالن، ڀيلن ۽ ميدلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ به هوا يا نه تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪونه هئي پر پوءِ ڪن جون کوپريون سيوهڻ جي ڀريان لڌيون ويون. ١٩٢٢، ١٩٢٣ع ۾ ڪن ڪولهين ۽ سنٿالن جو کوپريون مهين جي دڙي مان لڌيون، جا ڳالهه آرڪالاجيڪل کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل ڄاڻائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ به هوا. تنهن ڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اهي ليکڻ گهرجن." (قديم سنڌ ص-١-)

تاريخ تمدن سنڌ جي لائق مصنف رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته ”هاڻي سوال آهي ته جن سنڌين موهن جي دڙي واري تهذيب جو بنياد وڌو هو، اهي ڪهڙي قوم مان هوا؟ محققن جي دماغي ڪاوشن ثابت ڪيو آهي ته اهي ابتدا دراوڙ هئا. جن دکن مان نڪري، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪلدانيا تائين بيٺڪون وڌيون هيون. ڪن محققن جو رايو آهي ته اهي پورنچ سمنڊ جي ڪناري تي رهندا هئا. جتان نڪري سنڌ ۾ پهتا..... سنڌين بدني ساخت متعلق محقق رزلي (Rizley) جو بيان آهي ته برصغير هند جا رهاڪو بروهي آهن جن جو رنگ ڪارو، نڪ ويڪرو وار ڪارا ۽ قدري گهنڊيدار، ڪارين اکين وارا ۽ قد ۾ بندرا هئا. جن سان پوءِ آريا، سٿين ۽ مغل قومون گڏجي ويون. ليڪن آڳاٽن بروهين متعلق مسٽر ٿرسٽن (Thurston) جو بيان هيٺ ڏيون ٿا: ”آڳاٽن بروهين ۽ پوئين بروهين ۾ ايترو فرق آهي ته آڳاٽن بروهين جا نڪ ويڪرا ڪونه هئا، نه وري قد ۾ بندرا هئا. اهي سيلان جي ويداس Veddas سليبس جي ٽولاز Tolas، سوماترا جي باٽين Batin ۽ آسٽريلين سان مشابهت رکندڙ هئا“. (تمدن سنڌ-ص ١٦)

ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ سان اتفاق ۽ جناب مولائي شيدائي جي مٿين بيان سان اختلاف ڪندي حڪيم نياز همايوني پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي طبي تاريخ“ جي صفحي ٥٢ -٥٣ تي پروفيسر ياشم جي حوالي سان لکي ٿو ته ” هندي ڏاکڻين علائقي ۾ جيڪو دراوڙي نسل آباد ٿيو ۽ اڄا تائين آهي، سو ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان اندر آباد ٿيل هو. صرف اتي ئي نه پر پوري هند ۾ دراوڙن جون عام آباديون هيون ۽ جيئن جيئن ٻاهريان حملي آور سنڌ، بلوچستان سان گڏ اتر اولهه جي سرحدي علائقن تي پنهنجي ڏاک ڄمائيندا آيا، تيئن دراوڙي قبيلا پٺتي هٽندا ويا. انهن ڳالهين مان به ثبوت ملن ٿا ته دراوڙ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو هئا ۽ پيو ته انهن جي لڏ پلاڻ ٻاهرين جي ڪاهن ڪري ٿي هئي.“

سيد سبط حسن لکي ٿو ته ”موئن جو دڙو، هڙپا ۽ ٻين جڳهين جي کوٽائي مان اڄا تائين فقط چاليهن ماڻهن جا ڍانچا مليا آهن. انهن ڍانچن جي معائني مان، محقق ان نتيجي تي پهتا آهن ته سنڌو ماٿري جي رهاڪن جا قد ننڍا مگر مٿا وڏا هئا. رنگ جا ڪارا، گنگهرو وارن وارا، ويڪري نڪ ۽ پريل چپن وارا هئا. ان بنياد تي چيو وڃي ٿو ته انهن ماڻهن جو تعلق دراوڙ نسل سان هو. ڪي ڍانچا پورنچ سمنڊ جي اوير ڪنارن تي رهڻ وارن قديم ماڻهن سان مشابهت وارا آهن. هڪ ڍانچو ڪنهن منگول جو به آهي. اهي بروهيءَ سان ملندڙ دراوڙي زبان ڳالهائيندا هئا. بروهي

قوم جا ماڻهو جي قلات، لس ٻيلي، ڪاران ۽ چغائي ۾ آباد آهن. سي سنئو ماتري جي قديم ماڻهن جو اولاد آهن." (پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا ص ٦٦ - ٦٧)

ايچ جي ويلس لکي ٿو ته "Here was a civilization which from the first seems to have grown up upon its own roots, and with a character of its own. It was cut off from the civilizations to the west and to the east by vast mountain barriers and desert regions ..... They (Aryans) found a civilization already scattered over India, the Dravidian Civilization. This had arisen independently, just as the Sumerian,Cretan and Egyptian Civilizations seem to have arisen ..." (p 386)

هندوستان ۾ هڪ تهذيب هئي جيڪا منڍ کان وٺي پنهنجن پاڙن تي اڀري هئي ۽ جنهن کي پنهنجون مخصوص خصلتون هيون. ان تهذيب جو مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن سان، بلند پهاڙن ۽ ريگستانن جي ڪري ڪوبہ تعلق نہ هو. آرين کي هن ملڪ ۾ اڳيئي هڪ ٽڙيل پکڙيل تهذيب نظر آئي جنهن کي دراوڙي تهذيب سڏيو وڃي ٿو. اها تهذيب اتي ئي جمي نپي هئي جيئن سميري، ڪريٽي ۽ مصري تهذيبون پاڻمرادو اسريون هيون.

وري، ونيسيٽ-اي-سمٿ دراوڙن بابت پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "Dravidian is the English form of the adjective Dravida, with meaning 'belonging to Dravida or the Tamil country.' It is applied with propriety to the territory, people, or language of the extreme south, but is wholly inapplicable to the Gonds, Kols, Bhars, and other so-called 'non-Aryan' tribes of Central India and the North. The word Dravida is said to be an Aryanized form of Tamil, meaning 'nice or sweet', as applied to the language."
(هندوستان جي قديم تاريخ صفحو ٤٢٩)مٿين لکت موجب دراوڙن جو اصل وطن درويدا يا تامل (ڏکڻ هندستان) هو. دراوڙ لفظ گوندن، ڪولن، ڀاڙن ڀيلن ۽ وچ هندستان ۽ اتر هندستان جي ٻين غير آرين گروهن، قبلين ۽ قومن لاءِ استعمال ڪري نہ ٿو سگهجي. درويدجي لفظي معني آهي مٺو ۽ سهڻو.

ايف. جي. پيئرس جو رايو آهي تہ آرين کان اڳي سنٿال ۽ گوند

وچ هندستان جا رهاڪو، انهن قديم ۽ تمام قديم قبلين جو اولاد آهن جن هندستان تي ڏکڻ مان ڪاهيو هيو. اهي ڪاهون اٽڪل ويهن ڪان پندرهن هزار سال اڳي پٿر واري زماني ۾ ٿيون هيون. اهي ماڻهو تهذيب جي ڪنهن ٻ دور ۾ ڳڻڻ ۽ لکڻ واري منزل تي نہ پهتا. اهي فقط شڪاري ۽ مالونڊئي رهجي ويا. پر ٻيا وري آهن دراوڙ جيڪي هن وقت ونڌيا جبلن جي ڏکڻ ۾ رهن ٿا. دراوڙ هندستان ۾ اتر اولهہ کان خيبر لڪ ۽ هماليہ کان نہ پر ايران جي ڏاکڻين پرڳڻن مان سنڌ ۾ داخل ٿيا. اهي گهڻو ڪري اڄ ڪان ڇهہ هزار سال اڳي آيا. ان وقت ايران ۽ اولهہ هندستان جي آبهوا وڌيڪ گهميل ۽ برساتي هئي. ان زماني ۾ سنڌ هڪ ريگستاني نہ پر سرسبز خطو هئي ۽ انهن حملي آورن جي مستقل آبادي ۽ قيام لاءِ موزون علائقو هئي. اهي دراوڙ قبيلا انهن ئي مان هئا جن فرات ۽ دجلہ ندين جي ماٿري ۾ سمير تهذيب جو بنياد وڌو هو. ڪيترا ڳهڻا ۽ مٽي جا برتن جي آر (UR) مان لڌا ويا آهن سي سنڌو ماٿري جي ڳهڻن ۽ مٽيءَ جي ٿانون سان مشابهت رکن ٿا. (Outline of History of Civilization pp 48 - 49)

"We might say that the first great cultural synthesis and fusion took place between the incoming Aryans and Dravidians, who were probably the representatives of the Indus Valley Civilization." (The Discovery of India by Jawaharlal Nehru pp 61-62)

پنڊت جواهر لعل نهرو جو چوڻ آهي تہ سنڌو ماٿري جي تهذيب جا نمائندا دراوڙ هئا.

" هڙاپا ۽ موهن دڙي جو خطو" نالي ڪتاب جي مصنف آر— هنٽر جو رايو آهي تہ موهن ۽ هڙاپا ۾ آباد ٿيل دراوڙ، سمنڊ رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ سندن پهريان ماڳ بلوچستان جا ساموندي علائقا هئا. آر— هنٽر جي خيالن جي ابتڙ وري ايس — وي — ونڪٽ سوميرا جو رايو آهي تہ دراوڙ قبيلا سمنڊ رستي يا خيبر لڪ جي رستي سنڌ ۾ داخل نہ ٿيا هئا. پر اهي سنڌ ترتي جا اصلي رهاڪو هئا.

مون مٿي ڪيترن ئي محققن جا خيال، رايا ۽ حوالا انڪري پيش ڪيا آهن تہ جيئن ڪنهن پڪّي ۽ پختي نتيجي تي پهچي سگهجي تہ سنڌو تهذيب جا خالق ڪير هئا؟ اڪثر محققن جو فيصلو اهو آهي تہ در. ر سنڌي هئا ۽ سنڌ ۽ هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳي آباد هئا ۽

انهن جون وسنديون سموري هندستان ۾ پکڙيل هيون. ساڳي طرح ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ دراوڙ سنڌ ڌرتي تي ڄميا ۽ نپنا. وڏا ٿي پوءِ مشرق، مغرب، شمال ۽ جنوب ۾ پکڙيا. ڪن مفڪرن جو چوڻ آهي تہ دراوڙ ڏکڻ هندستان ۾ سلون ۽ سوماترا کان داخل ٿيا ۽ پوءِ سنڌ ۾ آباد ٿيا. ڪن مورخن جو وري رايو آهي تہ دراوڙ اصل ۾ پونچ سمنڊ ۾ ڪريٽ تهذيب وارن ٻيٽن تي آباد هئا.جتان پوءِ فرات ۽ دجلہ ماٿرين مان هلي ايران ۾ وارد ٿيا ۽ اتان پوءِ سمنڊ يا خشڪي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ آرين جي اچڻ تائين سموري هندستان ۾ ٽڙي پکڙي ويا. يا ٽڙجي پوءِ ڏکڻ هندوستان ۾ تامل علائقي کي پنهنجو وطن بنايو. انهن سڀني محققن جي تحقيق ڪاوش ۽ ڪوشش تحسين ۽ داد جي قابل آهي.

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو؟

سيوهڻ، اروڙ، پنيور، بهمن آباد، آمري، ڪوٽڏيجي وغيره ۽ لڪي، بزن ڪوٽ، ڪائي، نئنگ ۽ ڪن ٻين جابلو غارن ۽ آسپاس جي ماحول، نئن گاج، نئن موهن، نئن باران ۽ ٻين نئين جي ماٿرين، سنڌو، هاڪڙو، مهراڻ، سنڌ ۽ ڪنب درياهن جي وهڪرن، منڇر ۽ ٻين ڍنڍن ڍورن جي ڪنارن ڪَنڌين متان وسندين، پراڻن ڪوٽن، قلعن، ڪوٽيرن، دڙن ۽ ٻنين، سنڌ جي سرزمين جي ورنن، خطن ۽ پهاڙي سلسلن جي مطالعي کان پوءِ مان ذاتي طور ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو سنڌي هئا جي هن ڌرتي متان ڄميا. اسريا ۽ ارتقا جون منزلون طئي ڪري مهرڳڙه آمري، ڪوٽڏجي ۽ مهين تهذيبن جا خالق ٿيا. انهن کي اوهان ائبورجنيز Aborigines چئو، رولو شڪاري Nomadic Hunters چئو، مهاڻا (Lake and Pile dwellers) چئو، يا ميهڻ چئو يا دراوڙ ۽ ڪولهي چئو. پر اهي اصلي ۽ بنيادي طور سنڌي هئا ۽ جن جي جسماني ادم، محنت ۽ مشقت سان، ۽ ذهني آسودگي ۽ پختگي سان، هن سرزمين تي دنيا جي قديم ترين،شاهوڪار ترين ۽ مهذب ترين تهذيب جي آبياري ٿي. ان سلسلي ۾ هيٺيان دليل خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. انهن مان پهريان تاريخ ۽ قديم آثارن سان تعلق رکن ٿا ۽ پويان ٻولي، ادب ۽ ثقافت سان. پوين دليلن تي اسان مان تمام ٿورن مفڪرن سوچيو آهي ۽ شايد ئي ڪنهن صاحب قلم ڪجي لکيو هجي.

تاريخي

جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻاهران يعني ڏکڻ هندستان يا پونچ سمنڊ کان ڪي ٻہ گروهہ ۽ قبيلا اچي آباد ٿين ها تہ پوءِ سنڌ ۾ انساني عمل ۽ استعمال هيٺ آيل غارن ۽ غفائن جو وجود نہ ملي ها. غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جو تعلق پراڻي پٿر ۽ ان کان بہ اڳ واري زماني سان آهي.

'Cave men in the early days of archaeology, it was believed, as a result of many discoveries in Europe of the remains of pre-historic man in caves, that Palaeolithic man always lived in caves, and the term Cave Man came into popular use as a conventional description of him.'(Encyclopedia of Archaeology by Leonard Cottrell. p 97)

غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي زماني جو تعلق گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن هزار سال ق م کان اڳ واري زماني سان آهي ۽ جو پراڻي پٿر واري زماني جو آخري ۽ پويون دور سمجهيو وڃي ٿو. پراڻي پٿر وارو زمانو اٽڪل ٽيهہ لک سال پراڻو شمار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ انسان ٻاٽي ۾ لڙهندڙ نديڙن گول مول پٿرن سان حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. انسان جي رلڻ ۽ گهمڻ وارو زمانو تڏهن کان شروع ٿيو آهي جڏهن هن ٻاڻ ڪي وڏيڪ قوي، ڪجهہ نہ ڪجهہ هنرمند ۽ جهنگلي جانورن سان وڙهڻ ۽ انهن جي شڪار ڪرڻ جهڙو سمجهيو هو. اهو دور بہ ٻارنهن سؤ سال ق م تائين اچي ختم ٿي ويو. ساڳي وقت اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ پراڻي پٿر واري زماني ۾ يا ان جي پوئين دور تائين انسان ورلي ملڻ ۽ ڏسڻ ۾ اچڻ وارو جانور هو. جهڙوڪ اٽي ۾ لوڻ.

"It is a point that few people grasp, that until the Later Palaeolithic Age, man was an extremely rare animal."(H.G.Wells p 150)

اهو هڪ نقطو آهي جيڪو تمام ٿورن يا فقط ڪن ماڻهن جي سمجهہ ۾ ايندو تہ پراڻي پٿر واري دور جي پڇاڙي تائين "انسان" بلڪل اڻ لڀ جانور هو.

ٻولي ۽ ٻولين جي شروعات

پراڻي پٿر واري زماني جو ماڻهو جيتوڻيڪ تمام گهٽ باشعور هو تنهن هوندي بہ هن ڪي شڪل، صورت، ادا ۽ انداز جي گهري ۽ پختي

سمجهہ ضرور هئي. ايئن بہ چيو ويو آهي تہ انسان پنهنجن خيالن يا اڌمن جو اظهار اشارن رستي ڪندو هو. ان دور وارو انسان آوازن، واڪن ۽ رڙين وسيلي هڪ قسم جي گفتگو ڪرڻ سکيو هو. اهي آواز ۽ رڙيون هو جانورن ۽ پکين، هوائن ۽ طوفانن، گجگوڙين، زلزلن ۽ آبشارن وغيره کان سکيو. ان سلسلي ۾ ماهرن جو چوڻ آهي تہ منڍ واريون ٻوليون فقط ڪن اسمن (نالن) ۽ حرف ندائن جو مجموعو هيون ۽ پوءِ آهستي آهستي انسان جو ذهن، جسماني اشارن ۽ حرڪتن جا طور طريقا ۽ انهن جي وچ ۾ رسمي لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو جوڙڻ ۽ پيدا ڪرڻ سکيو. ٻولين جي ماهرن، دنيا جي سڀني ٻولين کي اٽڪل روءِ ستن — ائن خانن ۾ ورهايو آهي. ساڳئي طرح قديم گروهن ۽ قبيلن جون ٻوليون جي ڪهڙي بہ شڪل، صورت، ڍنگ ٻول، ٻيهڪ ۽ وهڪ ٻڻ ۽ بنياد واريون هيون يا آهن سي سڀ هن مهل تائين پڙهيون ۽ سمجهيون ويون آهن. مگر سنڌ جي پراڻي ٻولي ۽ لپي اڄ تائين سموري ۽ پوري طرح پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچي نہ سگهي آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جا اصلوڪا ۽ پراڻا جهونا توڙي، سنڌي ٻولي جا اکر ڪن "مارڪن" جي صورت ۾ ڪپڙن تي سڃاڻپ خاطر لکندا اچن ٿا. نہ فقط ايترو پر سن ١٩٣٠- ٣٢ تائين سنڌ جا واپاري ۽ سکر ماڻهو هنڊين (Bills of Exchange) ۽ دستاويزن تي پنهنجين صحين بدران پنهنجا مخصوص مقرر ڪيل قديم مارڪا يا نشان هڻندا هئا. جن جي سرڪاري ۽ واپاري حيثيت قبول ۽ تسليم ڪيل هئي.

سنڌي ٻولي

مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان سر ويلر جي لکڻ موجب ٣٩٦ ۽ اي . ڊي. پسالڪر موجب ڇئن سون کان ڪجهہ مٿي ۽ عام راءِ موجب اٽڪل اٺ سو مهرون ۽ ٽائٽ لڌا ويا آهن ۽ اسڪوپارپولا جي ڳڻڻ مطابق سنڌو لکت جا هزارين نشان مليا آهن جن تي مختلف شڪليون، شبيهون، ۽ نشانيون اڪريل آهن. انهن تصويرن ۽ نشانين جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪسرن ئي عالمن ۽ ٻولين جي ماهرن ڪوششون ڪيون آهن. مگر مڪمل ڪاميابي اڃا ڪنهن جي نصيب ۾ نہ آئي آهي. ان سلسلي ۾ ايس — سمٿ، سي. جي گئڊ، ارنيسٽ مئڪي، ڪي. اين. ڊڪشٽ، فادر هيريس، جي. آر هنٽر ۽ ايس لئگنڊن جا نالا ذڪر جي قابل آهن. "سنڌ صدين کان" جيڪو جڳ مشهور سيمينار ڪراچي ۾ مارچ ١٩٧٥ ۾ منعقد ٿيو هو ان ۾ هن مشهور محقق اسڪوپارپولا "سنڌ لکت جو اڀياس" جي عنوان سان هڪ تحقيقاتي مقالو پيش ڪيو هو. ان مقالي ۾ ان وقت تائين جيڪي

ڪوجنائون سنڌي ٻولي بابت ڪيون ويون هيون. انهن جو اختصار سان مگر جامع جائزو پيش ڪيو ويو هو. مقالي جي پڇاڙي ۾ فاضل مصنف اها اميد ظاهر ڪئي هئي ته "ليڪن هڪ ڳالهه جا صاف نظر اچي ٿي، اها هي آهي ته سنڌو لکت جي مطالعي ۾ هاڻي نهايت دلچسپي جو اظهار ڪيو وڃي ٿو ۽ مون کي يقين آهي ته انهي شوق ۽ جستجو ۾ ڪيترا ئي نئين قسم جا ڪارگر ۽ اثرائتا قدم کنيا ويندا ته جيئن سنڌو لکت جي ڳجهارتن کي گوشه راز مان ٻاهر ڪڍي، صفحه هستي تي نروار ڪيو وڃي." (سنڌ صدين کان ص ١٤٦)

اڄ انهي اميد کي ٻه چوڏهن سال گذري ويا آهن مگر ڳالهه اتي ئي بيٺي آهي. محترم سراج سنڌي ٻولي تي هڪ ڪتاب "سنڌي ٻولي" جي نالي سان سن ١٩٦٤ ۾ لکي ڇپايو هو. ان ڪتاب ۾ فاضل مصنف سنڌي ٻولي کي ٻين هند يورپي زبانن سان ڀيٽي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته "سنڌي هڪ مکيه ٻولي آهي جنهن مان اڪثر هند يورپي ٻوليون "سنسڪرت" سميت جڙيون آهن." ان مان اهو ثبوت ملي ٿو ته سنڌي زبان ۽ ٻولي پنهنجي جوڙجڪ ۽ بڻ بنياد جي لحاظ کان، دنيا جي شايد اها واحد ٻولي آهي جنهن جو ڪنهن به ٻئي ٻولي سان بنيادي تعلق نه هئڻ جي برابر آهي. ان باري ۾ مان محترم ابراهيم جويي کي سند طور پيش ڪريان ٿو. جويو صاحب لکي ٿو ته "ٻولي ئي آهي، جنهن جي بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ علحده وجود ٺهي ٿو ۽ قائم رهي ٿو. سون هزارن بلڪ لکن سالن جي تاريخي پس منظر ۾ ئي ٻولي پنهنجي مستقل ۽ علحده صورت اختيار ڪري ۽ قائم رکي سگهي ٿي. قومون پڻ پنهنجي تاريخ ۾ ايتريون ئي قديم آهن جيتريون سندن علحده علحده ٻوليون." ان کان سواءِ سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ ٻيو ڄاڻو ۽ سڃاڻو ڊاڪٽر اين - اي - بلوچ لکي ٿو ته: "سنڌي جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو. ان جو بڻ بنياد، ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي." ساڳئي طرح فنس ۽ روسي ماهرن جو چوڻ آهي ته "مهن جي دڙي جي ٻولي، دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد آهي."

تهذيبي ثبوت

سنڌ جي تهذيبي تاريخ جا ڪي اهڙا نمايان باب آهن جيڪي هن ملڪ جي تهذيب کي مصر، عراق، يونان، ايران ۽ روم جي پراڻين تهذيبن کان مٿاهون ڪن ٿا. انهن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ حقيقت وارو باب اهو آهي جو اهي سڀ قديم تهذيبون مري کپي ويون ۽ پويان فقط پنهنجا

قديم آثار کنبرن جي صورت ۾ چڏي ويون. اڄ جي مصريءَ کي اهرامن واري مصر ٣١٨٨ ق م سان، اڄ جي يوناني کي ڪريٽ ٢٤٠٠ ق م ۽ ڊلفيا ۽ اولمپيا واري يونان سان، اڄ جي رومي کي آڪاڙن ۽ رٽن واري روم سان ٧٥٠ ق م، اڄ جي شامي، عراقي ۽ ايراني کي حمورابي جي (٢١٠٠ ق م) ۽ اسر بنيپال (٦٦٨ ق م) جي تختين ۽ لٺين سان ڪوبہ تعلق ۽ ڪنهن بہ قسم جو سنبڌ نہ رهيو آهي. مگر ان جي ابتڙ اها ڪيرٿر سنڌو يعني جابلو ۽ ميداني تهذيب ئي دنيا جي واحد تهذيب بچي ۽ رهي آهي جنهن جو اڄ تائين هن سرزمين تي رهڻ وارن انسانن سان سلسلو لاڳاپو ۽ واسطو رهندو اچي ٿو. جينوٽيڪ اهو تعلق بہ اوترو ئي پراڻو ۽ جهونو آهي. ان باري ۾ سند طور ڊاڪا يونيورسٽي جي هڪ سابق وائس چانسلر صاحب آر. سي. مجمدر جو بيان هيٺ پيش ڪريان ٿو:

‘India now takes her place, side by side with Egypt and Mesopotamia as a country where we can trace the dawn of human civilization and the beginning of those thoughts, ideas, activities and movements which have shaped the destinies of mankind all over the civilized world ....The chief difference between India and the other ancient countries mentioned above, lies in the continuity of her history and civilization. The culture and civilization of Egypt, Sumer, Akkad, Babylon, Assyria, and Persia have long ceased to exist. They are now mere past memories and their history possesses only an academic interest. Indian history and institutions, however, form an unbroken chain by which the past is indissolubly linked up with the present. (Vedic Age V.I. p 38).

مٿين ٽڪري ۾ آر سي مجمدر لکي ٿو تہ: ”هاڻي سنڌو جي تهذيب بہ مصر ۽ فرات دجلہ ماٿري وارين تهذيبن سان ڪلهو ملائي سگهي ٿي. هن سر زمين تي بہ انساني سڀيتا جي صبح جا آثار ۽ اهڃاڻ ملن ٿا. هتي بہ انسان جي بنيادي ۽ منڍ واري فڪر ۽ عمل جون اهڙيون ئي ساکون ۽ شاهديون ملن ٿيون جن جي مدد سان انسان ذات، سموري متمدن دنيا ۾، پنهنجي منزل ۽ مقصد ڏانهن وڌي آهي. مگر مکيہ تفاوت جيڪو سنڌ ۽ ٻين ملڪن وچ ۾ آهي، سو هي آهي تہ سنڌو جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ تسلسل آهي. مصر، سمير، اڪاد، بابل، اسير، يا ايران جون قديم تهذيبون گهٽو اڳي، مري کپي ويون ۽ انهن تهذيبن جا، هن وقت فقط داستان ۽ يادگار

ٻڇيا آهن ۽ انهن جي تاريخن کي فقط علمي ۽ ادبي اهميت حاصل رهي آهي. مگر سنڌو جي تاريخ، سياڻن ۽ ادارن جي وچ ۾ نه ٽٽڻ وارو سلسلو ڳانڍاپو ۽ تعلق آهي جنهن رستي ماضي، حال سان ڳنڍيو ۽ جڙيو اچي ٿو.

سنڌ ۾ ڏيکي ڳاڏي اڄ به اهائي استعمال ڪئي وڃي ٿي جيڪا هزارين سال اڳي سنڌو ماٿري ۾ رهڻ وارا استعمال ڪندا هئا. سنڌ جا ڳوٺاڻا ۽ ٻيا سکر ماڻهو ساڳئي نموني جا ٿن گلن وارا اجرڪ ۽ ته گليون جتيون اڄ به خوشي سان پهريندا ۽ پائيندا آهن. اڄ به ڳوٺاڻا ساڳي طرح، چوئنرا، جهوپا ۽ جهوپڙيون ٺاهي، انهن ۾ رهن ٿا. مٽي، ڌاتو ۽ سپي جون چوڙيون (ٻانهيون) ڪافور، عاج، چاندي ۽ سون ۾ ضرور بدليون آهن مگر مٽن چٽ ساڳيا آهن.گيت، ڀڄن، مولود ۽ مناجاتون، لاڏا ۽ لائون سهرا ۽ ڳيچ، دهل ۽ شرنايون، ٽول ۽ ٽليون، نڙ، ناد، نفيلون، بوڙينبو ۽ چنگ، چوڏيل ۽ ڦرٽيون، نوَ ٽڻ ۽ ونجهوٽيون، رلڪا ۽ رليون، پنڪا ۽ سٽٽون، پوتيون ۽ چُنيون، مکڻ ۽ مانڌاٽيون، گنديون ۽ پليون دلا ۽ چاڏيون وغيره سڀ ڪجهه ڪالهه وانگر اڄ به سنڌي سماج ۾ مروج آهن. اهي سڀ حقيقتون آر- سي - مجمدر جي بيان کي سچو ثابت ڪن ٿيون ته سنڌ جي اڄ واري ثقافت ۽ تهذيب کي ماضي جي تهذيب ۽ ثقافت سان ساڳيو رشتو ۽ تعلق آهي. هڪ نه منجنڊڙ تسلسل!

ساڳي وقت سر ويلر ۽ پروفيسر گنڪووسڪي وري هڪ وڏيڪ اهميت واري ڳالهه ڪن ٿا هو چون ٿا ته:

"......the Indus Civilization can claim a larger area than any other of the known pre-historic or pre-classical civilizations." He further writes, "Behind so vast a uniformity must lie an administration and economic discipline however exercised, of any impressive kind." (The Indus Civilization p.3. 1962 publication)

"The Indus Valley Civilization thus seems to have embraced a far larger area than the ancient civilizations of the Nile Valley and Mesopotamia. It is established that the Indus Valley served as a major territorial nucleus whence the civilization was spreading eastward down the Indus's left tributaries, southward along the sub-continent's western coast and westward along the coast of Makran."

"Archaeological evidence indicates that the Indus Civilization had sprung on local soil and was the outcome of the progressive historical development of the autochthonous farming cultures of the north-western part of the subcontinent."

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

"Archaeological evidence enables us to bring out the successive periods of the Harappan Civilization and gives a convincing indication that although the civilization was a close knit unity there may have been local cultural differences and peculiarities in different areas. Among the areas that can already be isolated are Kalibangan, Rangpur - Lothal, Rupar - Alamgirpur, north eastern Baluchistan, etc. The opinion expressed by some scholars that the Indus Civilization was uniform and stagnant should thus be rejected"

(Yu. V. Gankovsky. The Peoples of Pakistan. pp 29, 30.)

ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر رفيق مغل به ڪري ٿو ته:

"The evidence shows that the area covered by the Indus Civilization was larger than any of the known civilizations of the ancient world." Dr. Mughal further writes, "The picture of the Indus Civilization, as presented to us through many years of excavation, is that of a highly disciplined society, possessing sufficient economic wealth to mobilize labour and to support full-time craftsmen. It also possessed resources to engage in long-distance trade or exchange of products. The existence of interrelated but highly developed socio political and religious institutions, as reflected through their well planned cities, public buildings, large fortifications, granaries and standardization of material equipment through mass production, is evident." (Present State of Research on Indus Valley Civilization pp

40-43)

سر ويلير، پروفيسر گنڪووسڪي ۽ ڊاڪٽر مغل جي مٿي ڏنل لکڻين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌو تهذيب پنهنجي اوج ۽ عروج واري زماني ۾ دنيا جي سڀني اتم ۽ مشهور تهذيبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ۽ تمام وسيع علائقي ۾ ڦهليل هئي. ان ڪانسواءِ اها تصوير جيڪا سنڌو تهذيب جي وڌيڪ کوٽائين مان ملي ٿي، سا صاف ظاهر ڪري ٿي ته سنڌو تهذيب وارو سماج هڪ منظم سماج هو جنهن ۾ مقامي ماحول، حالتن ۽ آبهوا ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڦير گهير به هڪ فطري عمل جو نتيجو سمجهڻ گهرجي. ساڳئي وقت هڪ جامد ۽ ساڪن سماج به نه هو. اهو سماج اقتصادي طور تي شاهوڪار هو. جنهن وٽ تمام گهڻا وسيلا هئا جنهن ڪري تمام گهڻو تعداد پورهيتن ۽ هنرمندن جو ڪم ۾ لڳائي ٿي سگهيو. ان ڪانسواءِ ڏور ڏيساورن سان واپاري ناتا ۽ شين ۽ وستن جي مٽا سٽا جو بندوبست به ڪري سگهيو ٿي. پنگتي ۽ پنچائتي ۽ نيم ترمي شاندار عمارتون، شهرن جي بيهڪ ۽ اڏاوت، شهر پناهون، اناج جا گدام وهنجڻ جون جايون ۽ عام جام گهرو استعمال جون شيون کليل ۽ صاف دليل آهن ته سنڌي يا سنڌو سماج هڪ صاف سٿرو، شاهوڪار، فلاحي، منظم ۽ موثر سماج هو. اهو ته تاريخ کان اڳ واري دور جو سماج هو جڏهن ته تاريخ جي وچين دور ۾ روزانو وهنجڻ شاهوڪار ۽ وڏن گهراڻن ۾ عيب سمجهيو ويندو هو.

"Aristocrats in medieval times considered bathing a sign of poverty and the need to labour, and many boasted, they had never taken a bath."(Daily Star.16th May 1985.)

سنڌ جي آبهوا متعلق سر ارل اسٽين، ايلس ورٿ، سر جان مارشل جا رايا آهن ته سنڌ ۾ اڄ جي مقابلي ۾ اڳي تمام گهڻو ۽ جهجهو اٿي موجود هو. ان جوسبب گهڻي برسات ۽ گهڻين ندين ۽ نئين جو وهڻ هو. سنڌ کي ندين جو ملڪ به سڏيو ويو آهي. "The land of Rivers,'. جنهن ڪري ان زماني ۾ سنڌ وڌيڪ آباد ۽ شاداب هئي. موسميات کاتي جي هڪ سربراهه جو حوالو پٿاوالا جي ڪتاب هسٽاريڪل جاگرافي آف سنڌ ۾ موجود آهي (صفحو ٢٣). ڊاڪٽر سي ڊبليو نارمنڊ چيو آهي ته:
".....more rains in the summer months was possible in Sindh and Baluchistan at the time of the Indus Valley Civ-

ilization." تمام گهٽي ۽ جهجهي پاڻي هئڻ جي حقيقت ان ڳالهہ مان بہ ثابت ٿئي ٿي تہ سنڌ ۾ گهاٽا ٻيلا ۽ وڏا جهنگ هئا جن ۾ مينهيون، گينڊا، چيتا، شينهن، ڦاڙها ۽ هاٿي تمام وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. جن جا پنڊپهڻ (fossils) ملن ٿا. ساڳي طرح درياهن ۾ ٻلهڻ، ٻلهڻيون (Dolphins) ۽ واڳون بہ رهندا هئا. ان ڪري ئي ڪن عرب مورخن نيل ۽ سنڌو درياهن جو پاڻ ۾ تعلق بہ ڏيکاريو آهي. درياهن ۽ ڍنڍن ۾ مڇي بہ عام جام هوندي هئي جنهن ڪري سنڌين کي مڇي کائو (fish eaters) بہ سڏيندا هئا. ۽ سنڌي اڄ بہ مڇي کائو آهن. ان کانسواءِ سنڌ ۾ ڪپهہ، ڪڻڪ ۽ نير جا فصل بہ پيلا ٿيندا هئا. ڪاڇي ڪوهستان ۽ ٿر ۾ ٻاجهر ۽ جوئر جا فصل سٺا ٿيندا هئا. ٺڪرين تي جوئر جا پن ۽ سنگ بہ چٽيل مليا آهن. موهن جي دڙي ۾ هر هڪ گهر ۾ کوهہ مليو آهي. ان کان سواءِ هڪ وڏو تلاءُ يا حوض، ۽ سنڌ جي هر ڳوٺ جي ڀرسان ننڍي وڏي ڍنڍ، ڍوري يا ڪڏ جو هئڻ ثابت ڪري ٿو تہ سنڌ هڪ گرم ملڪ آهي جنهن ۾ فقط ٻہ مندون ٿين ٿيون. هڪ اونهارو ۽ ٻي سياري جي مند. سيارو ويهين نومبر کان وٺي ويهين فيبروري تي ختم ٿئي ٿو ۽ باقي سال جا نو مهينا اونهارو آهي. سياري ۾ ٿڌ گهٽ پوي ۽ اونهاري ۾ گرمي. ان سلسلي ۾ پٿاوالا صاحب جا هيٺيان جملا ثابتي يا سند طور پيش ڪري سگهجن ٿا. هو صاحب لکي ٿو تہ:

"The temperature of the air, however, seems to have been the same, if not higher than at present, because cotton was grown and cotton clothes were worn. The great bath is also a proof that summer days were hot and the growth of wheat a sign of winter cold sufficient for the corn to thrive.Lastly, the rhinoceros existed always in an almost steamy heat, actually more often under the equator than any-where else. (Historical Geography of Sind p 25)

پٿاوالا صاحب لکي ٿو تہ سنڌ ۾ جيڪو گرمي جو پد آهي سو گهڻو ڪري ساڳيو آهي. هتي ڪپهہ (وڻڻ) پوکي وڃي ٿي ۽ سوٽي ڪپڙو پهريو وڃي ٿو. ڪڻڪ جي پوک سردي جي ثابتي آهي ۽ رائناسيرس يعني گينڊو خط استوا جي گرمي پد کي ثابت ڪري ٿو. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ڪڻڪ پهرين سنڌ ۾ پوکي ويئي ۽ چين ۾ پوءِ يعني ٢٧٠٠ ق م، ۾. موهن وٽ ڪڻڪ جو مچو پنڊ پهڻ جي صورت ۽ حالت ۾ موجود آهي.

شهرن ۽ گهرن جي بيهڪ

آبهوا جي انهن حالتن کي سامهون رکي، سنڌ جي سيني پراڻن شهرن ۾، اسان اڄ تائين پنهنجن گهرن جا منهن اوڀر ۽ ڏکڻ طرفن ڏانهن ڪندا آيا آهيون ته جيئن اونهاري ۾ سج جي تيز ۽ سخت گرم ڪرڻن کان ۽ سياري جي سرد هوائن کان پاڻ کي بچائي رکون. ان کان سواءِ اسان وٽ وڻندڙ تڏيون هيرون هميشه ڏکڻ ۽ اوڀر کان لڳنديون آهن. عام چوڻي آهي ته "آءُ ڏکڻ ڏيهي، پيچ مڇرن جي پيهي". گهرن جي ان طريقي جي اڏاوتن سبب، اسان جا ڳوٺ ۽ شهر ڏکڻ، اوڀر طرفن ڏانهن وڌيا ۽ ڦهليا آهن. سنڌ جي پراڻن دڙن، ڪوٽيرن ۽ ٺٽين وغيره جي بيهڪ به اسان جي اڄ جي قديم پراڻن شهرن جي اڏاوتن مطابق آهي. ماڻ اهو ڏسي حيران ٿيس ته سنڌ ۾ جيڪي به غارن ۾ رهڻ وارن انسانن جا رهائشي غار سلامت آهن انهن جا منهن به گهڻو ڪري اوڀر ۽ ڏکڻ طرفن ڏانهن آهن. اوهان ڪائي ماتري ۾ يا لڪي تيرٿ جي چشمن پرسان موجود غار گهمي ڏسو. ڊاڪٽر خان ته چوي ٿو ته سنڌو تهذيب جو تهذيبي وهڪرو به ڏکڻ، اوڀر طرفن ڏانهن وهيو ۽ وڌيو آهي. ساڳيو رايو ڊاڪٽر فيئر سروس به پيش ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته سنڌو ڪيرٿر ماترين ۾ تهذيبون به ڏکڻ ۽ اوڀر طرفن ڏانهن ڦهليون آهن. انڪانسواءِ جيڪي دڙا کوٽيا ويا آهن مثال طور مهن جودڙو انهن جي گهٽين ۾ پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون گهٽين جي وچ ۾ نهيل آهن. سيوهڻ، ٻوٻڪ، شڪارپور وغيره پراڻن شهرن ۾ پاڻي جي نيڪال جو ساڳيو بندوبست آهي. گويا اسان جي گهرن، گهٽين ۽ شهرن جي اڏاوت ساڳئي نموني جي آهي جيڪا صديون اڳي اسانجي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي وڏن جي زماني ۾ هئي. حڪيم نياز همايوني سنڌ جي طبي تاريخ جي صفحي ٦٢ تي هڪ محقق جو حوالو پيش ڪيو آهي ته خشتي ڪتبن ۾ سنڌ جي شهر جي رهواسين بابت لکيو ويو آهي ته : "هي اهو شهر آهي جتي ڪنواريون ڇوڪريون گهرن ۽ گهٽين ۾ گندو پاڻي نه ٿيون هارين."

جناب مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "تاريخ تمدن سنڌ" جي صفحي ٩٧ تي سنڌين جي فوجي قوت واري باب ۾ هيرو ڊوٽس جي حوالي سان لکي ٿو ته "سنڌي سوار ۽ پيدل فوج جا سپاهي هئا. سندن پوشاڪ سوٽي ڪپڙي جي هئي ۽ سندن هٿيار تير ۽ ڪمان هئا. تير ڪانن ۽ بيدن جا جڙيل هئا جن جا مٿا لوهه جا هئا. اهي پاڻ سان هلڪا رٿ ۽ هاٿي به کڻندا هئا." ان ساڳئي قسم جي تير جو هڪ سهڻو ۽ ڪي ٻيا رواجي مٿا

مونکي رني ڪوٽ (نئه روٽي ڪوٽ ـ نيرون ڪوٽ) مان مليا آهن جيڪي مون وٽ محفوظ آهن. ڪتاب ۾ ان مکيه تير جي تصوير ڏجي ٿي.

ساڳي ڳالهه پٺاوالا ورجائي آهي. هو صاحب لکي ٿو ته:

"The Indians wore garments of tree wool (cotton) and carried bows of reed and iron tipped arrows of the same. They were armed in like manner as their foot; they rode swift horses and they drove chariots drawn by horses and wild asses." (Historical Geography of Sind p 58.)

پروفيسر چيتن ماڙيوالا، صديقي م - ادريس ۽ حڪيم نياز به پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌ جي ڪپهه جو ذڪر ڪيو آهي. سيني صاحبن لکيو آهي ته ڪپهه ۽ ڪپهه مان ٺهيل سوٽي ڪپڙي کي سوميري "سنڌو" يوناني "سنڊان" ۽ مصري "سينڊال" ڪري سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته ڪپهه ان دور ۾ فقط سنڌ ۾ پوکي ويندي هئي.ايران، سمير، يونان ۽ مصر ملڪن کي ڪپهه جي ڄاڻ ۴٦۵ ۽ ٣٣٠ ق.م تائين ڪانه هئي. ايراني ۽ سميري ان کي (tree wool) ڪري سمجهندا هئا. هوروڊوٽس(۴٨۴ - ۴٢٩ ق.م) به ڪپهه لاءِ ٽري وول لفظ استعمال ڪيو آهي، جو اصل ۾ ڪپهه لاءِ جرمن لفظ آهي.

سنڌي ٻيڙيون ۽ غوراب

موهين جي دڙي جي کوٽائي ڪندي، دڙي جي مٿين تهن مان مٽيءَ کي هڪ اهڙي مهر دستياب ٿي جنهن تي هڪ ٻيڙي جي شڪل گهڙيل آهي. وري راءِ صاحب کي گجرات ۾ سنڌو تهذيب جي هڪ مکيه ۽ مرڪزي شهر لوٿل مان، پڪل مٽي جا ٺهيل ٻيڙين جا ڪي نمونا مليا آهن. اهي ٻوتا ٽن قسمن جا آهن. انهن مان هڪ تمام سهڻي ماڊل واري ٻيڙي آهي جنهن کي تري ۾ تکو ۽ نوڪدار ڪنبو (keel) ڇهنبدار ڪمان ۽ سخت پاڇل آهن. پاڇل ۾ هڪ سوراخ آهي جنهن ۾ سڙهه چاڙهڻ لاءِ لڪڙو کوڙيو ويندو هوندو. نه فقط اهو پر راءِ صاحب کي هڪ اهڙي ٺڪري به ملي آهي جنهن مٿان ڪيترن ئي ونجهن واري ٻيڙي چٽيل آهي. هڪ ٻيڙي تي به پکي ۽ بندڪاري جون شڪليون به نڪتل آهن. ان ٻيڙي، پکين ۽ بند ڪاريءَ جي شڪلين مان منڇر تي رهڻ وارن ميربحرن جي ٻيڙين، ڪارين ۽ پاليل پکين جو نظارو اکين اڳيان تري ٿو اچي. ڊاڪٽر فيئر سروس موهين جي دڙي مان لڌل مهر واري ٻيڙي کي مصر ۽ سمير جي تهذيبن واري ٻيڙي سان مشابهت ڏني آهي. مگر مان ذاتي طور ان خيال

جو آهيان تہ اها ٻيڙي سمونڊ تي سفر ڪرڻ لاءِ ٺهي سگهي ٿي. سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارين ٻيڙين ۽ غورابن جا پاسا، اڳل ۽ پاڇل مٿي ۽ اڀيون رکيون وينديون آهن تہ جيئن سامونڊي لهرن کان سولائيءَ سان بچاءُ ڪري سگهجي. ان قسم جا ٻيڙا ۽ غوراب سنڌي وڻجارا ۽ ناکئا سمنڊ تي سفرڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اها ڳالھہ ٻڌي اوهان کي تعجب ٿيندو تہ گجرات ۾ بہ مهاڻن ۽ ميربحرن جي ڳوٺن کي "مياڻيون" سڏيو وڃي ٿو جيئن سنڌ ۾ رواج آهي. نہ فقط ايترو پر گجرات ۾ جيڪا نال ڀال ڏني آهي ان ڏنڍ جي مهاڻن جون شڪليون ۽ مهانڊا، ٻيڙيون ۽ ڪاريون، رهڻي ڪهڻي، ونجهہ ۽ رڇ، ٻيڙيون بہ منڇر ڏنڍ جي مهاڻن سان هڪ جهڙائي ۽ مشابهت رکن ٿا.

سنڌ ۽ سمير جي وچ ۾ تمام گهڻو سامونڊي واپار هلندو هو جنهن جو ذڪر هر هڪ محقق ڪيو آهي سر ويلر لکي ٿو تہ:

....reference may be made to certain Sumerian and Akkadian cuneiform documents which refer to a land called Dilmun or Telmen. This was in one sense regarded as an otherworldly paradise, a place "where the sun rises" i.e., somewhere to the east of Sumer, but it was a substantial source of material goods: ships of Dilmun brought wood to Ur Nanshe of Lagash about 2450 B.C., and Sargon about a century later records that ships from Dilmun, Magan and Meluha docked in his new capital Agade. (The Indus Civilization p 81)

سمير ۽ اڪاد جي ڪن تختين تي ڪنهن هڪ اهڙي سرزمين جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن کي دلمون يا تلمون سڏيو ويندو هو. يعني اها سرزمين جنهن مان يا جتان سج ابري ٿو. جيڪا سمير جي اوڀر ۾ آهي. جتان تمام مال ۽ سامان اچي ٿو. دلمون جا ٻيڙا ڪاٺ کڻي لاگاش جي اُر بندر تي آئيندا هئا. اهو واپار ٢٤٥٠ ق م ۾ بہ هلندو هو.

اين. جي. مجمدر لکي ٿو تہ سيوهڻ شهر ۾ عقيق ۾ ڪرڙ جي ڪاٺي جي رس مان اهڙي جڙاوت ڪئي ويندي هئي جا ان قيمتي پٿر جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرندي هئي. اهي عقيق جا مڻيا ٻهمن آباد، مهن جي دڙي، چانهون جي دڙي ۽ هندستان جي ٻين قديم شهرن مان لڌا ويا آهن. سمير تهذيب جي هڪ قديم شهر ڪش (Kish) مان بہ

ان قسم جا مٽيا مليا آهن. اهوهنر هن وقت مري ويو آهي. سيوهڻ شهر ۾ ڪنهن سمي صراف ۽ ڄوڙيگر بزاريون هيون جي اڄ ڪنبرن جي حالت ۾ ب نظر نہ ٿيون اچن.

سنڌ جي طبعي جاگرافي جي مطالعي ڪرڻ سان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اهڙا بند يا بنڌ ۽ بنتڙيون، ماهرن ڪي ڏسڻ ۾ آيون آهن جن ماهرن ڪي حيرت جي عميق درياه ۾ اڇلي ڇڏيو آهي. انهن بندن جي قدامت، ساخت ۽ افاديت اڄ جي پڙهيل ڳڙهيل انجنيئرن لاءِ عبرت جو باعث آهن. انهن بندن کي عام طور گبر بند سڏيو وڃي ٿو. انهن بندن بابت ايچ - ٽي- لئمبرڪ جو رايو غور طلب آهي.

"The circumstantial evidence for the belief that the gabar bands antedated the Persian monarchy is on the whole stronger. In the first place, it is obvious that there must have been some connection between them and the numerous remains of settlements in their vicinity. These works enabled, agriculture on a scale sufficient to support a population far larger and more stable than that of the present time. Many of the mounds indicate by their very height a long period of probably continuous habitation. Excavation of them, up to the time of writing has not proceeded beyond experimental trenching except in a few instances; but the relics recovered all belong to one or other of the Bronze Age peasant cultures which were scattered throughout Western Asia between B.C. 3000 to 1000.

".......the same prehistoric people who long inhabited the numerous village sites in this region were skilful agricultral engineers, and devoted much labour to adapting the neighbouring terrain so as to secuse the maximum possible cultivation." (Sind A General Introduction. pp 53, 54.)

ايچ. ٽي. لئمبرڪ موجب، اهي گبر بند ايراني حڪمرانن جي دور کان اڳ جا آهن. انهن بندن ۽ بندن جي ويجهو جيڪي ڳوناٺيون وسنديون لڌيون ويون آهن، تن وچ ۾ گهرو تعلق آهي جا ڳالهہ صاف ظاهر آهي. انهن بندن جي وسيلي زراعت کي وڏي هٿي ٿي ملي ۽ جهجهي آبادي ۽ آدم لاءِ

خود ڪفيل هئا. بندن جي ويجهو جيڪي دڙا ۽ بنيون لڏيون ويون آهن سي ايتري قدر تہ مٿي اوچيون آهن جو ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ اتي ڪافي گهٽي وقت تائين ماڻهن جون وسنديون هيون..... اهي تاريخ کان اڳ واري دور جا هن ترقي تي رهندڙ، هوشيار ۽ ماهر زراعت پيشي وارا انجنيئر هئا ۽ انهن جو گهڻو وقت ۽ محنت آس پاس وارين زمين کي پوکي لائق بنائڻ ۾ صرف ٿيندو هو. اڳتي هلي لئمبرڪ لکيو آهي تہ ايراني حاڪمن پنهنجي اقتدار واري زماني ۾، انهن بندن جي مرامت، پنهنجي آمدني ۽ خراج جي واڌاري جي خيال کان تي سگهي ٿو. تہ ڪرائي هجي. اهوئي سبب آهي جو ايراني حاڪمن وٽ وڏي ۾ وڏو زرخيز، اپت ۽ خراج ڏيڻ وارو صوبو سنڌ هو. جتان ڪين تازه دم فوج بہ ميسر ٿي سگهي ٿي. ان قسم جا بند پونچ سمند، يا تامل يا ايراني ۽ عراقي علائقن ۾ نظر نہ آيا آهن. انهن بندن جا معمار خالص سنڌي هنر مند، پورهيت ۽ پوک ڪرڻ وارا هئا جي ماهر انجنيئر بہ هئا.

هاڻي مان صدين جي پراڻي، ڪريل، گندي، خودغرضي، حسد ۽ ڪيني واري هڪ روايت جو ذڪر ڪندس، جيڪا سنڌين جي مزاج جي ترجماني ڪري ٿي. جيتوڻيڪ هرهڪ سمجهدار سنڌيءَ جو ان سبب ڪري، شرم وچان ڪنڌ جهڪيو وڃي. سڪندر اعظم (٣٥٦ - ٣٢٣ ق م) جي اميرالبحر نيرڪس جي سفرنامي تي تبصرو ڪندي وليم ونسينٽ لکي ٿو تہ:

"Invasion is too often fortunate in finding the jealousy of the natives favourable to the schemes of the invader, and the petty interests of opposite parties co-operating to their mutual destruction," (Voyage of Neaschus p 134.)

ان سفرنامي ۾ راجا سمبوس جي ملڪ، قوم ۽ فرار جواحوال بہ ڏنو ويو آهي. راجا سمبوس ۽ راجا مسيڪانوس جي حسد، ساڙ، رقابت، سازشن ۽ لڙاين جو احوال بہ آيو آهي. ان ڪانسواءِ سنڌين جي هڪ وڏي ڪريل ۽ پراڻي ڪمزوري "هڪبئي کي نہ سهڻ ۽ هڪبئي جون پڳون لاهڻ" جو بہ بيان ڏنو ويو آهي. سنڌي راجائن ۽ حاڪمن (۽ سرندي وارن) هميشہ حملي آورن جو ساٿ ڏيئي، پنهنجن دشمن هٿان پنهنجا ملڪ ۽ ملڪيتون وڃايون آهن ۽ پنهنجا ماڻهو مارايا آهن. موٽ ۾ خود ڪين بہ پوءِ ساڳئي انجام سان همڪنار ٿيڻو پيو آهي؟

اين. جي. مجمدر. هنيري ڪزنس، ايڇ. ٽي لئمبرڪ. والڊ فيئر سروس. محمد ادريس صديقي ۽ ٻين ماهرن جو چوڻ آهي ته روهڙي ڪان وٺي ڪوٽڏيجي تائين جيڪي واري جا دڙا، پٽون، ۽ ٽڪريون آهن انهن مٿان تمام گهڻي تعداد ۾ چقمق پٿر جا ننڍا ۽ ڪي وڏا ڳپ ملن ٿا جي گهڻوڪري اڻ گهڙيل آهن. انهن اڻ گهڙيل پٿرن جي ڍڳن مان ڪي گهڙيل ۽ تراشيل ڦر (chert blades) ۽ ڪهاڙيون به ملن ٿيون. انهن پٿرن جي عمر لکن سالن ۾ ۽ گهڙيل پٿرن جي عمر به هزارن سالن ۾ ڪٿي وئي آهي. ان مان سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي قدامت جو انداز بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. روهڙي ٽڪرين مٿان انهن پٿرن گهڙڻ وارو ڪارخانو سڄي سنڌو ماٿري ۾ مشهور هو. پٺاوالا ان بابت لکي ٿو ته:

"Mr. Carter considers some of these relics as belonging to the Microlithic age and others to the Neolithic age ranging from 6000 B.C. to 8000 B.C. These relics show that they were manufactured at certain central prehistoric factories such as the Rohri flint factory etc. (Historical Geography of Sind. p 20)

ان حساب سان سمير جي تهذيب (٢٩٠٠ ق م) ۽ مصر جي تهذيب (٣٢٠٠ ق م) ڪان سنڌو جي تهذيب اٽڪل روءِ ٻن هزارن سالن ڪان به وڌيڪ پراڻي آهي. جنهن ڪري اهو چوڻ غلط آهي ته سنڌو جون تهذيبون (cultures) مصر يا سمير جي تهذيبن جو نقل آهن.

اها حقيقت به پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح ۽ درست آهي ته وڌيڪ شاهوڪار تهذيبون پنهنجا اثر ۽ نشان، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي طور گهٽ شاهوڪار تهذيبن تي ڇڏيا آهن. جيئن اي. ڊي. پسالڪر پنهنجي مضمون "دي انڊس وئلي سوليزيشن" ۾ لکيو آهي ته:

"The most important piece of evidence testifying to the influence of the Indus Valley on Sumer is the fashion of hair-dressing adapted by Sumerian women from the Indus Valley."

هڪ مکيه ثابتي يا شهادت جنهن موجب سنڌو تهذيب جوسميرين مٿان اثر ظاهر ٿئي ٿو اها آهي وارن جي سينگارڻ جو فن، جيڪو سنڌو تهذيب وارن سمير تهذيب وارن کي سيکاريو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سمير تهذيب سنڌو تهذيب کان گهڻو ڪجهه پرايو ۽ ورتو ۽ موٽ ۾ ڪي

معمولي واپاري شيون سنڌو تهذيب وارن کي وڪڻيون. مٿيون حوالو پسالڪر صاحب، ڪارليٽن جي ڪتاب ”مدفون شهنشاهتون“ تان قلمبند ڪيو آهي.

لائق محقق جو حوالو مهن جي دڙي مان لڌل ان پتلي ڏانهن آهي جنهن کي قديم آثارن جي ماهرن ’ناچڻي‘ (Dancing girl) ڪري سڏيو آهي. حقيقت ۾ اهو پتلو هڪ پوڄارڻ نينگري جو آهي. جنهن کي پوڄا لاءِ ڪٻي هٿ ۾ ڪٽورو آهي. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته سمورا لطيف فن (Fine Arts) منڍ ۾ پاٺ پوڄا جي رسمن سان گڏ مندرن ، ديولين ۽ ٻين عبادت گهرن ۽ گهاٽن ۾ پرورش پائي راڄ سيائن ۽ درٻارن تائين پهتا آهن. ان کان سواءِ فقط متمدن ۽ شاهوڪار سماج ئي انهن لطيف فنن جو قدر ڪندا آهن ۽ انهن کي همٿائيندا آهن. نينگري جي وارن جي سينگار کان سواءِ سنڌي وڏڙا ڳوٺن ۾ وارن کي ڦٽي ڏيئي سڌي سينڌ ڪڍندا آهن. انهن جي وارن جي سنوار به بلڪل پروهت بادشاهه يا سڪر ماڻهو جي وارن جي سينڌ ۽ سنوار سان مشابهت رکي ٿي.

ان پوڄارڻ نينگري کي ڪٻي ٻانهن ۾ عاج جون چوڙيون ۽ سڄي ٻانهن ۾ ڪرائي ۽ ڏونٺ وٽ چوڙا يا ڪنگڻ پيل آهن. ان ساڳئي نموني سان يعني ڪرائي کان وٺي ڪلهي تائين چوڙين پائڻ جو رواج اڄ به سنڌ ۾ خاص ڪري لاڙ واري حصي ۾ رائج آهي. ايتري قدر جو مسلمانن جي سکر گهراڻن جون عورتون به ساڳئي نموني سان ڪنگڻيون ۽ چوڙيون پائين ٿيون. چوڙين يا ٻانهي بابت سنڌي پهاڪا به مشهور آهن جهڙوڪ ’هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جي ڪهڙي ضرورت‘ يا ’ٻانهي واري جو پونبو به پلو‘ چاڪاڻ ته ٻانهي سونهن جي نشاني آهي.

هتي مان اها ڳالهه لکڻ به تمام ضروري ٿو سمجهان ته اهرامن واري مصر جا رهواسي پنهنجن ڪپڙن کي سنڌ مان گهرايل نير (indigo) ۾ تونئيندا هئا. ساڳئي وقت فرعونن جي لاشن (mumies) کي به سنڌي ململ جي ڪپڙي ۾ ويڙهي تابوتن ۾ رکي، دفن ڪندا هئا.

ساڳي طرح پسالڪر صاحب ان دعوا کي به رد ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب جا خالق (authors) ڪي سميري يا آرين آهن. هو صاحب البت ان ڳالهه کي قبول ڪري ٿو ته سنڌو تهذيب جي پڄاڻي ۽ پڇاڙي واري دور ۾ آرين جو ڪجهه اثر ڪن ماڳن تي نظر اچي ٿو ۽ بس. ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر ايف- اي- خان ڪري ٿو. خان صاحب لکي ٿو ته:

"If the links between the Indus and the Sumerian Civilization are simply due to trade and do not point to a common origin, then the discovery of the Indus Civilization is even more significant, because it reveals a high degree of cultural development which occurred independently in the Indus Valley."

ڊاڪٽر خان صاحب جي 'if' جو جواب مان اڳيئي مٽي پسالڪر صاحب جي حوالي سان پيش ڪري آيو آهيان.

ٽن چئن سالن کان هڪ جرمن محققن جي ٽيم ڊاڪٽر مائيڪل جانسين جي رهبري ۾ ۽ ٻي ٽيم اٽلي جي ماهرن جي ڊاڪٽر موريزو ٽوزي جي رهنمائي هيٺ، گڏيل محنت سان مهن جي دڙي تي ڪم ڪري رهيون آهن. انهن ٽيمن جي محنت ۽ تحقيق جي گڏيل رپورٽ تازو شايع ٿي آهي جنهن ۾ هنن صاحبن مهن جي دڙي مان حاصل ٿيل پٿرن جي مجسمن تي ۽ تحقيق ڪيل مواد شايع ڪيو آهي. ان رپورٽ ۾ واضح ۽ صاف لفظن ۾ لکيو ويو آهي تہ پٿر جي مجسمن يا بتن گهڙڻ جو فن، مهن جي تهذيب وارن جو پنهنجو هو. بادشاهہ پروهت وغيره وارا بوتا سنڌين پنهنجي تخيل ۽ محنت سان گهڙيا آهن. اهي نہ ميسوپوٽيما مان نڪي هلمند وارين تهذيبن کان حاصل ڪيا ويا آهن. ان تحقيق، اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو تهذيب، سنڌو ماٿري ۾ ئي اُڀري ۽ اسري هئي ۽ سنڌ ۾ رهڻ وارا سنڌو تهذيب جا خالق ۽ معمار آهن. مان ان رپورٽ مان بہ ٽڪرا پيش ڪري رهيو آهيان:

"Obviously certain characteristics like the headband and the hairstyle of the divided bun and the two plaits gave reason to assume cultural contacts with the Helmand Civilization and more west with Mesopotamia, but the essential significance of the images must not necessarily be equivalent. The iconographic attributes show despite their similarities to neighbouring countries much individulism in their composition so that this is one more argument for the distinct character of the Harappan Civilzation.

It was the trefoil-design on the garment of the 'Priest King' which initiated the interpretation as an image of a divine individual and the so called 'kidney-shaped'

form of the ears underlines in our regard the important meaning of the bust. A careful examination of the position of its slightly extended right arm could, on the background of the posture of the other full-length sculptures,. allow a reconstruction of the fragment into a 'squatting figure' with hands resting on the knees. In this way, the number of stone sculptures from Mohen-Jo-Daro would extend to a total of eight figures, whose typical attribute is the pose of prostration. The subject matter on several seals may elucidate the ritual context in which we have to imagine the stone sculptures."

پوئين ٽڪري ۾ مجسمن جي وهڻ جي طريقي ۽ گوڏن تي ٻانهن رکڻ جي انداز مان ظاهر ٿو ٿئي ۽ سمجهڻ ۾ ٿو اچي تہ ڌرمي رسمون يا ڪريا ڪرم ادا ڪيا ٿا وڃن.

(Interim Report Vol 1. IS MEO-Aachen University Mission. p 154)

لوڪ ادب

هاڻي مان پويون دليل پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو سڀن کان وڌيڪ اهم ۽ عام، صحيح ۽ صحتمند دليل آهي. اهو آهي ثقافتي رشتو ۽ سلسلو تعلق ۽ ڳانڍاپو لوڪ ادب جو. لوڪ ادب ئي حقيقت ۾ هر ڪنهن قوم ۽ ملڪ جي تاريخ جو ماخذ آهي. ان سلسلي ۾ چيو وڃي ٿو تہ انسان پنهنجي زندگي ۾ پهرين باهہ جي چوگرد ويهي رهاڻ ڪندا هئا. ان رهاڻ ۾ وڏڙا ڪمال سادگي سان پنهنجن شڪارن، قبيلن جي ويڙهن ۽ ڏالن وغيره جا قصا ۽ داستان ننڍن کي ٻڌائيندا هئا. انهن داستانن ۾ ڪن خيالي ديون ۽ پرين، ديوتائن ۽ ديوين جي امداد ۽ ويڙهہ وارين ڪاروائين جو گهڻو ڪري ذڪر ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح ڪهاڻي ٻڌائيندڙن (story tellers and singers) جو هڪ مخصوص طبقو پيدا ٿيو. جنهن نيون ڪهاڻيون، قصا، داستان ۽ روايتون (Tradition) نئين رنگ ۽ ڍنگ سان گهڙيون ۽ ڳائيون، انهن قصن ۽ ڪهاڻين ۾ انساني ڪردارن سان گڏ غير انساني ڪردار بہ شامل ڪيا ويا. ساڳئي وقت داستانن ۽ روايتن ۾ ڪجهہ حقيقي حالتون ۽ ڪجهہ بناوٽي ماحول بہ بيان ڪيو ٿي ويو، تہ جيئن ٻڌندڙن تي چڱي طرح اثر پيدا ٿئي. انهن قصن، ڪهاڻين، داستانن ۽ روايتن جو نالو

لوڪ ادب رکيو ويو. حقيقت ۾ لوڪ ادب صدين جي تجربن ۽ آزمودن ۽ مشاهدن جي سچائي جو نچوڙ آهي.

ايچ- جي- ويلس لکي ٿو ته جڏهن کان وٺي انسان ڳالهائڻ سکيو آهي، تڏهن کان وٺي "داستان سرائي ۽ داستان گوئي" کي انسان جي زندگي جو هڪ جاندار شغل سمجهيو ويو آهي. آکاڻين ۽ ڪهاڻين کي ناٽڪن ۽ سانگن رستي پيش ڪيو ويو آهي. ۽ رهيل اوڻاين کي وڏي اشارن ۽ رمزن سان پورو پئي ڪيو ويو. ان کان سواءِ منڍ کان وٺي، عوامي اهميت جي واقعن ۽ ڪارنامن کي، انسان ڪهاڻين جي شڪل ۽ صورت ڏيئي، مختلف موقعن تي ناچ، راڳ رنگ ۽ سانگ سونگ ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ مڪالما، نقالي، سر لئه، ۽ تال تي چال ۽ چال سان گڏ، ساز ۽ سرود جو ميلاپ به ضروري سمجهيو ويو. هو صاحب لکي ٿو ته:

"Tale-telling has been an important living thing in human life since speech began, and the most important elements of prose literature, a sense of phrase, invention, character study, are to be found wherever two or three women of any race gossip together. Dreams, very often monstrous and embodying the reactions against the necessary suppressions of primitive society, supplied a fantastic element in the early tale. Tales have always eked them selves out by dramatic gestures and interludes... and from an early age the memory of great events, the procedure of great occasions, was sustained by periodic narrative dances, in which speech and chant, imitation, rhythmic movement and instrumental sound were inextricably interwoven. (H. G. Wells: Outline of History pp 248, 249).

سنڌ جو هڪ عظيم محقق ۽اديب ۽ عالم ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ لکي ٿو ته: "ڪهاڻيون (لوڪ ادب) تمام آڳاٽي دور ۾ اسريون ۽ ڪافي آڳاٽي وقت کان رائج ٿيون. اول، جن شخصيتن تي جيڪي ٿي گذريو، سو انهن پنهنجي ساٿين سان بيان ڪيو: پوءِ سورهين جا ڪارناما وڏن نندن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجي اولاد کي سڻايا. جيئن وقت وچان پوندو ويو تيئن حقيقتن تي حڪايتن جورنگ چڙهندو ويو تان جوحقيقي ڪشالا ۽ ڪارناما، قصا ۽ ڪهاڻيون بڻجي ويا. اهي ڪهاڻيون پوءِ محض وندر ۽ نصيحت خاطر وزيرن بادشاهن کي ٻڌايون ۽ وڏڙن نندن کي سڻايون. آخر ڪهاڻين

جي عام مقبوليت سببان سگهڙ ساماٽا جن ڪهاڻي ڪٿڻ کي "قصہ خواني" جي فن تي پهچايو. ٻڌندڙن جي تفريح خاطر، انهن ڪهاڻي ڪٿندڙن ۽ قصہ خوانن پنهنجي بيان ۾ رنگيني پيدا ڪئي، ۽ ڪهاڻي ڪٿندڙن، ڪهاڻي جي ڪٿڻي ۽ پڄاڻي توڙي وچ واري ٽيڪا لاءِ خاص الفاظ، محاورا، اصطلاح ۽ جملا ايجاد ڪيا ۽استعمال ڪيا.(سماهي مهراڻ جلد ٢ نمبر ١، ٢ صفحو ١٤٤)

تي سگهي ٿو تہ ڪن صاحبن کي لوڪ ادب جي انهي اهميت ۽سچائي تي اجا بہ شڪ ۽ گمان هجي. انهن دوستن کي پنڊت جواهر لعل نهروءَ، هڪ جڳ مشهور شاعر ۽ دانشور، گوئٽي جي نسبت سان جيڪو حوالو ڏنو آهي سو دل سان هنڊائڻ گهرجي. پنڊت صاحب لکي ٿو تہ:

"Geothe is reported to have condemned those who said that the old Roman stories of heroism, of Lucretia and others were spurious and false. Any thing, he said, that was essentially false and spurious could only be absurd and unfruitful and never beautiful and inspiring and that 'If the Romans were great enough to invent things like that, we at-least should be great enough to believe them."

گوئٽي جو چوڻ آهي تہ بلڪل بي بنياد، فرضي ۽ ڪوڙا داستان ۽ڪهاڻيون اتساهہ ڀريون ۽ ولولہ انگيز ۽ بامقصد ٿي نہ ٿيون سگهن. جيڪڏهن رومنس ايڏا عظيم هئا جن بهادري ۽ اتساهہ ڀريون ڪهاڻيون ٺاهيون ۽ لکيون آهن تہ پوءِ اسان کي بہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو عظيم ٿيڻ گهرجي جو انهن ڳالهين تي اعتبار ڪريون.

ساڳئي وقت ان حقيقت کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهي تہ ادب ۾ انسان جي پهرين ڪاوش ۽ تخليق نظم ۾ ٿي. نثر نويسي بعد جي ايجاد آهي. انڪري سڀ مذهبي، ڌرمي، ۽ ڪلاسيڪي تحريرون گهڻو ڪري نظم ۾ چيل ۽ لکيل آهن. افلاطون چوي ٿو تہ تاريخ جي بنسبت شاعري حقيقت جي وڌيڪ ويجهو آهي. لانگ فيلو چيو آهي تہ:

The bards sublime,
Whose distant footsteps echo
Through the corridors of Time.

ٽينيسن چوي ٿو تہ

Jewels five-word-long
That on the stretched finger of all Time
Sparkle for ever.

۽ حضرت لطيف فرمايو آهي تہ "جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين." سنڌي ادب جي شروعات بہ شاعري ۽ نظم سان ٿي آهي ۽ اسان جو لوڪ ادب بہ نظم ۾ ئي آهي. سنڌي لوڪ ادب مان ڪي ٽڪرا پيش ڪريان ٿو جن جو هن مقالي سان تعلق آهي. اهي لوڪ گيت، اسان جي هر ڪنهن راڳ ۽ موسيقي جي محفل ۾ ڳايا ويندا آهن ۽ هرهڪ مرد توڙي عورت، ٻار توڙي ٻيو ان مان لطف وٺي ٿو ۽ لئي سان تاڙيون وڄائي فنڪارن سان فن ۾ شريڪ ۽ شامل ٿي ويندو آهي.

١. پپل تنهنجا پن ڙي، پپل تنهنجا پن ڙي،
سپ مڙاهيم سون ۾ ڙي لوٽومنهنجي ڪير پيڻ جو لوٽو
لوٽو مون کي آڻي ڏي۔ ساه صدقي ڪيانءِ،
اول گهول وڃانءِ.

٢. مور تو ٽلي راڻا مور تو ٽلي گجر جي، مور تو ٽلي
راڻا تو مان راڄ ٿيندا، راڻا تو مان لک ٿيندا
سي تہ مامن جي ڪلهي، سي تہ چاچن جي ڪلهي، مور تو ٽلي.

٣. ڍڳو پير پيران، او ڍڳو پير پيران ڍڳو هر نہ هلي،
ڍڳو پير پيران، ڍڳي جو ملهہ هزار ڍڳو پير پيران.

٤.آهين الله جي امان، ڪڳا ڙي متان خوش ٿين
ڪٽي جو هلندي سانءِ، وچ تہ بزار ۾، ڳيا ڪندين سانءِ چار
ڪڳا ڙي متان خوشي ٿين. ٽڪا وٺيندي سانءِ چار
ڪڳا متان خوش ٿين.

٥. منهنجو گندڻ گنديءَ مان رات ڪتو ڪٽي ويو
رات ڪتو ڪٽي ويو، رات ڪتو ڪٽي ويو،
منهنجو گندڻ گنديءَ مان وغيرهہ

مون مٿين لوڪ گيتن ۾ لوٽي، ڪير ۽ پپل جي پن، مور جي نچڻ ۽ ٽلڻ، مڇي جي قسمن مان ڪڳي ۽ گندڻ، هر ۽ ڍڳي جي هلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اصل ۾ اهي لوڪ گيت اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان ٻڌندا آيا

آهيون ۽ اميد تہ اسان جا پويان بہ پڙندا رهندا. اسان اهي لوڪ ادب جا گيت صدين کان شعوري يا لاشعوري طور پڙندا، ڳائيندا وڄائيندا آيا آهيون پر اسان مان تمام ٿورن، اچا بہ ڪٿي ڇنڇي تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن، انهن لوڪ ادب جي شهپارن جي سچائي ۽ قدامت تي ويهي سوچيو آهي.

ڍڳو (bull) اسان وٽ طاقت، سياڳ ۽ محنت جو نشان آهي ۽ هر نشان (symbol) آهي محنت ۽ زراعت جو. ساڳئي طرح مور (peacock)اسان وٽ سونهن، سوڀيا ۽ نزاڪت جي؛ مڇي (fish) گهڻي پاڻي، خوشحالي ۽ لطافت جي ۽ پپل (The pipal tree) جو وڻ، وٽڪار، ونڊر، قدامت ۽ عبادت جون علامتون (totem). قديم آثارن جي ماهرن کي مهرن کان سواءِ ٺانون ٺپن جي ٺڪرين تي بہ انهن ساهوارن جون شڪليون ۽ صورتون چٽيل مليون آهن. انهن چٽن جي رنگيني، نفاست، باريڪي ۽ ڪاريگري ڪمال درجي تي پهتل معلوم ٿي ٿئي. مٽي جي ٺانون جون ٺڪريون ڪي ٿلهيون ۽ ڪي بلڪل سنهيون آهن جن کي ڪاغذي ٺڪريون ڪري سڏجي تہ بي جا نہ ٿيندو. سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ مکيہ چٽن واريون ٺڪريون، اسان کي سنڌ، بلوچستان، چولستان، ساهيوال، راجستان ۽ ڪڇ گجرات جي پراڻن ڦٽي ويل دڙن، ٿڙن، ڪوٽن ۽ ڪوٽيرن جي تہن (layers) ۾ دٻيل (deposits) کوٽائي ڪندي مليون آهن. انهن قديم آثارن وارن جابلو ماڳن جي عمر ستن کان چار هزار سال ق م ڪٿي وئي آهي ۽ ريگستاني ۽ ميداني علائقن جي ماڳن جي عمر ٽي سادا ٽي هزار سال ق م شمار ڪئي ويئي آهي. سڀني ۽ ڊاير پرسان مهرڳڙهہ نالي سان هڪ تمام پراڻي وسندي ڪنبرن جي صورت ۾ حالت ۾ لڌي ويئي آهي. جنهن جي عمر ابتدائي تحقيق موجب اٽڪل ڇهہ ست هزار سال ق م ڪٿي ويئي آهي. اهو ماڳ دنيا جي قديم ترين ماڳن ۾ ٻيون نمبر آهي جڏهن تہ پهريون نمبر جيريڪو (Jerico) جو ماڳ آهي جو اردن ندي جي ڪناري تي واقع آهي، ۽اٺ هزار سال ق م واري دور سان تعلق رکي ٿو.

خوش نصيبي سان، اهڙن چٽن واريون ڪجهہ ٺڪريون مون وٽ بہ موجود آهن ۽ مان جڏهن فرصت جي گهڙين ۾ ياڪيئن بہ وقت بچائي ويهي انهن چٽن کي ڏسندو آهيان ۽ انهن جو اڀياس ڪندو آهيان تڏهن شاهہ لطيف جو هيٺيون بيت هر هر دل تي تري ايندو آهي تہ

مٽئي مٽي جي هئا. تن چٽن ڦريم چت
هار ڪنديس هوڏ ۾. نيبهہ ٿيندم نت

ڪونڙرو جوڪرت، مونهان مٿانهون ٿيو.

منهنجي دل، سنڌو جي انهن ڪاريگر ڪنيارن کي سؤ سؤ سلام ڪندي آهي جن جي ڇٽن منهنجو منهن ۽ مان مٿي ڪيو آهي ۽ من موهيو آهي اهي ڇٽ جتي اسان جي ابن ڏاڏن ۽انهن جي وڏن جي فن، هنر، آسودگي، خوش حاليَ، خوش مزاجي؛ منظم ۽ موثر سماج جي شاهدي ڏين ٿا، اتي اسان جي تاريخي قدامت ۽ سماج ۽ سڀيتا جي وارث هئڻ جي بہ ساک ڀرين ٿا. مور بابت وڌيڪ ايئن بہ چيو ويو آهي تہ سڪندر اعظم (٣٥٦ - ٣٢٣ ق م) سنڌ مان مور (ٻيل) جا ٻچا پاڻ سان سوکڙي طور کڻي ويو هو. ايران جي مجوسي پروهتن (Magi) کي مورن سان پيار هو ڇاڪاڻ تہ سيمرغ يا سيماغ انهن جي ثقافت تي ڇانيل هو. ساڳئي طرح المسعودي بہ مور جي تعريف ڪئي آهي. سيد سليمان ندوي پنهنجي مشهور ڪتاب "عرب و هند ڪي تعلقات" ۾ سنڌ جي جن عجيب جانورن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مان مور بہ هڪ آهي. سيد صاحب مور جو احوال هڪ عرب سياح ۽ سوداگر 'ابن الفقية همداني' جي حوالي سان ڪيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عرب سوداگر ۽سياح سوٽي ڪپڙي، نير، جواهر، گرم مصالحن، دوائن، ناريل ۽ خوشبوئن سان گڏ مور ۽ تلوارن جو بہ واپار ڪندا هئا. جنهن مان بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ مور ۽ انهن جا ٻچا بہ سنڌ مان ٻاهر عرب ۽ ٻين ملڪن ڏانهن اماڻيا ويندا هئا.(صفحو ٦٨) جاحظ تہ سنڌ جي مشهور ساز 'يڪتاري' جو بہ ذڪر ڪيو آهي هو لکي ٿو تہ ڪدوءَ تي تار ڪي ٻڌي، ڇڪي وڄائيندا آهن. اهو ساز ستار ۽ جهانجهہ وانگر سريلو آواز ڪيندو آهي (صفحو ١٢٧).

آر. سي. مجمدر ۽ ٻين مورخن هڪ شاهاڻي لشڪر جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو عرب حاڪمن ڪوفي ۽ بصري جي ماڻهن کان ڳريون رقمون وصول ڪري، تيار ڪيو هو. ان لشڪر جو نالو (Peacock Army) رکيو ويو هو. ان لشڪر جو سپهہ سالار عبدالرحمان ابن محمد هو. جنهن سن ٨٠ هجري (699 A.D) ۾ رتبيل (Ratbil) سان جنگ ڪئي هئي. طائو سي تخت جواحوال بہ تاريخن جي زينت ٻي رهيوآهي. مورڇل شاهي وڄڻي جو نالو آهي جيڪو مور جي ٽڪڻ جو ٺهيل هوندو آهي. سنڌي ادب ۽ راڳ جي صنفن سان بہ مور جو تعلق آهي. ان ڪانسواءِ اڄ تائين ڳوٺاڻا ائن جي ڏاس ڪترڻ مهل ڪترڻيءَ سان مور جا ڇٽ ائن جي ڳچين تي سونهن خاطر ڇاهيندا آهن. مور جا ڇٽ ڪاٺ جي شهتيرن، ڪبٽن ۽ دروازن مٿان بہ گهڙيا ويندا آهن. پراڻن مقبرن ۾ بہ مور ۽ مڇي جا ڇٽ ۽ نقش خوبصورت رنگن ۾ چٽيل ڏنا اٿم. هندوستان جي تمام مکيہ

۽ پهرين حاڪم گهراڻي 'موريا' جوتعلق بہ مور سان ڄاڻايل آهي. ان باري ۾ پنڊت نهروءَ جي ڪتاب گلمسز آف ورلڊ هسٽري ۾ حوالا موجود آهن. ان کانسواءِ اڄ تائين سنڌ ۾، موريا ۽ مورياڻي ذاتين وارا آباد آهن.ساڳئي نموني جون ڪي ٻيون اکيون جهڙوڪ ساريا، ڪيريا، ڀاٽيا، تنيا، ٻگهيا، تيوٽيا، جويا، جوکيا وغيره بہ سنڌ ۾ رهن ٿيون. ڪرنل ٽاڊ موريا بدران لفظ 'موري' ڪم آندو آهي.

هاڻي مان هتي هڪ ٻئي ثقافتي اهڃاڻ جو ذڪر ضروري سمجهان ٿو. اهو آهي اجرڪ ۽ جُتي. مهن جي دڙي مان جيڪو پروهت — بادشاهہ يا ٻين لفظن ۾ سڪر ماڻهو جو (bust) مجسمو حاصل ٿيو آهي ان کي سوٽي اجرڪ پهريل آهي. جنهن تي ٽڪلو ڇاپو يا ڇر جو ڪم ٿيل آهي. ان ساڳئي قسم جي گلن وارو اجرڪ صدين کان وٺي اڄ تائين، اسان وٽ استعمال ۾ ايندو رهي ٿو ۽ مقبول آهي، جڏهن تہ مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪالهہ جي ڳالهہ آهي.ساڳي طرح سڪر عورتون ٽن گلن واريون جتيون بہ استعمال ڪنديون هيون ۽ ڪن گهراڻن ۾ اڃا تائين استعمال ۾ آهن. ٽن گلن واري جتي مان سڪرپٽي، سونهن ۽سوڀيا جو اظهار ٿئي ٿو ۽سنڌي عورت جي وقار ۽ شخصيت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان جتي ۽ اجرڪ مان اسان جو تشخص ظاهر ٿئي ٿو. اسان وٽ ڳوٺاڻي سماج ۾ ڏڌي ڦٽي ۽ شهري سماج ۾ مڇي ماني خوشحالي جا معيار سمجهيا ويندا آهن. اسان ڪڏهن بہ قورمي ۽ پلاءُ، زردي ۽ برياني کي خوشحالي جو معيار نہ سمجهيو آهي. انکانسواءِ کير، مکڻ يا ڦٽي ۽ ڏڌ، چاڏي ۽ مانڊاڻي، ڳوٺاڻي سماج ۽ زندگي ۾ برڪت ۽ آسودگي جون علامتون سمجهيون وينديون آهن. ان ڪري مالوند کي پاڳيو يعني پاڳ وارو ڪري سڏيو ويو آهي. سو پاڳيا کير مان وڌيڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مانڊاڻي يا چاڏي جي ڪَني سان تائت ۽ تعويذ ٻڌي ڇڏيندا آهن. اها رسم اسان وٽ ڪا نئين نہ آهي. فقط عقيدي ۽ اعتقاد جي ڳالهہ آهي ۽ عقيدا انسان جي شعور ۽ سماج جي ارتقا سان گڏ بدلجندا آهن. اسان جا وڏا ۽ انهن جا وڏا اڄ کان پنج ڇهہ هزار سال اڳي چاڏين تي مکڻ جي وڌيڪ اپت لاءِ ديوين کي ڇاپي يا چِٽي ڇڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ کير ڏيڻ وارا جانور جهڙوڪ مينهن، ڳئون ۽ ٻڪري سڱن وارا جانور آهن انڪري چاڏيءَ مٿان چٽيل ديوي کي سڱن سوڌو چٽيو ويو آهي. جنهن کي قديم آثارن جي ماهرن سڱن واري ديوي(Horned Deity) جي نالي سان قلمبند ڪيو آهي. ان ديوي جي چِٽن واريون چاڏيون، ماهرن کي ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان حاصل ٿيون جي چِٽن کان سواءِ باقي صورت، شڪل ۽ بيهڪ ۾ اڄ

جي ڇاڏين جهڙيون آهن يا ٿوري گهٽي ڦير گهير اٿن.

اهو سڀ ڪجهه اسانجي ابن ڏاڏن، وڏن ۽ وڏڙن جو ورثو ۽ دستور، ڇٽ ۽ چڱسالئون، فن ۽ هنر، ريتون ۽ رسمون، اسان اڄ تائين ڪمال سعادتمندي سان لاشعوري طور ڪنيو ۽ سنڀاليو اچون ٿا. اسان اهو ورثو تحت شعور جي تهن هيٺ لڪل خزاني مان ڪڍي، ڪجهه شعوري ۽ ڪجهه لاشعوري طور ڪنيو ۽ سنڀاليو اچون ٿا. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته زندگي جي عبارت آهي شعور سان ۽ شعور جو ئي هڪ پهلو آهي علم، يعني حقيقت جو فهم. ان جي تهن ۽ گهراين تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ اسان پنهنجا سمورا حواس، عقل جون قوتون، فڪر جون باريڪيون، تجربن ۽ مشاهدن کان ڪم وٺون ٿا ۽ اڳتي وڌون ٿا. وقت گذرڻ سان اهو سڀ ڪجهه تحت شعور جي تهن ۾ صدين ۽ صدين تائين محفوظ ٿي رهي ٿو. ان ڪي ئي عالمن اندروني، روحاني ۽ نفسياتي سڃاڻپ، باخبري، واقفيت ۽ ڪيفيت سڏيو آهي. جيڪو پوءِ وقت سر، شعوري ۽ لاشعوري طور اسان جي فڪر ۽ عمل ۾ ظاهر ٿيو پوي. هاڻي جيڪڏهن اسان پاڻ کي سنڌو تهذيبن جا خالق ۽ معمار ۽ موروثي وارث نه سمجهون يا پنهنجي ان شاندار تاريخي ۽ ثقافتي دور جي ماضي کان انڪار ڪريون ته اها اسانجي بدبختي، جهالت ۽ ڪوتاه انديشي کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو. اها صدين جي پراڻي تهذيب ئي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان سان ئي اسان جو تشخص آهي.

دنيا جا عالم ۽ محقق ان نتيجي تي پهتا آهن جيئن سر پي — آر ڪوڊيل چوي ٿو ته ٽالمي جو لفظ 'مناگر' سنڌو جي مهاڻن لاءِ ۽ ڪاٺياواڙ جي 'مناس' لاءِ استعمال ٿيو آهي. رائل ايشاٽڪ سوسائٽي جي سال ١٩٣٨ واري جنرل ۾ سر ڪوڊيل ڏانهن هڪ حوالو منسوب ڪيو ويو آهي:

"Sir P.R. Cadell ascribes Minnager (mentioned by Ptolemy) to the aboriginal tribe of the Muhanas of Sind and Minas of Kathiawar.

ان لکت موجب سنڌ جا اصلوڪا رهندڙ سنڌ جا مهاڻا آهن. يا وري جيئن هڪ، ٻئي محقق چيو آهي ته

"Taking the totality of available evidence, the hypothesis of a Dravidian authorship of the Harappan Civilization seems to offer the most promising line of investigation." (Ancient cities of the Indus P 262).

ساڳي طرح جواهر لعل نهرو بہ چيو آهي تہ اسانکي هر ڪنهن دستوري ۽ عملي مقصدن لاءِ دراوڙن کي ٺي سنڌ جا اصلوڪا رهواسي سمجهڻ گهرجي. هو صاحب لکي ٿو تہ:

"Who were these people of the Indus Valley Civilization and whence had they come? We do not know yet. It is quite possible, and even probable, that their culture was an indigenous culture and its roots and off shoots may be even in southern India. For all practical purposes we can treat them as the indigenous inhabitants of India." (Discovery of India. pp 60 and 61.)

پنڊت نهروءَ جي ان خيال سان اختلاف ڪرڻ هڪ لازمي ۽ ضروري ڳالهہ آهي تہ سنڌو تهذيب جون پاڙون ڪو ڏکڻ هندستان ۾ هيون ۽ دراوڙن جو تعلق ڏکڻ هندستان سان هو. البت اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي درست آهي تہ آرين جي اچڻ ڪانپوءِ سنڌو جا اصلوڪا رهواسي لڏي ڏکڻ هندستان ۽ ٻين پاسي ويا هئا. ۽ اهي جتي ويا اتي پنهنجي مادري تهذيب جون باقيات بہ پاڻ سان کڻي ويا.

ڪن محققن ۽ مفڪرن جو چوڻ آهي تہ سنڌو تهذيب جو ٻيو نالو ويدن واري تهذيب آهي. انهن محققن رگ ويد جي لکتن کي دليل طور پيش ڪيو آهي. مگر سرجان مارشل ان دعوا کي بہ مؤثر ۽ وزندار دليلن سان رد ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو تہ سنڌو تهذيب، ويدن يا آرين واري تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي ۽ ٻنهي تهذيبن جي وچ ۾ هڪ هزار سالن جي وڇوٽي آهي. ويدن واري تهذيب، سنڌو تهذيب جي پڄاڻي ۽ پڇاڙي واري دور ۾ وجود ۾ آئي. انڪري ويدن واري تهذيب، سنڌو تهذيب جون ڪي مکيہ روايتون، ڌرمي رسمون ۽ ڪي رواج پنهنجي تهذيبي ورثي ۾ شامل ڪيا. باقي جيتري قدر سنڌو تهذيب جو تعلق آهي تہ ان جي هڪ مڃيل جداگانہ حيثيت آهي. ان حقيقت جو اظهار پنڊت نهروءَ هيٺين جملن ۾ ڪيو آهي.

"It is interesting to note that at this dawn of India's story, she does not appear as a puling infant but already grown up in many ways. She is not oblivious of life's ways, lost in dreams of a vague and unrealizable supernatural world, but has made considerable techincal progress in the arts and amenities of life, creating not only

things of beauty, but also the utilitarian and more typical emblems of modern civilization – good baths and drainage systems. (Discovery of India. p 60)

پنڊت نهرو جو اعتراف ته سنڌو تهذيب، فن ۽ هنر ۾، زندگي جي ضروري آسائشن ۽ سهولتن ۾، حسين شين جي ايجاد ۾، سٽريل سماج جي سودوادي ڪمن ۾ سٽريل هنري ۽ ڪاريگريءَ جا اپاءُ ورتا. جهڙوڪ صاف سٿريون وهنجڻ جون ڪوئيون ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون. [۽ حسين مجسما.]

ڪيترن عالمن جو اهو رايو آهي ته هن ويهين صدي ۾ جيڪڏهن قديم آثارن جي ماهرن ڪان ڪا عظيم تاريخي کوجنا ٿي آهي ته اها آهي 'سنڌو تهذيب جي دريافت'. ان تهذيب جي قدامت بابت صحيح فيصلو ٿي نه سگهيو آهي ڇاڪاڻ ته تهذيب جي مکيه مرڪز موهين "Mohen" جي دڙي ۾ زير زمين پاڻي (sub soil water) جي نڪري اچڻ ڪري وڌيڪ هيٺ کوٽائي وڏن خطرن ڪان خالي نه آهي ۽ جيستائين مڪمل کوٽائي نه ٿي آهي تيستائين ان تهذيب جي عمر ڪٿڻ يا مقرر ڪري ڇڏڻ هڪ ڏکيو مسئلو آهي. بهرحال هن مهل تائين ڊاڪٽر مهتا ان جي عمر ست هزار سال، مسٽر چلڊ ان جي عمر حضرت نوح جي طوفان ڪان وڌيڪ قديم، مسٽر منشي ڇهه هزار سال ۽ مشهور محقق ايچ جي ويلس واري خليج فارس ۾ جهاز راني بابت تحقيق موجب ڏهه هزار سال يعني اٺ هزار سال ق.م تائين ڪٿي سگهجي ٿي. مهر ڳڙهه جي دريافت ۽ کوٽائي ست هزار سال ق.م تائين پهتي آهي.

آڪٽوبر ١٩٨٧ ۾ اسلام آباد ۾ ڇهين اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائي جنهن مونکي لوڏي ڇڏيو. يعني 'اصحاب رس' قرآن شريف ۾ ان قوم جو ذڪر سورة 'فرقان ۽ سورة ق' ۾ عاد، ثمود ۽ ٻين قومن سان گڏ آيو آهي. سيد قاسم محمود پنهنجي ذخيم ڪتاب اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ۾ اصحاب رس جو حوالو صفحي ١٧۴ تي قلم بند ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته اصحاب رس ان قبيلي يا ماڻهن لاءِ چيو ويو جن جو ڪوهه (يا ڪوهن) سان تعلق هو. جيڪڏهن اهو حوالو ڪوهن ڏانهن آهي ته پوءِ ڪوهن وارا شهر، دنيا ۾ سنڌو تهذيب وارا ئي شمار ڪيا ويا آهن؟ ان بابت وڌيڪ ڪجهه لکڻ ڪان قاصر آهيان. جيتوڻيڪ مسلم عالمن ان کي ڪنعان جو ملڪ سڏيو آهي.

'اصحاب رس' متعلق مطالعي ڪندي، منهنجي نظرن مان ڪن

اهڙن محققن جا مضمون گنريا جن سمير وارن جي تحريرن جو غور سان مطالعو ڪيو هو. انهن جي تحريرن ۾ دلمون Dilmun يا تلمون Telmun، ماڪنMakkan ۽ ميلوها Meluha شهرن جو احوال ملي ٿو. دلمون بابت چيو ويو آهي تہ ”دلمون جي زمين پاڪ (holy) آهي. دلمون جي زمين صاف ستري آهي. هتي ڪانءَ رڙيون (ڪان ڪان) نہ ٿا ڪن. هتي شينهن ڪنهن کي چيرين ڦاڙين نہ ٿا. هتي بگهڙ ٻڪري کي نہ ٿو ڪٽي. هتي ڪنهن بہ ننڍڙي ساهواري تي ڪتو نہ ٿو ڀونڪي. هتي جهنگلي سوئر پوکون نہ ٿا پيلين. هتي ڪوئن تي بيواهن طرفان هاريل جَوَ پکي بہ نہ ٿا کائين. هتي ڳيرا ۽ ڪبوتر ڪنڌ نہ ٿا نمائين. هتي ڪوبہ بيمار نہ ٿو ٿئي نکي ڪنهن کي اکين ۾ سور پوي ٿو. هتي عمر رسيده مرد يا عورت پاڻ کي ضعيف ۽ پوڙهو نٿا سمجهن. هتي ڇوڪريون گهٽين ۾ گندو پاڻي نہ ٿيون هارين. هتي ڪنهن بہ ڪنواري ڇوڪري کي (سنت سبب) وهنجڻو نہ ٿو پوي. هتي ندي اڪرڻ (شايد وقت يا حياتي جو سفر) واري کي ڪنجهڻو نہ ٿو پوي. هتي مرثيو پڙهڻ وارو ڪونهي. نکي پروهت کي ڦيرا پائي ڳوڙها وهائڻا پون ٿا. نکي ڪو ڪنهن ديوار جوسهارو وٺي فرياد ڪري ٿو. دلمون ۾ مٺي پاڻي جا کوهہ ۽ چشما آهن. دلمون ۾ ٻنيون سر سبز فصل آپائين ٿيون دلمون جا ٻيڙا ڏيساورن ڏانهن مال نين ۽ آڻين ٿا ۽ جنهن شهر جي رکوالي ماتا ننسيڪلا Ninsikilla ڪري ٿي. اهو شهر سمير جي اوڀر ۾ آهي جتان سج اڀري ٿو.“ اهو ڪتبو بہ هزار سال ق م پراڻو آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهو ملڪ يا شهر ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سنڌ يا ڪو ٻيو. ڪن عالمن بحرين کي اهو ملڪ ٺهرايو آهي. انهن جي راءِ کي سيوئل اين ڪريمر، رد ڪندي لکيو آهي تہ اهو ملڪ فقط سنڌ جي سرزمين آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ:

“To be sure Dilmun has been identified by most scholars with the island of Bahrein in the Persian Gulf, and a large and highly competent expedition has been excavating there for close to a decade because of its faith in the identification (Glob and Bibby: 1960). But the discoveries at Bahrein to date have hardly justified this faith, and the description of Dilmun as the place ‘where the sun rises’, in the Sumerian Flood-story speaks definitely against the Bahrein-Dilmun identification. (Ancient Cities of the Indus. p 173).

جڏهن سمير وارا خود، ڪنهن ٻئي ملڪ 'دلمون' جو ذڪر ڪن ٿا ته اهو ملڪ سمير ته ٿي نه ٿو سگهي ۽ پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ملڪ سنڌ آهي، ٻي ڳالهه ان تحرير مان اها پڌري ٿئي ٿي ته ان ذڪر ڪيل تهذيب جا بانيڪار خود سمير وارا نه آهن. ته پوءِ سنڌو جي سرزمين تي رهڻ وارن سنڌين کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو.

البت اهو يقين سان چئي سگهجيٿو ته بحرين ۽ ايراني نار وارا ڪي ٻيا خطا سنڌو تهذيب جي اثر هيٺ رهيا آهن. انساني لڏ پلاڻ ۾ سمير ۽ سنڌوءَ جي وچ ۾ هڪ منزل طور سنڌي واپارين ۽ ڪن ٻين ملڪن جي واپارين جي لهه وچڙهه ڪري اتي ڪي قديم وسنڌيون وجود ۾ آيون هجن، جن جون باقيات هاڻي دريافت ٿي رهيون آهن.

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ صفحي ۵۱ تي لکيو آهي ته سنڌو تهذيب جي شهرن ڪي جن قديم ماڻهن وسايو سي هاٿوڪن ڪولهين، ڀيلن، سنٿالن ۽ منڊ لوڪن جا ابا ڏاڏا هوا. هن صاحب جو وڏيڪ اهو چوڻ آهي ته انهن ماڻهن مان ڪن جون کوپريون لکي، سيوهڻ ۽ شاهه بلال نوراني واري واٽ تان لڌيون ويون آهن. ٻئي طرف سنڌو تهذيب جي مکيه مرڪزن موهين جو دڙو، هڙاپا ۽ لوٿل مان جن ٻه ماڻهن جا ڍانچا قبرن مان يا ڪن ڪوٺين ۽ گهٽين مان مليا آهن، سي ڪنهن هڪ نسل سان تعلق نه ٿا رکن. انڪري يقين سان انهن بابت ڪا حتمي راءِ ڏيڻ قبل از وقت ٿيندو. دراصل سنڌو جا مکيه شهر واپاري مرڪز هئا جتي پانت پانت جا ماڻهو ايندا هئا. اهي گڏيل قومن جا بين الاقوامي شهر(cosmopolitan) هئا. سنڌو تهذيب جي ساک انڪري ديسان ديس پکڙي هئي. سنڌ جا ڪي شهر ساڳي حيثيت اڄ ٻه رکن ٿا.

باقي ڪاڪي ڀيرومل جن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي يعني ڀيل، ڪولهي، سنٿال ۽ منڊ، اهي نالا حقيقت ۾ آرين جي اچڻ ۽ ذاتين ۽ ذاتين سان گڏ ڏندن، ڪمن ۽ ڪرتن جي جنم وٺڻ ڪانپوءِ، آرين ڪن سنڌي قبيلن مٿان مڙهي ۽ انهن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو. سنڌو تهذيب واري دور ۾ انهن جو وجود ڪونه هو. ان ڏس ۾ نيرڪس جو حوالو تمام وزندار ثابت ٿيندو. نيرڪس جي لکڻ موجب سنڌ ۾ ان وقت (۳۲۵ ق م) فقط ٻه گروهه يا قبيلا رهندا هئا. هڪ ميداني علائقن ۾ ڍنڍن ۽ درياهن جي ڪنارن تي ۽ ٻيو جبلن ۽ ماٿرين ۾. ائين انسان جي لڏ پلاڻ وارو عمل هزارها سالن ۽ صدين کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. چيني مفڪر لن يو تانگ جي قول مطابق ان لڏ پلاڻ جي ڪري ئي تهذيبون هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه

ڏانهن وڌيون ۽ دنيا ۾ پکڙيون آهن. مان جيڪر ايئن چوان ته اها آواره گردي ۽ صحرانوردي واري خوءِ ئي انسان ذات جي بقا ۽ ارتقا جو بنيادي ڪارڻ آهي.

اها حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌو تهذيب جنهن کي موهين ۽ هڙاپا واري تهذيب سڏيو وڃي ٿو، ان جي بالغ (Mature) ٿيڻ کان اڳ منڍ واري دور ۾ به سنڌو جي ترتي تي آمري، ڪوٽ ڏجي ۽ ڪي ٻيون تهذيبون(Cultures) اڀيئي ايري اسريون هيون ۽ جي ڪوهستاني ۽ ريگستاني علائقن ۾ ستريل ڳوٺاڻن سماجن جي صورت اختيار ڪري چڪيون هيون. سنڌوتهذيب کي جنم ڏيڻ وارا حقيقت ۾ اهي ڳوٺاڻا سماج هئا. انهن ڳوٺاڻن سماجن گڏجي ڪن وڏن شهري سماجن کي جنم ڏنو. جنهن کي سنڌو تهذيب سڏيون ٿا.

مثال طور چئي سگهجي ٿو ته نئنگ، ڪائي، جهانگر، پير لاکو، لوهري وغيره ننين ڳوٺاڻن سماجن گڏجي سيوهڻ شهر کي هڪ سترين شهري سماج ۾ تبديل ڪيو. ساڳي طرح بابه، نصير آباد، خيرپور جوسو ۽ ڏامره جي پر پاسن وارن ڳوٺاڻن سماجن گڏجي موهين ۽ جهڪڙ جي دڙن وارن شهري سماجن کي اسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ۾ هٿي ڏني. غازي شاه، ٽنبو رحيم، راڄو ديرو، واهي پانڌي ۽ علي مراد شاهاڻي، ٻنڌڙي، چورلو ڏلهه، پوکڻ، ڪوهتراش، ٿاٿو عارب ۽ اوٿمان، ڪرچات، گجو ٺارو، نهوٽو، ليمون جوٽيجو، جهڏيرڻ، ابن اوپو، چانهو دڙو، نکو بلو ٻئي، وغيره ڳوٺاڻا قديم سماج کي الڳ الڳ ۽ جدا جدا سماج نه آهن پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽تعلق رکڻ وارا سماج آهن ۽ آمري، ڪوٽ ڏجي، مهن، اروڙ، ۽ سيوهڻ وارن وڏن سترين شهري سماجن جا سرچشما، حصا، جزا ۽ عضوا آهن.هتي ڊاڪٽر ايف- اي- خان جو رايو سنڌ طور پيش ڪري رهيو آهيان. هو صاحب چوي ٿو ته:

"It does suggest that the Indus Civilization was an indigenous development that arose out of the evolution of developed village cultures in a favourable environment. It emphasizes the sub-continental roots and the consequent style which gives the civilization its uniqueness." (International Symposium on Mohen-Jo-Daro. p 90)

ڊاڪٽر والٽر فيئر سروس ان حقيقت جي تائيد وري هن ريت ڪري ٿو ته:

"The ultimate and perhaps most telling evidence bearing on the character and history of the Harappan civilization is Indian civilization itself.. the evidence we have indicates that a 'great tradition', marked by both urban and rural elements evolved out of hybrid 'little communities', characteristic of the pre-Harappan Indus Valley.These were not isolated elements but were interrelated; in the Mature Harappan stage of development they had been transformed into an indigenous or 'primary' civilization in which village and city alike shared a common culture." (Ancient Cities of the Indus. p 89).

اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ انهن ننين مگر ستريل ڳوناٺن سماجن سان شهري وڏن سماجن ملي هن تهذيب کي شاهوڪار ڪيو. انهن ٻنهي سماجن جي وچ ۾ هڪ مسلسل ربط ۽ ضبط هو ۽ تهذيب جي ترقي ۽ شاهوڪاريءَ ۾ بہ ٻنهي سماجن جو گڏيل حصو هو. ان تهذيب ۾ ٻنهي شهري توڙي ڳوناٺي سماجن جون جهلڪون صاف ڏسڻ ۾ تي آيون. هڪ اهڙي تهذيب جنم ورتو جنهن جا واپاري تعلقات ايران، سمير، ڪريٽ ۽ مصر سان هئا ۽ اها پنهنجي ڪن خاص خوبين ۽ خصلتن سبب انهن پنهنجين همعصر تهذيبن کان ڪيترين ڳالهين ۾ اتم هئي. جنهن تهذيب ۾ صاف، ستريون ۽ سڌيون گهٽيون هيون. انهن ۾ اڳيان دوڪان ۽ دوڪانن جي پويان گهر اڏيل هئا. گهر گهر ۾ کوهہ هو ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارا ۽ ناليون هيون ۽ جي باقائدگي سان صاف ڪيون وينديون هيون. گهٽين ۽ رستن مٿان وڌايل ڪابہ شي (encroachment) ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي. جنهن ۾ جوتش جي گيان سان گڏ صحت جي نيمن تي ماڻهن کي هلايو ويندو هو. جنهن ۾ ٻارن جي وندر ۽ تفريح لاءِ طرح طرح جا رانديڪا ٺاهيا تي ويا. جنهن تهذيب ۾ وڏن جي وندر لاءِ شطرنج ۽ ٻيون رانديون هيون. جنهن سماج ۾ هنرمندن ۽ پورهيتن لاءِ عزت ۽ احترام هو. جنهن سماج ۾ سون، چاندي، ڪٽ ۽ قيمتي ۽ نيم قيمتي پٿرن مان چوڙيون، هار، ٽانوٽيا ٺاهيا ويندا هئا. جنهن سماج ۾ ڪنيرن مٽي جي ٿانون جهڙوڪ دلن، مٽن، ماٽين،لوٽين، لوٽن ۽ چاڙين مٿان مزي ،مزي سان اهي رنگ بہ رنگي چٽ ۽ شڪليون تي چٽيون جن کي ڏسي اڄ بہ دليون مرڪيو پون. جنهن تهذيب ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اڏاوتون ماحول ۽ حالتن مطابق، ترتيب ۽ ضابطي سان ٺاهيون تي ويون ۽ جو سماج سچ تہ فلاحي، خوشحال، امن پسند ۽ انسان دوست هو.

هن سموري مقالي جو ۽ مقالي ۾ ڪيل بحث مباحثي جو حاصل مطلب هيٺين ٽن نقطن ۾ سموئي سگهجي ٿو.

١. سنڌو تهذيب ڪا نئين ۽ اوچتي وارد ٿيل نہ آهي. پر هڪ اها تهذيب آهي جنهن کي سنڌ جي منڍ وارن ننڍين ننڍين ڳوٺاڻن سماجن گڏجي وڏايو ۽ پوءِ هڪ ٿي، هڪ ٻئي کي هٿي ڏيئي، دنيا جي سڀ کان وڌيڪ متمدن، شاهوڪار، سٽريل، فلاحي، وسيع ۽ ويڪري سماج جي شڪل بخشي. منڍ وارا ڳوٺاڻا سماج ڪوهستاني ۽ ريگستاني هئا. مگر سنڌو تهذيب انهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سٽريل، وڌيڪ سجاڳ، وڌيڪ هنرمند، وڌيڪ پيداواري ۽ واپاري سماج هو. جو درياهن جي ڪپن(banks) ۽ سمنڊ جي ڪنارن (shores) سان وٺندو ويو. ان جا آثار ۽ اهڃاڻ سنڌ، بلوچستان، چولستان، ساهيوال، راجستان ۽ ڪڇ گجرات وارن علائقن ۾ ملن ٿا. وڌيڪ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ سنڌو تهذيب جي هر ڪنهن مرڪز جي کوٽاين مان، مٿين تهن مان بالغ ۽ منڍ يا ابتدائي سنڌو تهذيب جون باقيات ملن ٿيون مگر هيٺين تهن مان جيڪي باقيات ملن ٿيون تن جو تعلق سنڌو جي وڌيڪ پراڻن ڳوٺاڻن سماجن جهڙوڪ ڪوٽ ڏجي، آمري وغيره سان آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو تهذيب اڪيلي ۽ يڪ سر نہ ايري آهي ۽ نہ اوچتو مٿان ڪنهن ٻئي خطي مان نازل ٿي آهي. انڪري سنڌو تهذيب (Indus Civilization) بلڪل سؤ في صد خالص 'ميڊ ان سنڌ' آهي ۽ نہ امپورٽيڊ يا ميڊ ائز سمير ۽ ايجپٽ آهي.

٢. سنڌو تهذيب ۾ روح آهي، جان آهي ۽ زنده رهڻ جون صلاحيتون ۽ قوتون آهن. انڪري ان ۾ هڪ نہ مٽجڻ وارو تسلسل آهي. هن تهذيب ۾ تاريخي، لساني، سماجي ۽ ثقافتي صدين وارا پراڻا مگر ساڳيا مضبوط پڪا ڪيل يعني ڪنساليڊيٽيڊ (consolidated) عنصر (elements) ۽ اثر (effects and impressions) ۽ ارڪان (traits) موجود آهن جيڪي شعوري ۽ لاشعوري طور اڄ بہ سنڌي پنهنجي ٻولي، ثقافت، سماجي، زرعي ۽ ٻين ريتن ۽ رسمن ۾ سانديو، ڪٽندا ٿا اچن ۽ بنيادي سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ وهڻ، کاڌي پيتي ۽ روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئوٽيڪ سائنسي ايجادن انهن ۾ ڪي قدر تبديلي آندي آهي، جو هڪ سياويڪ عمل آهي.

٣. سنڌي تهذيب جي منڍ وارن ننڍين ننڍين گڏيل ڳوٺاڻن سماجن جا ۽ پوءِ سٽريل شهري سماج جا خالق ۽ معمار بنيادي طور اوائلي سنڌي ڳوٺاڻا آهن. جن سنڌ جي زمين، پاڻي، آبهوا ۽ ٻين قدرتي نعمتن، ماحول ۽

حالتن (atmosphere and environment) مطابق، پاڻ کي هر دور ۾ ٺهڪائي، آهستي آهستي ذهني شعور ۽ جسماني طاقت موافق، سماجي ارتقا جون منزلون طئي ڪيون. تاريخ ۾ انهن ائبرو جينز (aborigines) کي ڪولهي، ڀيل، سنٿال، منڊ ۽ دراوڙ ڪري لکيو ويو آهي. سماج انهن کي شڪاري، هاري ناري، مهاڻا، ميربحر، ڪنڀار، ڪمي ۽ ڪاريگر سڏيو آهي. پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل ۽ ابدي سچ (Eternal Truth) آهي ته سنڌو ماٿري ۾ صدين ۽ صدين کان رهڻ وارا بنيادي سنڌي هئا ۽ اهيئي سنڌو جي سيني تهذيبن (Cultures and Civilizations) جا خالق ۽ معمار آهن. اهي هن ترتي مٿان ان وقت کان رهندا اچن ٿا جيڪو ڪٿي نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته هنٽنگ ۽ فشنگ سوسائٽين (hunting and fishing societies) جي عمرين جو صحيح ڪاٿو هن سرزمين تي لڳائڻ هن وقت، قدري مشڪل ۽ ڪٺن آهي.

آخر ۾ قديم آثارن جي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن کي عرض ڪندس ته سنڌو تهذيب جي مختلف پهلن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي جو ڳوڻاٽي سماج ۽ ماحول جو به مطالعو ڪن. مثال طور اها هڪ بلڪل نئين ۽ نڪوري دريافت ٿي آهي ته موهين جي دڙي ۾ جيڪو اسٽوپا ۽ آس پاس وارو شهر (citadel) آهي اهو سرن جي پليٽفارم مٿان تعمير ٿيل آهي. حقيقت ۾ اسان وٽ اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. اسانوٽ اهي ننڍا وڏا ڳوٺ جن کي هر وقت ٻوڏ جو خطرو پي رهيو آهي، سي مڏن (piles)ـ مٿان اڏيل آهن ۽ اسان انهن مان ڪن کي 'ماڻو' نالو رکي سڏيو آهي. ٻوبڪ شهر اڄ به ان تاريخي حقيقت لاءِ ثبوت طور موجود آهي. ان ڪانسواءِ قديم آثارن وارن ماڳن جا نالا به درست ڪري لکيا وڃن. پوکڻ باران ماٿري ۾ واقع آهي ۽ رڪاربن ۾ ان کي پوکران لکيو ويو آهي وغيره. دادو پرسان لهڻ جي دڙي کي لهم، واهي پانڊي کي پنڊي واهي ڪري لکيو ويو آهي. ساڳي طرح دلو دامن ۽ دلمون: مل، ملهه، ملوها ۽ ميلوها؛ ماڳن، ماڪو ۽ ماڪا سنڌي ٻولي جا لفظ آهن ۽ ڪن ماڳن ۽ ماڻهن جا لقب ۽ نالا آهن. پر اسان جا ماهر انهن کي ڪٿي جو ڪٿي ۽ ڇا جوڇا سڏي ابتا سبتا رايا اخذ ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ قديم آثارن جي ماڳن جي حفاظت لاءِ به جوڳا اپاءُ ورتا وڃن. ٻي صورت ۾ دادو ضلعي ۾ لهڻ دڙي ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ ڏيپر گهانگهرو دڙي وانگر ڪيترائي ٻيا شاهوڪار ماڳ انساني هٿ چراند ڪري مڙني ختم ٿي ويندا ۽ اسان مڪين وانگر مٿو پٽيندا ئي رهجي ويندا سين. ساڳئي وقت قديم نالن کي نه بدلايو وڃي. ائين ته اسان پنهنجي تاريخ کي پاڻ کهندا رهنداسين، جو

زنده ۽ باوقار قومن جو شيوو نہ آهي. ساڳئي وقت اهو بہ عرض ڪندس تہ مهرباني ڪري حقيقتن کي مفروضن ۾ لُهڪائڻ جي بہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي. اسانجي تهذيب جا اهي قداور آثار ۽ اهڃاڻ صدين کان وٺي آسماني ۽ آفاقي واقعن ۽ حادثن جومقابلو تہ ڪندا آيا آهن پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ اڄ جي پيداگيرن جي دست درازين ۽ هٿ چراند کان پناهہ پني رهيا آهن. ان سلسلي ۾ تمام ضروري آهي تہ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هڪ اهڙو جامع ۽ مؤثر ائڪٽ (Act) پاس ڪري انهن قديم آثارن ۽ بين تاريخي اهميت وارن جڳهين جي سنڀال ۽ فقط سنڀال جو ڪم ضلع ڪائونسلن کي سونپين. جنهن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ مالي امداد انهن ڪائونسلن جي ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ دولت جي حريص هٿن کان انهن آثارن ۽ ماڳن جو بچڻ محال ٿو نظر اچي.



باب ٻيو

ڪاڻي جي ماٿري ۾ ست گهريون

اختصار

ڪاڻي ماٿري ۾ انساني عمل جا جيڪي آثار ۽ اهڃاڻ مليا آهن ۽ جي شايد پهرين پراڻي پٿر واري زماني سان واسطو ۽ لاڳاپو رکن ٿا، اهي آهن ست گهريون. مٽئين باغ وٽ پوٺن جو سلسلو ختم ٿيو وڃي ۽ پوءِ ترائي ۾ هموار زمين آهي جيڪا هن خوبصورت ماٿري جو زرخيز حصو آهي. ان مٽئين باغ جي اتر ۾ باغ سان لڳ آخرين پوٺي ۾ اهي ست گهريون يا ست غارون واقع آهن. اڄ کان ڪجهه سال اڳي غارن يا گهرين کي جن ڀوتن ۽ پرين جا گهر سڏيندا هوا. مونکي بہ ائين ئي ٻڌائي گهمايون ويون هيون.

غارن ۾ انسانن ڪانسواءِ شينهن، سوئر، رڇ ۽ چرا خ ۽ ٻيا جهنگلي جانور بہ رهندا هوا. انهن جانورن کي غارن مان ڀڄائي ڪڍڻ لاءِ موٿر هٿيار ’باهہ‘ کان ڪم ورتو ويو. اوائلي انسان غارن ۾ ايتري قدر اندر ويندا هوا جتي پاڻ کي موسمي اثرن ۽ وڏيڪ ويڙهو جانورن کان بچائي سگهن، ان ڪانسواءِ ڪاٺ، اناج ۽ ٻارڻ بہ ڪنهن پاسي سانڍي رکن. غارن جا منهن يا لنگهہ بند ڪيا ويندا هوا ۽ روشني جو ذريعو فقط ’امڙ‘ هوا.

پهاڙي سلسلا

ڪير ٿر جبل جي قطارن جي وچ ۾ ڪيترين ئي شاداب ۽ زرخير ماٿريون آهن. خاص ڪري اهي ماٿريون جن ۾ ڪي قدرتي ۽ دائمي طور وهڻ وارا چشما آهن يا جن ڪي جابلو نئين ۽ نالن جو پاڻي چڱي انداز ۾ ميسر آهي ۽ هر مند ۾ ميسر ٿئي ٿو. اهڙين ماٿرين مان ڪي ماٿريون پٽ، بدي، لنبي ۽ منڇر پهاڙي سلسلن جي وچ ۾ بہ موجود آهن. جهڙوڪ گاجي شاه، ڪائي ۽ بندڙي واريون ماٿريون. انهن ماٿرين مان وري نئنگ ۽ ڪائي جون ماٿريون پنهنجن چشمن ۽ واهين ڪري، ٻين ماٿرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سرسبز. شاداب ۽ آباد آهن. ٻئي ماٿريون هڪ ٻئي سان لڳو لڳ آهن ۽ انهن جي وچ ۾ اٽڪل ڇڻ ميلن جو مفاصلو ٿيندو. جو سمورو جابلو علائقو آهي. ٻنهي ماٿرين جي وچ ۾ ڪيرٿر جبل جون شاخون منجهيل ۽ بي بولائتيون آهن. اتان بدي جبل جون قطارون ۽ ڇاڙون شروع ٿين ٿيون ۽ اتر ڪان ڏکڻ ڏانهن وڃن ٿيون. ساڳي طرح هڪ وڌيڪ پهاڙي سلسلو شروع ٿئي ٿو. اهو نئن نئنگ جي مٿان اوڀر طرف وڃي نئين ڳمراچ وٽ ختم ٿئي ٿو. اهو پهاڙي سلسلو ڏکڻ ۽ اولهہ طرفن مان لڳندڙ تيز هوائن جي ڪاٽ سبب، ڏايو وڻندڙ ۽ دلڪش لڳي ٿو ۽ پري ڪان مصر جي اهرامن ۽ اسفنڪس يا ابوالهول ٢٨٠٠ - ١٧٠٠ ق م سان مشابهت ۽ هڪجهڙائي ڏيکاري ٿو.

چشمو، واهي ۽ باغ.

بدي جبل جي منڊ ۾ ڪي مٿاهان ٽاڪرو هموار پوٺا آهن. انهن پوٺن مان هڪ پوٺو بدي جي اوير ۾ آهي. پوٺي مٿان، جبل جي پاڙ ۾ هڪ قدرتي چشمو ڦٽي وهي ٿو. چشمو بلڪل صاف ۽ شفاف پاڻي وارو آهي. چشمي جي تري ۾ چشمي جون اکيون بہ چٽي طرح ڏسڻ ۾ اينديون آهن جن مان پاڻي نڪرندو رهي ٿو. ان چشمي مان ڪائي جي واهي وهي، پوٺي تان هيٺ لهي، ماٿري ڏانهن بوڙي ٿي. ماٿري ۾ هيٺ ڪرڻ وقت پاڻي ۾ تيزي ۽ شور پيدا ٿئي ٿو. واهي جي تيز وهڪري مٿان اٽي پيهڻ جي جاندهہ بہ رکيل آهي جيڪا ڳوٺائن جي ضرورتن کي پوروڪري ٿي. واهي مٿان بہ باغ آهن جن مان هڪ کي مٽيون ۽ ٻئي کي هيٺيون باغ سڏين. مٿئين باغ جي ايراضي اٽڪل ڏيڍ ايڪڙ آهي ۽ هيٺيون باغ پڪيڙ ۾ اڍائي — ٽي ايڪڙ ٿيندو. باغن ۾ ڄمون، پپل، نم، ڪجي، ليمون ۽ ليسوڙي جا وڻ جام بيٺا آهن جي گهڻو ڪري سڀ خودرو آهن. باغ ڪنهن بہ ترتيب جا

محتاج نہ آهن. انهن کي پنجن تن جا باغ سڏين. جيڪڏهن باغن جي زراعت جي اصولن هيٺ سار سنڀال لڌي وڃي تہ بابل جي لٽڪندڙ باغن (Hanging Gardens of Babylon 660 B.C.) واري خوبصورتي حاصل ڪري سگهن ٿا. سيوهڻ جي ميلي ڪانپوءِ فقيرن جا ٽولا لاهوت ويندي، پهرين منزل انهن باغن ۾ ڪندا آهن جتي نوحاڻي قبيلي جو هڪ پيرسن فقير ماڻڪ، پنهنجي سردار محمد خان نوحاڻي جي تعاون سان، فقيرن جي خدمت چاڪري ڪندو آهي.

ماڙي

ڪائي جي ماڙي منڇر ۽ بدي جبلن جي ڇاڙن جي وچ ۾ واقع آهي. ماڙي اٽڪل پنج هزار ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. چئني طرفن کان ننڍين ٽڪرين جون ننڍيون ننڍيون چوٽيون ڪڙ ڪنيون ماڙي جي نگهباني ڪنديون رهن ٿيون. ماڙي ۾ نوحاڻي قبيلي جا اٽڪل چاليهارو گهر آهن جن جي آدمشماري ٽن سؤ نفسن تي مشتمل آهي. ماڻهن جو مکيہ ڌنڌو کيتي ۽ مال پالڻ آهي. ڪنڌي جا وڻ سموري ماڙي ۾ ڇانيل آهن ۽ تراين ۾ ڪٽي ڪبڙيون نظر اينديون. چشمي مان ڦٽي وهندڙ واهي تي اٽڪل ٽي چار سؤ ايڪڙ پوکي هيٺ ايندا آهن. ماڙي ۾ خريف جي مند ۾ جوئر، گوار ۽ تر پوکين ۽ ربيع ۾ ڪڻڪ، سونف، جَوَ ۽ تيلي ٻج. فصل ٻنهي مندن ۾ ٿيلا ٿين. ماڙي ۾ چوپائي مال ۾ رڍون ۽ ٻڪريون پالين. ڪڻون ڪي گهر فقط کير ـــ ڏڌ ۽ مکڻ لاءِ ڌارين ۽ اٺ مال برداري لاءِ. ماڻهو رلٺا ملٺا ۽ خوش مزاج آهن. قبيلي جو سردار سٺو مهمان نواز ۽ ناهوڪو مڙس آهي. واهي ٻيگهہ ۾ اٽڪل ڏيڍ ميل ٿيندي. ان جو سمورو پاڻي زراعت لاءِ ڪم اچي ٿو.

ست گهريون

ڪائي ۽ نئنگ جون ماڙيون پنهنجن چشمن واهين، باغن، فطري حسن ۽ قدرتي نظارن سبب، جتي ٻين ماڙين جي مقابلي ۾ وڌيڪ دلڪش ۽ وڻندڙ آهن، اتي پنهنجي زرخيزي ۽ محل و قوع ڪري، صدين کان وٺي انساني چهل پهل ۽ وسندي هيٺ ٻہ رهيون آهن. ڪائي ماڙي ۾ تہ انساني عمل جا اهي آثار ۽ اهڃاڻ مليا آهن جي پهرين پراڻي پٿر واري زماني سان واسطو ۽ لاڳاپو رکن ٿا. اهي آهن "ست گهريون". متئين باغ وٽ پوئن جوسلسلو ختم ٿيو وڃي ۽ پوءِ ترائي ۾ هموار زمين آهي جيڪا هن

خوبصورت ماٿري جو زرخيز حصو آهي. ان مٿئين باغ جي اتر ۾ باغ سان لڳ آخرين پوئتي ۾ اهي ست گهريون يا ست غارون واقع آهن. اڄ کان پنجاهه ــ سٺ سال اڳي، انهن غارن يا گهرين کي جن ۽ پرين جا گهر سڏيندا هئا. مون کي ائين ئي ٻڌائي گهمايون ويون هيون. اهي غارون يا گهريون مون سن ١٩٥٥ع ۾ گهميون. ان وقت اهي گهريون اڄ جي مقابلي ۾ وڌيڪ سٺي حالت ۾ هيون ۽ گهٽوڪري، سپ گهٽي پاڳي سلامت هيون. اڄ انهن مان ڪي ڊهي ڪري پيون آهن، باقي جيڪي بچيون آهن، سي اسان جي بي حسي ۽ لاپرواهي جو ماتم ڪندي، اڄ يا سڀاڻي ڪري پونديون ۽ سنڌ پنهنجي هزار لکن سالن جي تاريخي ۽ تهذيبي ڪڙيءَ کان ڇڄي، ٽٽي ۽ ڪنجي ويندي.

قديم آثارن جي ڄاڻ رکڻ وارن، انهن گهرين جي ڏسڻ سان، وڏي اعتماد ۽ يقين سان چئي سگهندو ته انهن گهرين جو غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي دور سان تعلق آهي ۽ غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جو تعلق پراڻي پٿر ۽ ان کان به اڳ واري زماني سان آهي.

"Cave Men – in the early days of archaeology, it was believed, as a result of many discoveries in Europe of the remains of pre-historic man in caves, that Palaeolithic man always lived in caves, and the term Cave Men came into popular use as a convenient description of him. It is now known that Palaeolithic man, though he used caves frequently, by no means did so exclusively." (Encyclopedia of Archaeology p 87.)

جيڪڏهن ٻڇي ٻڇي تخمينو لڳايو وڃي ته به غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جو واسطو ٻارنهن هزار سال ق م کان اڳ واري زماني سان آهي جو پراڻي پٿر واري زماني جو آخري ۽ پويون دور سمجهيو وڃي ٿو. پراڻي پٿر وارو زمانو اٽڪل ڇهه لک ۽ ٻارنهن هزار سال ق م وچ ۾ شمار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ انسان پاڻي ۾ لڙهندڙ گول مول پٿرن سان حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون هيون، جڏهن هن پاڻ کي وڌيڪ قوي، ڪجهه نه ڪجهه هنرمند، جهنگلي جانورن سان وڙهڻ ۽ انهن کي شڪار ڪرڻ جهڙو سمجهيو هو. اهو دور به ٻارنهن سو سال ق م تائين اچي ختم ٿي ويو ساڳئي وقت اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پراڻي پٿر واري زماني ۾ يا ان جي پوئين دور تائين انسان تمام اڻ لڀ جانور هو.

ست گهريون سپ اوپر منهنيون آهن. ڪجهه سال اڳي انهن غارن ۾ سولائي سان اندر لنگهي وڃبو هو مگر وقت گذرڻ سان، ماڻهن ۽ مال جي رهڻ سان، اناج ۽ ٻهه ٻانڌ جي رکڻ سان، برساتن ۽ تيز هوائن جي لڳڻ سان، ڪي غارون ڊهي ڪري پيون آهن ۽ باقي بچيل غارون گهڻو ڪري ٽرجي ويون آهن ۽ هن وقت انهن ۾ اندر گهڙڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. اتر طرف واري پهرين غار جي ڇت ڪري پيئي آهي. ساڳي طرح ڏکڻ طرف واري پوئين غار ته بلڪل پٽ ٿي ويئي آهي.ان غار جي باقيات ۾ اناج ۽ جلائڻ ڪاٺين رکڻ واري ننڍڙي ڪوٺڙي بچي آهي. غارن جون ماپون ڪوشش ڪري ورتيون اٿم جي هيٺ پيش ڪريان ٿو. ڪن غارن اندر ننڍڙيون ڪوٺڙيون ۽ ٿنڀا آهن. انهن جون ماپون ٻه هيٺ ڏيان ٿو. غارون اتر کان شروع ڪريان ٿو. اتر واري پهرين غار ڪري سمجهڻ گهرجي.

پهرين غار

اها غار ڊيگهه ۾ اوپر کان اولهه ٽيويهه فوٽ ۽ موڪر ۾ اتر کان ڏکڻ نوَ فوٽ آهي، غار جي اوچائي ڇهه فوٽ آهي. غار ۾ اندر ٽن ڪوٺين جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن مان ٻه ڪوٺڙيون ڪجهه سالم حالت ۾ آهن. غار ۾ هڪ ٿنڀو ڊٺل حالت ۾ بيٺو آهي. غار ڪي هڪ لنگهه آهي جيڪو ڇهه فوٽ اوچو، ٻه فوٽ ويڪرو آهي. غار جي منهن وٽ ٿنڀيون چار فوٽ ٿلهيون آهن.

ٻي غار

ٻي غار فقط هڪ ڪمري واري آهي. اها غار ساڍا ٻارنهن فوٽ اوپر کان اولهه طرف ڊگهي، اتر کان ڏکڻ ڏانهن نوَ فوٽ موڪري ۽ پنج فوٽ اوچي آهي. غارم اندر ڪنهن به ٿنڀي جا نشان ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن. غار جو دروازو ساڍا ڇهه فوٽ اوچو سوا ٻه فوٽ ويڪرو آهي. ٿنڀيون اڍائي فوٽ ٿلهيون آهن.

ٽين غار

ٽين غار ٻه هڪ ڪمري واري آهي. اها غار اوپر کان اولهه ٻارنهن فوٽ ڊگهي ۽ اتر کان ڏکڻ نوَ فوٽ موڪري ۽ ڇهه فوٽ اوچي آهي. غار جو دروازو ساڍا پنج فوٽ ڊگهو، اڍائي فوٽ موڪرو ۽ اٽڪل ٻه فوٽ ٿلهو آهي. هن غار ۾ ٻه ڪنهن ٿنڀي جا نشان ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن.

چوٿين غار

هي غار وچ ۾ آهي. شايد ان ڪري ٻي ٻين غارن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ٻڳهي، موڪري ۽ اوچي آهي. غار ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻه لنگهه يا دروازا آهن، جي ڪري پيا آهن. ساڳئي وقت غار ۾ ٻن ٿنڀن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻاهريون يعني دروازن وارو ٿنڀو ڪريل ۽ ڀڳل حالت ۾ آهي. باقي اندريون ٿنڀو چڱي حالت ۾ بيٺل آهي، جيڪو گردي ۾ ٻارنهن فوٽ آهي. غار اوڀر کان اولهه ٽيويهه فوٽ ڊگهي ۽ اتر کان ڏکڻ نوَ فوٽ موڪري آهي. غار جي اوچائي ست فوٽ آهي. غار ڪجهه ڀڳل حالت ۾ بيٺي آهي انڪري ڏسڻ ۾ فقط هڪ ڪمري واري لڳي ٿي.

پنجين غار

پنجين غار اوڀر کان اولهه سورنهن فوٽ ڊگهي ۽ اتر کان ڏکڻ ويهه فوٽ موڪري آهي. غار جي ڇت ست فوٽ اوچي آهي. هن غار ۾ ٻه ٿنڀا سلامت بيٺا آهن. هرهڪ ٿنڀو گردي ۾ ست فوٽ ٿلهو آهي. ٿنڀا ڪُنڊن سان مستطيل شڪل ۾ گهڙيل آهن. غار ۾ اندر گهڙڻ سان سامهون هڪ ڪمرو نظر ايندو. اهو ڪمرو يا ڪوٺي ڏيگهه ۾ ساڍا اٺ فوٽ ۽ موڪر ۾ اٽڪل ست فوٽ آهي. ڪوٺيءَ جي ڇت پنج فوٽ مٿي آهي. ڪوٺيءَ جو دروازو ٽي فوٽ اوچو ۽ اڍائي فوٽ موڪرو آهي. باقي غار جو منهن بلڪل ڀڳل آهي ۽ سمجهجي ٿو ته غار کي ٻه دروازا هئا.

ڇهين غار

هي غار اوڀر کان اولهه ڏيگهه ۾ چوڏهن فوٽ ۽ موڪر ۾ اتر کان ڏکڻ ڏهه فوٽ ۽ اوچائي ۾ ست فوٽ آهي. غار ۾ اندر ننڍي ڪوٺڙيو آهي ننڍي ڪوٺي. غار کي هڪ لنگهه يا دروازو آهي جيڪو چار فوٽ اوچو ٽي فوٽ موڪرو آهي. دروازي وٽ پٿين جي ٿولهه ٻه فوٽ آهي.

ستين غار

هيءَ گهرڙي بلڪل ڀڳي ٻٽ ٿي ويئي آهي. انجي ڏکڻ ۾ فقط اناج يا ڪاٺين رکڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ڪوٺي بچي آهي. اها ڪوٺي اوڀر کان اولهه پنج فوٽ ۽ اترکان ڏکڻ ٽي فوٽ آهي. ڪوٺڙي جو منهن اوچائي ۾ سوڙهو اٽڪل ڏيڍ فوٽ ٿيندو. اها غار ڪافي وڏي ۽ ويڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

Soorih Mirani

برساتن ۾ پوڻي جو پاڻي وهي ۽ ڪجهه سمي غارن ۾ اندر وڃي ٿو. پوڻو جيڪواصل ۾ انهن گهرڙين جي ڇت آهي، آهستي آهستي ڀرندو ٿو وڃي ۽ ان جي ساخت مان ئي انهن غارن جي عمر جو تخمينو لڳائي سگهجي ٿو. برساتن ۾ ڳوناٺا چوپايو مال ٻڪريون ۽ رڍون انهن غارن ۾ واڙي ڇڏيندا آهن يا وري انهن ۾ مال جي چاري جو ٻهه وغيره ڀري انهن جا منهن بند ڪري ڇڏيندا آهن. انهن غارن جو ڪو ڏٺي سائين ته آهي ڪونه. البت هاڻي منهنجي منٽن ميڙن تي غارن ۾ اندر توڙي ٻاهر دخل اندازي گهٽ ٿي آهي. جنهن لاءِ مان سردار محمد خان نوحاڻي جو ٿورائتو آهيان.

انهن ست گهرين جي ڏيگهه، موڪر، اوچائي ۽ ننڍين ڪوٺين جي استعمال وغيره جي بابت ايچ — جي — ويلس جا هيٺيان جملا اسان جي تمام سٺي رهنمائي ڪن ٿا. هو صاحب پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب جي صفحي نمبر ٧٤ تي لکي ٿو ته

"Not merely man was taking to the caves. This period also had a cave lion, a cave bear, and a cave hyaena. These creatures had to be driven out of the caves and kept out of the caves in which these early men wanted to squat and hide; and no doubt fire was an effective method of eviction and protection. Probably early men did not go deeply into the caves, because they had no means of lighting their recesses. They got in far enough to be out of the weather, and stored wood and food in odd corners. Perhaps they barricaded the cave mouths. Their only available light for going deeply into the caverns would be torches." (The Outline of History p 74.)

غارن ۾ انسانن کانسواءِ شينهن، سوئر، رڇ، چراخ ۽ ٻيا خونخوار جهنگلي جانور به رهندا هئا. انهن جانورن کي غارن مان ڀڄائي ڪيڻ لاءِ موثر هٿيار "باهه" کان ڪم ورتو ويو. گهڻو ڪري منڍ وارو انسان، انهن غارن ۾ گهڻو اندر نه ويو ڇاڪاڻ ته انهن وٽ روشنائي جو ڪوبه ذريعو نه هو. اهي اوائلي انسان غارن ۾ ايتري قدر اندر ويندا هئا جيئن پاڻ کي موسمي اثرن ۽ وڏيڪ ويڙهو جانورن کان بچائي سگهن. ان کان سواءِ ڪاٺ اناج ۽ ٻارڻ به ڪنهن پاسي سانڍي رکن. غارن جا لنگهه ڍڪيا ويندا هئا ۽ روشني جو ذريعو فقط "امڙ" هئا.



ڪاڻي چشمو.

ست گهريون (كاٺي).

ڪاڪي پيرومل پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" جي صفحي ٥٥ تي لکيو آهي تہ "لکي جي جبلن مان ڪوسي پاڻي جي ڪشتين جي پريان ڪي غار لڌا اٿن، جي ٽڪرن مان ٺاڪيل آهن. انهن بابت رايو ظاهر ڪيو اٿن، تہ اڳي انهن ۾ ماڻهو رهندا هوا. هن وقت انهن غارن مان ڪي وهڻن لاءِ وٿاڻ ٿي ڪم اچن ٿا. هاڻوڪي سيوهڻ اسٽيشن جي پريان، ٽڪري تي، انهي قديم زماني جو هڪ غار آهي، جو "ايڪ ٿنڀو" يا هڪ ٿنڀو سڏجي ٿو. ان جو ذڪر ڊاڪٽر ولسن ڪيو آهي. اهو بہ نهايت قديم زماني جو غار آهي، جنهن ۾ ماڻهو پناهہ وٺندا هئا."

وري هينري ڪزنس لکي ٿو تہ

"Not far from the spring head in the valley of 'kehm', there are to be found several rude caves hewn out of the rock, which have evidently been used as human habitations, though now used as cattle sheds. There is a small cave between the town of Sehwan and the bandar, called the "EK Thamb" or one pillared cave, which was visited, by Dr.Wilson and is noticed in his Memoir on the Cave Temples, etc, of Western India. There are also several rude caves in the rock near the springs at 'Kahee'" (The Antiquities of Sind. p 45.)

ساڳئي نموني جا ٻيا غار لکي جي پهاڙن ۾ لکي ۽ آمري ڳوٺن جي وچ ۾ آهن. اهي اٽڪل چار غار آهن. انهن جو لنگهہ فقط هڪ آهي. چار ئي غار، غار اندر غار جي سلسلي ۾ آهن. پهرين غار جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪنهن لٽيل ڪوهہ جا نشان بہ ملن ٿا. غارن جي وچ ۾ جيڪي لنگهہ آهن سي تمام سوڙها آهن. اندر پاڻي جي پوسل تمام گهٽي آهي. پهريون ڪمرو تہ تمام ڪشادو آهي. انجي ڇت بہ تمام گهٽي مٽي آهي. انهن غارن ۾، مان ڪن دوستن سان گڏجي اندر سمهي گهڙيو هوس. تڏ جا ماڻهو ان غار کي ٻڙن جهڏو ڪري سڏين ٿا. غار جي ٻاهران ڪنهن هڪ قٽل گبر بند جا آثار بہ ظاهر هئا. ان بند مان تر جي ماڻهن پٿر ڪڍي وڪرو پي ڪيا. ٽرڪن جي ڦيٽن جا چيڪلا صاف ظاهر هئا.

دنيا جون مشهور غارون

مون ڪائي، لکي وغيره جون غارون باريڪ بيني سان نہ ڪٽي

مگر چڱي طرح ضرور گهميون آهن. انهن غارن (ست گهرين سميت) مان ڪنهن هڪ غار جي ڀتين يا ڇتين تي ڪنهن به قسم جو چٽ يا نقش ڏسڻ ۾ نه آيو آهي. هندوستان ۾ الورا ۽ اجنتا (اورنگ آباد) جون غارون پنهنجن نقش ونگار تصويرن ۽ مورتين جي سونهن، سوڀيا، هنر ۽ فن کان مشهور آهن. مگر اهي غارون انسان جي منڍ واري رهائشي دؤر سان تعلق نه ٿيون رکن ۽ نڪي ان خيال کان گهڙيون ويون آهن. انهن غارن کي ترمي پوترتا، مڃتا ۽ مرجاتا وغيره حاصل آهي ۽ هندوستان جي مصوري ۽ سنگ تراشي جا نادر، ناياب ۽ شاهڪار نمونا سمجهيا وڃن ٿا. انهن غارن مان اٽڪل ٽيهه کن وڏيون ۽ مکيه آهن. جن کي اجنتا جون غارون چيو وڃي ٿو جي پهرين ۽ ٻي عيسوي صدي جون آهن. ڪي محقق انهن کي اڃا به وڌيڪ قديم سمجهن ٿا. الورا جي غارن ۾ ٻڌڪو ۽ هندڪو گڏيل دؤر نظر اچي ٿو جڏهن ته اجنتا جي غارن ۾ فقط ٻڌڪو زمانو ملي ٿو. ساڳئي نموني سان فرانس جي ڏکڻ اولهه ۾ ۽ اسپين جي اتر اوڀر ۾ جيڪي غارون آهن تن ۾ جهنگلي جانورن جهرڪ گهوڙن، ڍڳن، هرڻن، وڏن وارن وارن هاٿين ۽ مينهن جون تصويرون ۽ شڪليون چٽيل آهن. اهي چٽ گهڻو ڪري ڳاڙهي، ڪاري، پيلي ۽ خاڪي رنگن ۾ چٽيل آهن. ڪن غارن ۾ ڪي وڌيڪ چٽ نڪتل آهن جي تيرن، ڪوڙڪين، مانڊاٽن ۽ زخمي جانورن جا آهن. اسپين جي ڪن غارن ڪانسواءِ، باقي ٻين غارن ۾ چٽ اندرين اونداهين ڀتين تي چٽيل آهن. ڪٿي ڪٿي ته چٽ هڪ ٻئي مٿان به ڪڍيا ويا آهن. اسپين جي غارن ۾ نقش غارن کان ٻاهر چٽيل يا تراشل مليا آهن.

انهن غارن مان پهرين ۽ مکيه غار سن ١٨٧٩ع ۾ اسپين جي هڪ شهري سائوتولا ڳولي لڌي. ان غار ۾ ڍڳن جون تصويرون، غار جي ڇت تي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين چٽيل آهن. ڍڳن کي قطارن ۾ ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگن ۾ چٽيو ويو آهي. اهي ساڳيا رنگ سنڌو تهذيب جا به رنگ آهن. انسان شروع شروع ۾ انهن رنگن کي سيني کان وڌيڪ استعمال ڪيو آهي. انسان صدين کان وٺي ڳاڙهي رنگ جي رت سان ۽ ڪاري رنگ جي غم سان مشابهت رکي انهن رنگن کي علامتي طور پئي استعمال ڪيو آهي. جيئن حياتي هڪ ڪهاڻي ۽ حقيقت آهي تيئن التميرا (سائوتولا ١٨٧٩ع) شيوب (شرون ـــ ١٨٨٩ع) لاموٿ (١٨٩٥ع) فونت دي (١٩٠١ع) ۽ آلاسڪا (١٩٤٠ع) جون غارون افسانو ۽ تاريخ آهن. مصوري، نقاشي ۽ سنگ تراشي ۽ انهن ۾ پريل رنگ انساني حيات کي حرارت به بخشين ٿا ته ساڳئي وقت، زندگي جي علامت به آهن.

ڪاٺي جي ٻٺي

ست گهرين کان هڪ فرلانگ پري، اوڀر لتر طرف ۽ متين باغ جي بلڪل سامهون اتر طرف هڪ ننڍي ٽڪري گول شڪل ۾ واقع آهي. ان ٽڪري جي گولائي، ڏسڻ ۾ هترادو ۽ بناوٽي ٿي لڳي. ان ٽڪري جي مٿان ۽ لاهين ۾ ڪنهن قديم اجڙيل بستي جي گهرڙن جا آثار ملن ٿا. گهرن جي پتين جا بنياد ۽ پيڙهيون ڪٿي صاف ظاهر ۽ ڪٿي لڪل حالتن ۾ آهن. اها ويران قديم وسندي جنهن ٻٺي يا ٽڪري تي اڏيل آهي اها ٻٺي اتر کان ڏکڻ طرف پنج سؤ فوٽ ۽ اوڀر کان اولهه طرف ٻه سؤ اسي فوٽ آهي. ٻٺي اوچائي ۾ اسي فوٽ کن ٿيندي. خوش نصيبي کان مان ۽ ڊاڪٽر لوئس فليم اها ٻٺي، ست گهريون ۽ باغ بلڪ پوري ماٿري ٢ ڊسمبر ١٩٨٦ع ۾ گڏجي گهمياسين ۽ انهن جو اڀياس ڪيو. هن ٻٺي تان جيڪو ٺڪراٺو مليو سو جابلو ۽ آمري تهذيب سان تعلق رکي ٿو. سنڌ ۾ جابلو آمري تهذيب وارو دؤر چار هزار سال ق م ڪٿيو ويو آهي. ٻٺي، ٺڪراٺي سان ڀٺي پيئي آهي. ايچ ٽي لئمبرڪ ٻه ان ٻٺي ۽ ديوارن جو ذڪر ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو ته اتي پنگار دؤر(Bronze age) جا ٽانو ٺڪراٺي جي صورت ۾ ملن ٿا. مان ته ذاتي طور ائين چوان ٿو ته اها ٻٺي اڄ کان ڇهه ست هزار سال اڳ انهن ماڻهن وسائي جيڪي شڪاري يعني (Nomadic Hunt-ers and caves) واري دؤر مان لنگهي زراعت واري سماج ۾ داخل ٿيا هئا.

ماٿريءَ جو نالو

ڪياني دؤر: دنيا ۾ گهڻو ڪري سڀني مورخن ۽ محققن، ايران جي قديم تاريخ کي جن مکيه دؤرن يا خانداني حڪومت جي زماني ۾ ورهايو آهي انهن مان ٻن خاندانن کي ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ اهميت ڏنئي لکيو آهي. انهن مان هڪ کي پيش دادي دؤر ۽ ٻئي کي ڪياني دؤر ڪري لکيو اٿن. پروفيسر مقبول بيگ بدخشاني پنهنجي ڪتاب تاريخ ايران جلد اول جي چوٿين باب ۾ پيش دادي ۽ ڪياني دورن جو ذڪر ڪيو آهي. هو صاحب، ايران جي قديم روايتن کي فردوسي، طبري ۽ ثعالبي جي حوالن سان پيش ڪندي لکي ٿو ته زوبن طهماسپ جي مرڻ ڪانپوءِ ايران جي حڪومت جون واڳون ڪيقباد جي هٿ ۾ ڏنيون ويون جنهن پنهنجي نالي جي پٺيان هڪ نئين دؤر جو بنياد رکيو جيڪو ڪياني عهد سان مشهور ٿيو. "ڪي" پهلوي زبان جو لفظ آهي جنهن جون معنائون آهن بلند قدر، عادل

اصيل، لطيف، نيڪي ۽ شهنشاه.. ڪياني خاندان جي هيٺين حاڪمن جا نالا تاريخ جي صفحن ۾ ملن ٿا. ڪيقباد، ڪيڪائوس، ڪيخسرو، لهراسپ، گشتا سپ ۽ بهمن دراز دست. ڪياني دؤر ۵۵۰ ق م ۾ ختم ٿيو. ۵۵۰ ق.م ڪانپوءِ ايران جي تاريخ جا سونهري دؤر شروع ٿيا. انهن ۾ پهريون دؤر هخامنشي دؤر آهي.

ڪاڪو پيرومل: ڪاڪو پيرومل، وري قديم سنڌ ۾ صفحي ۱۳۷ تي لکي ٿو تہ ڪوي هسرو(Kavi Husrava) اهو ساڳيو نالو آهي جنهن جو اُچار ايرانين ڦيرائي ڪيو آهي "ڪيخسرو"، ڪوي ڪواٹ بدران ايراني چون "ڪيڪبات" ڪوي آش بدران "ڪيڪائوس" ۽ ڪوي وشتپاسپ بدران چون "ڪي گشتا سپ" (Kai Gushtasp) اهي ئي نالا شاهنامي ۾ ڄاڻايل آهن. هو صاحب اڳتي هلي لکي ٿو تہ تاريخ موجب قديم بختر (Bactria)جا حاڪم ڪياني بادشاه سڏيا ويندا هئا ۽ ڪياني لفظ ڪوي مان نڪتل آهي. ڪوي جي معنيٰ آهي رشي يا مهراج ۽ هاڻي معنيٰ اٿس شاعر.

مولائي شيدائي:تاريخ تمدن سنڌ جو مصنف مولائي شيدائي صفحي ۹۰ ــ ۹۱ تي لکي ٿو."قديم سنڌ جي پرڳڻن مان گيدروشيا (مڪران) ۾ بہ ڪاريزون، ڪائوسي ۽ خسروي، هن وقت موجود آهن جي ڪيڪائوس ۽ ڪيخسرو تعمير ڪرايون هيون. آر ــ هيوز بلر.R. H) (Buller صاحب مڪران گزيٽئر ۾ مٿين ڪاريزن جو بيان ڏنو آهي. مڪران ڪان علاوه سنڌ جي ٻرئنگيانا (سيستان) پرڳڻي ۾ ڪيخسرو هڪڙو آتشخانو ڪرڪويا گرداشپ جي يادگار لاءِ جوڙايو هيو. جنهن کي "هوشِ گرشاسپ" چوندا هئا. ان جو بيان سيستان جي تاريخ ۾ ڏنل آهي..... ايرانين جو چوٿون يادگار برهمڻ آباد جو ويران شهر آهي جيڪو ۴۸۰ ق م ۾ بهمن بن اسفنديار سنڌوندي جي هڪڙي شاخ تي تعمير ڪرايو هو." پروفيسر مقبول بيگ جي تاريخ ايران مطابق بهمن جو ٻيو نالو اردشير هو جنهن کي تاريخ ۾ اردشير درازدست-(Artaxerxes Lon (gimanus جي نالي سان لکيو ويو آهي. ان جي حڪومت جو دؤر ۴٦۵ ــ۴۲۵ ق م هو. جيڪڏهن ۴۸۰ ق م جي سن تي غور ٿو ڪجي تہ ان وقت ايران جو شهنشاهہ خشيارشا (Zerk sez-xerxes-1) هو جنهن ۴۸۵ ــ ۴٦٦ ق م حڪومت ڪئي. مٿي ذڪر ڪيل ڪاريزن مان هڪ جو بيان ايچ ٽي لئمبرڪ بہ پنهنجي ڪتاب جي صفحي ۸۹ تي ڪيو آهي.

منهنجي خيال ۾ ايرانين جا سنڌين سان تعلقات اٽڪل روءِ ٽي

هزار يا سايا ٽي هزار سال ق م کان وٺي سنڌ ۾ اڻ سڌي طور پکي رهيا آهن. سارگون پهرين (٢٧٥٠ ق م) ۽ حمورابي (١٧٩٢ ــ ١٧٥٠ يا ٢١٠٠ ق.م) جي زماني ۾ واپاري، پنگتي ۽ سياسي تعلقات تمام ستريل ۽ گهاٽا هئا. سيد سبط حسن پنهنجي ڪتاب "ماضي ڪي مزار" ۾ اُر (UR) جي حاڪم اُرنمو (٢١١٣ ـــ ٢٠٩٦ ق م)، عڪاد جي فرمانروا اِشنُونا، اسين جي بادشاه لِپت اِشتر (١٩٣٤ - ١٨٩٤ ق.م) ۽ حمورابي جي قانونن وارين تختين يا لٺين جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مثان انهن حاڪمن پنهنجي وقت جا فرمان لکارائي يا اڪرائي مندرن ۾ شاهراهن ۽ مسافرن خانن وٽ نصب ڪرائي ڇڏيا هئا. انهن مخروطي لٺين يا تختين جي اچائي اٽڪل اٺ فوٽ ۽ ويڪر اڍائي فوٽ ڪن هئي. پيرس جي عجائب گهر "لوور" ۾ هڪ شيشي جي پيتي ۾ هڪ پٿر جي تختي يا لٺ رکيل آهي. دنيا جي اِن مشهور عجائب گهر ۾ سڀ کان وڌيڪ قيمتي ۽ نادر قديم وٿ جيڪڏهن ڪا رکيل آهي تہ اها اهائي لٺ يا تختي آهي. اها لٺ اٺ فوٽ ڊگهي ۽ ٽي فوٽ ٿلهي آهي. ان جي مٿئين چيڙي تي هڪ نقش گهڙيل آهي جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ بابل جو سڀ کان وڏو ديوتا 'مردڪ' وڏي ڪر و فر سان تخت تي برجمان آهي ۽ ان جي سامهون بابل جو حاڪم "حمورابي" وڏي ادب ۽ احترام سان اڀو بيٺو آهي. بادشاهہ سڄي هٿ سان ديوتا جي حضور سلام ڪري رهيو آهي ۽ ڪٻو هٿ پيٽ تي رکيل اٿس. ديوتا مردڪ قانون جي ضابطن جا فقرا حمورابي جي حوالي ڪري رهيو آهي. قانون جا اهي فقرا باقي لٺ تي اڪريل آهن. اهي فقرا عڪادي زبان ۾ اڪريل آهن. اها حمورابي جي لٺ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پراڻي لٺ يا تختي سمجهي وڃي ٿي. اها لٺ حمورابي جي حڪم سان شمس ديوتا جي مندر ۾ سپير جي شهر ۾ نصب ڪئي ويئي هئي. عيسوي سن کان ٻارهين صدي اڳي ايلم جي بادشاه اها لٺ ڪٽائي پنهنجي راڄڌاني سوسا ۾ فتح ۽ فخر جي نشان طور نصب ڪرائي ۽ سوسا (Susa) جي تباهي سان گڏ اها لٺ بہ زمين ۾ دٻجي ويئي ۽ اٽڪل ٽن هزار سالن کانپوءِ فرانس جي قديم آثارن جي ماهرن کي سن ١٩٠١ع ۾ کوٽائي دوران هٿ لڳي.

سنڌ ۾ ايراني تهذيب جا اهڃاڻ

انهي ساڳي ماپ ۽ شڪل واريون ست اٺ لٺيون يا تختيون مونکي دادو ضلعي ۾ ڏسڻ ۾ آيون آهن. انهن مان ڪن لٺين کي رنگ روغن ڏيئي، اسان جي سادن ڳوٺاڻن حضرت علي جي گهوڙي جي اڳياڙي پڇاڙي سمجهي تباهہ ڪري ڇڏيون آهن يا وري ڪنهن هڪ کي سيمنٽ

جي تهن ۾ ويڙهي ڪيس ڪافر ديويءَ جوينڊ پهڻ "مائي رومي" سڌي نذر نياز لاءِ استعمال ڪيو آهي. اهي سڀ لٺيون مون پنهنجي سر گهمي ڏٺيون آهن. پر انهن تي ڪنهن به قسم جي لڪت يا نقش نظر نه ٿو اچي. چاڪاڻ ته صدين کان وٺي ڪليل آسمان هيٺان پيون آهن ۽ برساتن ۽ طوفاني هوائن جو مٿن مسلسل عمل ٿيندو رهيو آهي. ان ساڳئي علائقي ۾ مونکي هڪ اهڙي عمارت جا آثار ۽ نشان به ڏسڻ ۾ آيا آهن جن جو تعلق به ايراني فن تعمير سان آهي ۽ انهن جو نالو به ايراني لفظ 'گوربندي' آهي. ان ساڳئي خطي ۾ ڪنهن آتشڪده يادخمه (Tower of Silence) جي اڏاوت چڱي حالت ۾ موجود آهي.

ان سلسلي ۾ لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب جنرل انٽروڊڪشن ۾ صفحي ٦٣ — ٦٤ تي هيوز بلر (Hughes Buller) جي حوالي سان لکيو آهي ته:

"At various places in the valley and its vicinity Hughes Buller noticed the sites of 'ancient towns', the buildings evidently corresponding in style with the 'stone enclosures', so characteristic of the southern Kohistan of Sind. Distinguished from these were some circular buildings which the same observer thought likely to have been the remains of dakhmas or Tower of Silence."

مٿين لکت منهنجي راءِ جي سوَ في صد تصديق ڪري ٿي. ايراني تهذيب ۽ ثقافت جا ڪي ٻيا آثار ٺٽي ضلعي ۾ به ڏٺا اٿم. انهن تي سورج (Sun Disk and Bell of Justice) جي ٿالهي ۽ عدل جي گهنڊ جا نقش اڪريل آهن. انهن نشانن سان تقدس واريون علامتون به شامل آهن.

ان بابت ڪليمنٽ هرٽ Clement Huart لکي ٿو ته سلطنت ايران جي مشهور فرمانروا سائرس جي مقبري ۾ جيڪو گهڙاوت جو ڪم ٿيل آهي ان ۾ به سج جون ٿالهيون گهڙيل آهن هو صاحب لکي ٿو ته:

"The hair arranged in four locks, is cut short at a level of the chin. Above the head two great wild goats horns divide so as to hold a very complicated head-gear, in which one can distinguish three solar disks, surmounted by bunches of reeds and ostrich feathers and two

snakes." (Ancient Persia and Iranian Civilization. By clement Huart. p 92.)

باقي عدل ۽ انصاف جي گهنڊ جي روايت بہ ايران ۾ ڪورش اول يا سائرس اعظم (Cyrus ۵۵۰ ق. م ۵۲۹ ق م) کان وٺي ايران جي قديم تاريخن ۾ ملي ٿي. پروفيسر مقبول بيگ نوشيروان (۵۳۱ ــ ۵۷۹ ع) جي عدل ۽ انصاف جو ذڪر ڪندي نظام الملڪ طوسي جي حوالي سان لکيو آهي تہ نوشيروان پنهنجي محل ۾ هڪ گهنڊ ٽنگائي ڇڏيو هو ۽ ان سان گڏ هڪ زنجير بہ ٻڌائي ڇڏي هئي تہ جيئن جنهن بہ شخص کي ڪٿان بہ انصاف نہ ملي تہ هو بادشاه کان انصاف طلب ڪري سگهي. فريادي اها زنجير ڇڪي، گهنڊ وڄائي، بادشاه جي حضور ۾ حاضر ٿي انصاف گهرندو هو. ساڳي ڳالهہ هند جي مغل حاڪم جهانگير (ڄم ۱۵٦۹ ــ تخت نشيني ۱٦۰۵ وفات ۱٦۲۷ع) بابت بہ مشهور آهي. انصاف جو گهنڊ ايران جي تهذيبي ورثي جي علامت ۽ نشاني سمجهي ويندي آهي. مغلن ان جو نقل ڪيو. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ نئين پٿر واري دور کان وٺي قدرت جي سڀني مظهرن مان سج کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيئي، ان سان ڪيترين رسمن ۽ رواجن، پوڄا ۽ پاٺن کي شامل ڪيو ويو آهي. سڀني سامي مذهبن، ايران جي مذهبن ۽ سنڌو تهذيب جي نيم ترمي رسمن ۾ بہ سج جي نشاني ڳالهي ۽ لڪيرون آهن.

Sun-disk. Symbol of light and fire.

"The Sun has been one of the most persistent and ancient objects of interest of the human race. Sun symbols occur in Neolithic deposits around the globe. The Sun god "Ra" persists through Egyptain ancient history. In the 13th century B.C. Ikhnaton established a monotheistic religion of high ethical character centering about the Sun-god Aton, represented by a disk with rays extended as beneficent hands. In all solar cults, the sun represents healing, fruitful qualities. And in the ethical religions, as that of Aton, the Sun was a harsh judge of men's deeds as well as a benevolent Sovereign." (Encyclopedia of Religion. p 743)

نئون ۽ بهرام گور

پير حسام الدين راشدي مرحوم سماهي مهراڻ جي جلد ١٥ جي نمبر ١ ـ ٢ صفحي ٣٩ تي ابن بلخي جي حوالي سان لکيو آهي تہ "بهرام گور (٤٢٠ ـ ٤٤٠ع) بن يزد گرد بن شاپور ساساني کي ديبل ڏاج ۾ مليو. ان سلسلي ۾ ايران جي تاريخ جو مصنف پروفيسر مقبول بيگ لکي ٿو تہ: "چيو وڃي ٿو تہ بهرام گور هند تي بہ چڙهائي ڪئي هئي. پر هند جو مهاراجا شنڪلت بهرام گور جو ان ڪري شڪر گذار هو جو بهرام گور 'هنس' (Huns) جي مڪڙن يا ماڪڙ کي ايران جي سرحدن تان ئي موٽائي ڇڏيو هو. انڪري هند ان ماڪڙ جي حملي کان محفوظ رهيو. ان احسان جي بدلي ۾ راجا شنڪلت ايراني لشڪر کي خوش آمديد ڪيو ۽ مڪران ۽ ايران جي سرحدن سان ملندڙ علائقو بهرام جي حوالي ڪيو. ثعالبي تہ ائين چوي ٿو تہ شنڪلت پنهنجي ڌيءُ بهرام گور کي پرڻائي ڏني. وري سائلڪس لکي ٿو تہ راجا شنڪلت هند مان چار هزار موسيقار ۽ ٻيا فنڪار ايران جي درٻار ۾ موڪليا." (تاريخِ ايران جلد پهريون صفحو ٤١٨)

سنڌ مٿان ايرانين جي تلسط جا آثار ۽ احوال تہ ساساني حاڪم نوشيروان (٥٣١ ـ ٥٧٩ع) جي دؤر تائين ملن ٿا. ان سموري دؤر ۾ ايراني سنڌونديءَ جي فقط الهندي ڪناري تائين قابض رهيا. ان دؤر ۾ سنڌ مان نہ فقط موسيقار ۽ ٻيا فنڪار ۽ معمار ايران جي درٻار ۽ شهرن کي زينت بخشيندا رهيا.. پر شطرنج جا ڪيڏاري بہ ايران جي درٻار ۾ پنهنجي مهارت جو سڪو ڄمائيندا آيا. شطرنج جي راند جو بنيادي طور تعلق سنڌو جي سرزمين سان آهي. ماڻڪ پٽاوالا لکي ٿو تہ:

"During the reign of Nosherwan (531 to 579 A.D.) says Shah Namah of Firdousi, ambassadors came from the sovereign of Hind to the Choshoe, challenging him to solve the puzzle about the game of chess... After the Arab conquest of Sind the game of chess passed on to the Arabians (7th Century A.D.) and from them it reached Europe about the 11th Century A.D." (Historical Geography of Sind. p 84)

انهن تاريخي حوالن پيش ڪرڻ جو واحد مقصد اهو هو تہ يقيني طور ثابت ڪري سگهجي تہ صدين تائين سنڌ جا تعلقات ايران سان رهيا

آهن. انگريزي ايران جي ٻولين فارسي ۽ پهلوي سان گڏ ادب ۽ ثقافت جو به سنڌ تي ڪنهن حد تائين اثر رهيو آهي ۽ ايران جا نالا ۽ لفظ سنڌي زبان ۾ استعمال هيٺ آيا آهن. جيئن باران، مهران، مڪران، سيوستان، ديبل، هالا، نهنگ، حيدرآباد، شاهپور، سن، گلستان، بوستان، باغ وبهار، ويران، مڪان، آسان، دشوار، حال، زمان، بلوچستان، پسر، پدر، مادر، مهربان وغيره وغيره. ان حساب موجب ڪائي لفظ به پارسي زبان جو لفظ آهي ۽ ان جي معني ٿلهي ليکي " "جيئرو يا هجڻ وارو" ٿي سگهي ٿي. پارسي زبان جا ٻيا لفظ ڪاڻ ڪاڻ، ڪائنات ۽ ڪاڻ ماڻ ان زمري ۾ اچي سگهن ٿا. مگر مان يقين سان ڪجهه به چوڻ کان قاصر آهيان. باقي جيڪڏهن اسان ان لفظ کي خالص سنڌي لفظ ڪري استعمال ڪيون ته پوءِ اهو لفظ ٻن حالتن ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو. صفت جي حالت ۾ انجي معني ٿيندي "ڪابه ڪجهه، ڪهڙي" وغيره مثال طور ڪائي ڳالهه ڪانهي. ڪائي خبر چار. ۽ جيڪڏهن اسم ڪري استعمال ٿيندو ته پوءِ انجي مراد ٿيندي "هندن جي لاش کڻڻ واري ڏولي" ڪيترين ٻولين جا لفظ اسان وٽ ڪارڻ حالت ۾ استعمال ٿين ٿا. جهڙوڪ آگ کي اَڳ، توب کي توڦ، بندوق کي دنبوق، ڪفگير کي ڪپڪير، طنبور کي دنبور، نهنگ کي نٿنگ، بابڪان کي بوبڪان، اروڙ کي الور، ڪولاچي کي ڪراچي، بانگ کي ٻانگ، گور پٽ کي ڳورپٽ، مهمان کي مزمان، محتاج کي موتاج وغيره.

ايران جي قديم باشندن جو قومي ۽ ملي شاعر ابو القاسم حسن فردوسي (٩٤١ ــ ١٠٢٠ع) آهي. فردوسي متعلق چيو وڃي ٿو ته هن مسلسل پنجويهه ٽيهه سال محنت ۽ عرق ريزي ڪري شاهنامو لکي تيار ڪيو. فردوسي جي شاهنامي تي سر جَي ــ سِي ــ ڪويجي (Sir J.C. Coyajee) محنت ڪري انگريزي زبان ۾ ان جو حاصل مطلب منتقل ڪيو آهي. اهو ڪتاب بذات خود ايران جي ادب، فلسفي، ثقافت ۽ روايات تي هڪ مستند دستاويز آهي. ان مان پڙهندڙن جي معلومات جي اضافي ۽ تسڪين لاءِ ڪي ٿورا ۽ ننڍا اقتباسات پيش ڪري رهيو آهيان. ان ڪتاب جي صفحي ٣.٢ تي ٻن فرمانروائن جا نالا ڏنل آهن هڪ منوچهر ۽ ٻيو منشحر.(Minuchehr and Manushchihr) ساڳي ڳالهه ابن خلدون ڪئي آهي. ابن خلدون جي ڏنل شجري مطابق فريدون کي ٽي پٽ هئا. سلم، طور ۽ ايرج. ايرج جو پٽ هو منشحر ۽ منشحر جو پٽ منوچهر هو. ان سلسلي ۾ ڪليمنٽ هئرٽ (Clement Huart) لکي ٿو ته فريدون کي ٽي پٽ هئا. سلم، طور ۽ايرج، جن وچ ۾ هن بادشاهت ورهائي. سلم کي مغرب وارا حصا مليا، طور کي ترڪستان ۽ چين مليا ۽ ايرج کي ايران

مليو. (جيحون درياهہ جي اتر ۾ جيڪوعلائقو طوران سڏجي ٿو سو اصل ۾ فريدون جي پٽ طور سان منسوب آهي). اها ورهاست ڀهرين ڀن ڀائرن کي ڏکي لڳي ڇاڪاڻ تہ وطن جي سرزمين ايران، ايرج کي مليو هو. ان سازش جي نتيجي ۾ طور، ايرج کي قتل ڪري ڇڏيو. ايرج جو قتل حقيقت ۾ فريدون جو قتل هو. ايرج جي قتل ڪانپوءِ هن (ايرج) جي هڪ ملڪ (ماه آفريد) هڪ نياڻي کي جنم ڏنو. جوان ٿيڻ ڪانپوءِ ان نياڻي جي شادي شاهي خاندان جي هڪ فرد منشحر سان ٿي جنهن مان منوچهر پيدا ٿيو.

لائق مصنف اڳتي هلي لکي ٿو تہ فريدون جي جاءِ نشين عوام جي ڀلائي ۽ خوشحالي لاءِ وڏا ڪم ڪيا. جن مان مکيہ ڪم آبپاشي جي نظام جو سڌارو هو. هن جي دؤر ۾ فرات، دجلہ ۽ سنڌو درياهن جي وڏيڪ ڪوٽائي ڪئي ويئي ۽ انهن درياهن جي نهرن جي بہ مرامت ڪئي ويئي. هن جي ڏينهن ۾ باغات ۽ باغباني کي همٿايو ويو. سبزين ۽ ڀاڄين جا الڳ ۽ ميون جا الڳ باغ لڳايا ويا. ٿي سگهي ٿو تہ منڇر 'منشحر يا منوچهر' (منشهر) جو ۽ اڙل 'اِروا' جا ڪارڙ نالا هجن.

(Divine Right of Kings) بادشاهن جي آسماني حقن تي لکندي هي صاحب چوي ٿو تہ ايران جي حاڪمن کي شاهي جلال حاصل هو جيڪو فقط خانداني حاڪمن ۾ پشت بہ پشت منتقل ٿيندو هو. ساساني دؤر ۾ ان شاهي يا شاهاڻي جلال جي علامت هڪ گهيٽو (A ram) هئي. هن صاحب جي لکڻ موجب تہ سڪندر اعظم کي بہ اهو شاهاڻو جلال حاصل نہ هو.

"Obviously, Firdausi had no authority from the Bastan Nameh for considering Alexander as one of the bearers of the Royal Glory. But, in the case of the first of Sassanides the description of the 'cleaving' of the Royal Glory is most dramatic and realistic, thus throwing light on how the transfer of the Royal Glory was interpreted and envisaged in old Iran. The Royal Glory is symbolised as a ram, which follows Ardeshir and protects him from the pursuit of his enemy, Ardavan, finally settling securely on the former's back. That ram, as the symbol of Royal Glory, is seen on numerous Sassanian coins. It was also depicted on the Arch of Chosroes." (Studies in Shahnameh. p 295)

سنڌ مان جيڪي بہ ساساني دؤر جا سڪا مليا آهن انهن مان هڪ سڪو جهڪڙ ضلعي لاڙڪاڻي مان مليو آهي جنهن تي Royal glory واري علامت گهيٽو اڪريل آهي. ان کان اڳ ۾ مصنف لکي ٿو تہ ڪياني يا ڪوي خاندان جا جيڪي بہ ست حاڪم ٿيا انهن سيني کي اهو شاهاڻو جلال ۽ قوت حاصل هئي، سواء ڪي ڪائوس جي، ڇاڪاڻ تہ هن جا ڪارناما ۽ پاليسيون غلط هيون. هو صاحب لکي ٿو تہ:

"According to the Yasht, Kai Qubad and his seven successors of the Kavi dynasty were equally successful possessors of the Royal Glory; but here again, Shahnameh has its own expanded version of the history of the Royal Glory. It describes how King Kai Kaus lost the Royal Glory as the result of his unwise policy and actions, and the once prosperous land of Iran lay waste as a consequence of this, until Kai Khusrau appeared on the scene:

ڪه ڪاوس بي فر و بي پرو پاي
نشستہ است بر تخت بر رهنماي
زباران هوا خشڪ شد هفت سال
دگر گونة شد رنگ وبر گشت حال

(Studies in Shahnameh. p 293)

مٿين ٽڪري مان"ڪائي" لفظ جو مسئلو حل ٿي وڃو ٿي سمجهڻ گهرجي تہ ڪياني خاندان جي حاڪمن جو اضافي لقب ڪائي Kai هو. ان خاندان جي حڪمراني ۽ ثقافتي اثر سنڌوندي جي اولهہ واري خطي تي هو. ايراني تهذيب جا اثرات سيوهڻ کان مڪران رستي ايران ڏانهن ويندڙ شاهراهن تي ملن ٿا ۽ اهي شاهراهون ڪائي ۽ نهنگ (نئنگ) ماٿرين مان گذرن ٿيون. ڪياني خاندان سنئو ماٿري ۾ آباد آهي ۽ ڊاڪٽر مارٽن هيگ جي خيال موجب ڪائي، ڪوي مان نهيو ۽ ڪوي جي معني "رشي" آهي: چرچ آف انگلنڊ وانگر ڪياني حاڪم ايراني مذهب ۾ پيشوا جو درجو بہ رکندا هئا.

باقي ست گهرين لاء اچا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. جنئن خود ايچ — جي — ويلس لکي ٿو تہ:

"It is well to bear in mind, also, that the Record of the Rocks has still to be throughly examined. It has been studied only for a few generations, and by only a few men in each generation. Practically only western Europe has been explored in this connection. There may be, there probably are, thousands of deposits still un-touched containing fragments and vestiges of man and his progenitors. In Asia, in India or the East Indies, or in Africa, the most illuminating clues must be hidden... What we know today of early man may be the merest scrap of what will presently be known." (Out Line of History p 66)

پهاڙن جا پنا ۽ دستاويز اڃا چڱي طرح مطالعي هيٺ نہ آيا آهن. ڪن پيڙهين تائين ڪم ڪيو ويو آهي ۽ انهن مان بہ ڪن ڪم ڪيو آهي. اولهہ يورپ ۾ تہ بنيادي طور ڪم ڪيو ويو آهي پر ايشيا هندو پاڪ ۽ مشرقي بيٽن ۾ يقيني طور انسان ۽ سندس ابن ڏاڏن جا ڪارناما لڪل ۽ ڪوجنائڻ هيٺ آيل نہ آهن. جو ڪجهہ اڄ اسان کي اوائلي انسان بابت معلوم ٿيو آهي، ان ۾ سياڻي وڌيڪ اضافو ٿيندو.

مان ذاتي طور ترتي وگيان ۽ قديم آثارن جي ماهرن کي تحقيق لاءِ دعوت ڏيان ٿو. اهي غارون ڪائي ۽ لڪي جون، اروڙ ۽ روهڙي جون، گنجي ۽ گنڊراٽي ٽڪر جون، يا مڪلي جي پهاڙن جون سڀ مطالعي لائق آهن.

غار ۾ غار ۽ ٽيپو

باب ٽيون

بلي جي بني ۽ سام

اختصار

بلي جي بني، نئن بلي جي تري کان هڪ سو فوٽ اوچي آهي. بلي جي بني ڏکڻ طرف سلامي سان پکڙيل آهي. بني ديگهه ۾ اوڀر کان اولهه هڪ هزار فوٽن کان به مٿي آهي ۽ اتر کان ڏکڻ به ڪافي ڊگهي ٿيندي. بني تي سلامي واري پاسي کان گهرن جا بنياد به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بني جي چوطرف ڪنهن ڪوٽ جا آثار به هاڻي آهستي آهستي ظاهر ٿيندا وڃن ٿا. بنيادن ۾ پٿر اڻ گهڙيل حالت ۾ استعمال ٿيل آهي. بني تي جيڪو ٺڪرائو مليو آهي سو آمري ۽ ابتدائي مهين تهذيب وارن دورن سان تعلق رکي ٿو. ٺڪرائو تمام گهٽي تعداد ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ ڊهيل مليو آهي. ان کانسواءِ چقمق مان گهڙيل ڦرن جا ننڍا ننڍا ۽ سنهڙا لاتعداد ٽڪرا به ملن ٿا.

اها رسم، اهو رواج ۽ اهو قدر (value) فقط انهن قبيلن ۽ فردن ۾ ملي سگهي ٿو جيڪي پنهنجون جانيون جوکي ۾ وجهي، ٻين لاءِ جيئڻ سکيا آهن، ۽ جي فطري ۽ طبعي طور بهادر ۽ سخي، جانباز ۽ جان نثار بي طمع ۽ بي غرض ٿيندا آهن. سامن ۽ سرٿين کي وڻ ، جهلڻ ۽ انهن جو پرجهلو ٿيڻ موت ۾ سموري ڪٽنب سميت سر ڪٽائڻ کان مانجهي مردن ۽ مٿيادار مڙسن جو مرڪ آهي.

بلي جي بڻي

سيوهڻ شهر کان مسافري ۽ واپاري واٽ جيڪا شاهه لاهوت ۽ نوراني ۽ مڪران کان ٿيندي ايران ڏانهن وڃي ٿي ان قديم ۽ مکيه شاهراهه تي جهانگارن کان اٽڪل ٽن ميلن جي مفاصلي تي واٽ جي ڏکڻ طرف هڪ ننڍي ٽڪري واقع آهي جنهن مٿان ڪي پنج قبرون ۽ پنج ئل پٿرن جا ٺهيل آهن. ان ٽڪري جي اتر ۾ هڪ برساتي ڍوري جو پيٽ آهي. گهڻي برسات ۾ ان ڍوري جو تيز وهڪرو ٽڪريءَ کي ڪائيندو رهي ٿو. ان ٽڪري جو نالو آهي "بلي جي بڻي".

بلي جي بڻي نئن جي تري کان هڪ سؤ فوٽ اوچي آهي. بلي جي بڻي ڏکڻ طرف سلامي سان پکڙيل آهي. بڻي ڊيگهه ۾ اوپر کان اولهه هڪ هزار فوٽ ۽ ويڪر ۾ اتر کان ڏکڻ ڇهه سؤ فوٽ ٿيندي. ان بڻي تي جيڪو ٺڪراٺو ملي ٿو سو آمري ۽ ابتدائي (Early) موهين تهذيبن سان تعلق رکي ٿو. ڊاڪٽر مائيڪل جانسين کي ان بڻي تان چقمق جي ڦرن (Chart Flakes) جا ننڍا ننڍا ٽڪرا تمام گهڻي تعداد ۾ حاصل ٿيا. اها بڻي ڊاڪٽر مائيڪل جانسين ۽ سندس رفيقن کي تاريخ ٢٤ جنوري ١٩٨٦ع ۾ گهمائي هئم. ان کان اڳي ساڳي بڻي ڊاڪٽر هنس نيسان ۽ لطيف يونيورسٽي جي محترم پروفيسر غلام مصطفيٰ شر ۽ ڊاڪٽر لوئس فليم کي به ڏيکاري هئم. ٺڪراٺي ۾ جمنيون (ڪليل پيالا) ڪوزا ۽ ٻين قسمن جي ٿانون جو ٺڪراٺو ۽ چقمق مان گهڙيل ڦرن جا ننڍا ننڍا تمام سنهڙا ٽڪرا به ملن ٿا. ٺڪراٺو تمام گهڻي تعداد ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ ڊهيل ملي ٿو.

بلي جو ڳوٺ

بلي جي بڻي جي اولهه ۾ نئن ڳمراچ وهي ٿي. ان نئين جي پيٽ ۾، رستي جي ڏکڻ ۾، سڌ پنڌ تي هڪ ڪنيءَ ۽ چشمو آهي جنهن ۾ هميشه پاڻي رهي ٿو ۽ ڪجهه نه ڪجهه وهي نئن ڳمراچ جي پيٽ ۾ به پوندو رهي ٿو. ان چشمي جو پاڻي صاف ۽ مٺو آهي ۽ واٽهڙن لاءِ غنيمت آهي. ان چشمي جي مٿان اولهه ۾ ۽ رستي سان لڳ ڏکڻ طرف، زمين جي ڳچل حصي ۾ رک سان ڇانيل ڊڙيون ۽ پٿون ڏسڻ ۾ اينديون. انهن پڻن کي کوٽڻ سان، رک جا تهه ملن ٿا. اهي پٿون ۽ رک جا تهه نشان ۽ آثار آهن، بلي کوسي جي سڙيل ڳوٺ جا. هن وقت رستي سان لڳ دادو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل طرفان هڪ ننڍڙو مسافر خانو ٺهرايل آهي ۽ هڪ فقير جي

نماڻي جهوپڙي. فقير مسافرن لاءِ پاڻي پري رکندو آهي ۽ آيلن ويلن جو آسرياءُ ٻہ ڪندو رهي ٿو.

ٻلي جي ڳوٺ جون پڊون گهڻي تعداد ۾ آهن، جن مٿان گهرڙا اڏيل هئا. پڊن جي وچ ۾ گسن ۽ گهٽين جا نشان ٻہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پڊن جي هيٺان دڀيل رک، ٻڏائي ٿي تہ انهن جاين تي ڪکن، ڪانن ۽ ڪائين جا گهر اڏيل هئا جي باهہ جو بک ٿي ويا ۽ اڄ اتي رک اڏامي ٿي.

ٻلي جي ڳوٺ جي تباهي جو ڪارڻ

چون ٿا تہ ٻلو ذات جو ڪوسو (ٻڊاڻي) هو ۽ پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس هو. سڄي تر ۾ پنهنجي ۽ پائرن جي بهادري ۽ سخا ڪري مشهور هو. آس پاس جا ڳوٺاڻا فيصلي لاءِ وٽس ايندا رهندا هئا. ماني پور ٻہ هر وقت هر ڪنهن آيل مسافر ۽ واٽهڙو کي آڇيندو هو. ٻلو پاڻ وڏي ڏيا وارو، جاڻو ۽ ويڙهو مڙس هو. انڪري تر ۾ سائس ڪونس قٽائي ڪرڻ وارو ٻہ ڪونہ هو. کيتي ٻاري ڪرڻ، مال پالڻ ۽ شڪار ڪرڻ سندس پيشا ۽ محبوب مشغلا هئا. ٻلي جي پائرن جا نالا هئا علي خان، احدي، جهنبو، ۽ مياداد. سندن پيءُ جو نالو عرضي هو.

پنج پٽ عرضي جا، پنجئي ساماٽا شينهن
اٽن شوق شڪار جو، گهمن راتيان ڏينهن
پوءِ ٻلي جهڙا شينهن، مري مور شهيد ٿيا.

هڪ ڀيري ڪنهن غير قبيلي جي مائي، ٻلي جي اڇي سام ورتي. مائي جا وارث ٻلي وٽ آيا. ٻلي انهن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ۽ چيائين تہ نينگر منهنجي سام ورتي آهي. جيڪڏهن اوهان سان پنهنجي رضا خوشي سان هلي تہ مان سرهو ٿيندس. باقي زوري ٻانهن ڪڍي نہ ڏيندس جو مان سام ڏيڻي چڪو آهيان. مائي وارثن سان ڪانہ وئي. مائي جا وارث پوءِ ڪاوڙ ۾ اٿي ڪڙا ٿيا ۽ ٻلي تي زور آندائون تہ ٻانهن ڪڍي ڏئي. ٻلي انڪار ڪيو. مائي جا وارث پوءِ فيصلو تلوار تي ڇڏي، ٻلي کي تاريخ ڏيئي ويندا رهيا. تاريخ واري ڏينهن ٻلي جا پائر سندن هڪ جگري دوست سائينداد نوحاڻي ۽ ٻيا سڀ ڳوٺ کان ٻاهري نڪري، ڳمراچ نئن جي اوير ۾ هڪ پوني تي ٿي ٻيٺا. ٻلو پاڻ ان پوني جي اتر ۾ هڪ اوچي ٽڪري تي وڃي ٻيٺو. اها ٽڪري گس مٿان، انڪل ميل کن پري هئي.

ٻي تر ٻہ سياڻي هئي. اهي ولو ڪري، پهرين اڇي ڳوٺ مٿان

ڪڙڪيا. ماڻهن ۾ پارڙا خوف ۽ هراس سبب وٺي پڳا. اتي فقط سام ۾ آيل عورت تلوار سان ويرين جو مقابلو ڪيو ۽ پيش پوڻ بدران ڪم اچي ويئي. ويرين انتقام سبب سڄي ڳوٺ کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. هوڏانهن دانهن تي بلي جي پائرن مخالف تر کي طعنا ڏيئي للڪاريو. پوني مٿان رت ريلا ڪري وهي هليو. بلو به ٽڪري تان ٽپا ڏيندو اچي جنگ ۾ شريڪ ٿيو. ڪوسن جي مقابلي ۾ بروهين، شاهاڻين ۽ لنبن، جمالين جي مدد ڪئي. اهي همراه تعداد ۾ تمام گهڻا هئا. جنهن ڪري بلي، سندس پائرن ۽ نوحاڻي سردار تي سوڀ پاتائون. ڇٺني پائرن ۽ نوحاڻي سردار جون قبرون ان بٺي مٿان سالم حالت ۾ بيٺيون آهن. مونکي ٻڌايو ويو ته ان سام پيل عورت جي قبر به انهن قبرن جي اتر اوڀر ۾ ٺهيل هئي پر ٽڪريءَ جي ڪاٽ ڪري ڊهي ويئي. تر وارن قبيلن انهن سورهن جي ياد ۾ پنج گول منارا (ماهيون) به ان بٺي مٿان ٺهرايا جي به سالم حالت ۾ موجود آهن. بلي ڪوسي ۽ جنگو جمالي جي جنگين جون مختلف چوڻيون ۽ ڪهاوتون آهن جيڪي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "جنگ نامي" ۾ صفحن ٦٦ کان ٧٤ تائين بيتن سميت قلمبند ڪيون آهن. بهرحال اهو جنگي واقعو پنهنجي جڳهه تي صحيح آهي. مگر سگهڙن مختلف صورتن ۽ رنگن ۾ پيش ڪيو آهي. مان ذاتي طور جهانگارن، ڪاڻي، ڳمراج وغيره ۾ هن وقت آباد قبيلن جي فردن سان مليو آهيان ۽ مونکي جيئن ٻڌايو ويو، تئين مون به لکيو آهي. جيتوڻيڪ بلي جو ڳوٺ، بٺي، قبرون ۽ ماهيون مون پاڻ گهمي ڏٺيون آهن. سرزمين جي روبڪار منهنجي اکين اڳيان هن وقت به صاف ظاهر آهي. انڪانسواءِ بلي جي شان ۾ جيڪي بيت چيل آهن سي به ان بهادري ۽ قول جي سچائي ۽ پڪائي جي واکاڻ ڪن ٿا.

١. بلي جي پائرن جي ڪندو ڪانه ڪچي
نوحاني ننگ تي اچي بيٺو مرد مچي
لهو ليٽي لال ٿيا، جيئن ڪهنبي لاڪ رچي
پوءِ جن جي ساک سچي، سي مري مور شهيد ٿيا.

٢. ڪام ڪجان ڪچي، بلي بيگ بدام جي.

٣. بلي جهڙا خان، مر، ڪا مائي ڄڻي پڙا!

٤. بلو بداٽين ۾ اڙٻنگ عطائي
خان جهليو ڪيڙي سان سٽي سرواهي
مٿي پڙ پائي وهيو رت ريلا ڪري.

بلي جون بٺيون

بلي جي ان بٺي جي اتر ــ اتر ــ اولهہ ۾ ننڍيون ننڍيون، ننڍڙن ننڍڙن پٿرن جون ڍڳيون آهن. اهي ڍڳيون اٽڪل ميل ڪن پنڌ پري هڪ ٽڪري تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مونکي ٻڌايو ويو تہ اهي ڍڳيون بلي جي قدمن مٿان نشان طور رکيون ويون آهن. اهي ڍڳيون مان سالن ڪان وٺي ڏسندو اچان ٿو. مگر انهن مان ڪنهن بہ ڍڳي ڪي نہ هٽايو ويو آهي نڪي پٿرن سان هٿ چراند ڪئي ويئي آهي. اهي ڍڳيون حقيقت ۾ بلي جي عزت ۽ بلي سان سندس بهادري جي ڪارنامي يعني "سام تان سر ڏيڻ" سبب عقيدت جي اظهار جو هڪ انوکو مثالي طريقو ۽ يادگار آهن.

محترم علي احمد بروهي ٻڌايو تہ چوڪنڊي قبرستان ۾ مريد خان جوکئي جي قبر پرسان پٿرن جون ٿي ڍڳيون ٺهيل آهن. اهي ڍڳيون مريد خان جوکئي جي بهادري جو يادگار آهن. ڪرمتين ۽ جوکين جي وچ ۾ چوڪنڊي پرسان هڪ جنگ ۾ مريد خان جوکئي جي هڪ ٽنگ ڪپجي ويئي. پر مڙس هو بانکو بهادر سو هڪ ٽنگ تي بهي بہ وڙهندو رهيو ۽ هٽي ڪرمتين جا ٽي جوان ليٽائي وڌائين. ان بهادري جي ڪارنامي جي ياد ۾ پٿرن جون اهي ٽي ڍڳيون سندس قبر پرسان قائم ڪيون ويون آهن. اها ڳالهہ بہ ان حقيقت جي تصديق ٿي ڪري تہ سنڌ ۾ هيرو ورشپ (Hero worship) يعني مثالي ڪردار سان عقيدت جي اظهار جو طريقو ڪجهہ سال اڳي بہ قائم هو.

هيرو ورشپ (Hero Worship)

قومي اڳواڻن سورهن، بهادرن، سخين، مفڪرن ۽ ٻين مثالي ڪارنامن جي بسر انجام ڏيڻ وارن مردن ۽ عورتن لاءِ عزت احترام ۽ عقيدت جي اظهار کي هيرو ورشپ سڏي سگهجي ٿو. تاريخ جا ورق ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿا تہ ان قسم جي مثالي ڪردارن کي ديوتائن، نيم ديوتائن ۽ ديون جو درجو ڏيئي انهن جي مختلف نمونن سان پوڄا بہ ڪئي ويئي آهي ۽ انهن جي پٺيان ۽ انهن جي مٿان مندر، مڙهيون، ديوليون، مقبرا، منارا، لٺيون، مينار ۽ مجسما ٺهرايا ويا آهن. مصر ۾ فرعونن جا اهرام ۽ فرعونن جي پوڄا ان ڪري ڪئي ويندي هئي ڇاڪاڻ تہ اهي بادشاهن سان گڏ مصر جا خدائون بہ سڏائيندا هئا. جپان ۾ بادشاهہ کي

سورج ديوي (Sun goddess) جو اوتار سمجهي پوڄيو وڃي ٿو. چين ۾ عجيب فلسفي ماتحت خاندان جي وڏن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي.

"As the foundation of things is heaven, so the foundation of man is the ancestors."

اهو رواج خاص طور شانگ گهراڻي (١١٢٢ ـــ ١٧٦٥) جي دؤر ۾ عام ٿيو. يونان، روم ۽ هندوستان ۾ جنگي جوڌن سان گڏ مفڪرن ۽ رشين جي پوڄا جو رواج بہ آهي. يونان تہ ڇڻ ان رسم (Cult) جي جنم ڀومي آهي. اتي تہ انهن جي ياد ۾ قربانيون بہ ڏنيون وينديون هيون. جيئن سڪندر اعظم، هيرڪلس، ايمن، ڊائنوسس ۽ ٻين ديوتائن جي نالي ۾ گهوڙن ۽ شراب سان ڀريل سونن پيالن جي قرباني پيش ڪندو هو. موٽ ۾ انهن سورهن، سخين، مفڪرن، رشين وغيره کان راهن ۾ رهنمائي، جنگين ۾ فتح، وبائن کان شفا ۽ نسلن جي افزائش جي اميد ۽ توقع رکي ويندي هئي.

هر ڪنهن قوم پنهنجن اهڙن اڳواڻن بهادرن، سخين، مفڪرن، رشين ۽ ٻين مثالي ڪردارن جي ڪارنامن کي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ لکيو آهي يا شعرن ۽ بيتن ۾ رچيو آهي، سازن ۽ سانگن ۾ ڳايو آهي. رامائڻ ۽ مهاڀارت، الائيڊ ۽ اوڊيسي (Iliad and Odyssey) الف ليليٰ، فردوسي جو شاهنامو، شيڪسپيئر جا ڊراما وغيره انهن تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪردارن جي داستانن سان ڀريا پيا آهن. شاهہ لطيف بہ پنهنجي رسالي جي گهڻن سرن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مثالي ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي. جهڙوڪ سسئي، سهڻي، نوري، مارئي، مينڌرو، مورڙو، راءِڏياچ، سپر سخي ۽ ڄام ڄکرو وغيره.

In the world's broad field of battle
In the bivouac of Life
Be not like dumb, driven cattle!
Be a hero in the strife!
H.W. Longfellow.

سام

سنڌ جي سرزمين کي اها سعادت ۽ خوش نصيبي حاصل آهي جو ان ترتيءَ مصر وانگر پٿر جا سوين فوٽ اوچا اهرام (٢٧٠٠ ق ـــ م)

اڏيندڙ فرعون پيدا نہ ڪيا ۽ نڪي فرات دجلہ ماٿري وانگر پڪين سرن مان ٺهيل ٽي سو فوٽ اوچو بابل جو مينار تعمير ڪرائيندڙ نمرود (٢٢٠٠ ق ـ م؟) جڻيو. هي سر زمين فخر سان چئي سگهي ٿي تہ هن جي ڪک مان ڪابہ اهڙي تهذيب جنم وٺي نہ ايري جيڪا پروهتن ۽ پنڊتن ۽ قهاري حاڪمن واري تهذيب هجي جنهن ۾ اوچيون شاندار مگر هيبت پيدا ڪندڙ ڪليسائن، مندرن ۽ محلاتن وارا شهر تعمير ٿيا هجن. جن انسانن جي جسمن ۽ ذهن تي ڏاڙا هنيا هجن. البت هن زمين اهي انسان دوست ۽ خدا شناس ولي، بزرگ، شاعر، اديب، مفڪر ۽ سگهڙ ماڻهو ضرور پيدا ڪيا جي صلح ڪل ۽ ڪلّ خير جا مبلغ ۽ پيغمبر هئا، جن انساني ۽ اخلاقي قدرن جا درس ڏنا ۽ سبق پڙهايا. هن ڌرتي جي حاڪمن ڪي تاريخ جي ورقن ۾ "حملي آور" ۽ غاصب، خوني ۽لٽيرا جي نالن سان قلمبند نہ ڪيو ويو آهي جيتوڻيڪ هن ڌرتي جي ماڻهن دنيا جي وڏي ۾ وڏي جرنيل سڪندر اعظم ڪي (٣٢٥ ـ ٣٢٤ ق م) ۾ اهي ڪاري ضربون رسايون جن ڪان هو جانبر ٿي نہ سگهيو. ٻئي طرف سنڌ جي سگهڙ ماڻهن رعايا جي بچاءَ لاءِ شهر پناهون تعمير ڪرايون. شهرن ۾ تلائن ۽ کوهن جو، اناج جي گدامن جو، صفائي ۽ سٿائي جو جوڳو ۽ مناسب بندوبست رکيو.

سڪندراعظم جي سپاه ڪي دنيا جي وڏي ۾ وڏي مهمي سنڌوءَ جي چوڙ وٽ ڏسڻ ۾ آئي ۽ سپاهہ ڪي سڀ ڪان وڌيڪ مشڪل ۽ سخت ترين سفر، سنڌ جي پراڻي علائقي مڪران ۾ محسوس ٿيو جو هڪ سپاهي بي ساختہ ٿي چئي ڏنو تہ

"All the hardships of Asia, through which we had passed before, were not equal to this."

انهن اخلاقي ۽ انساني قدرن مان هڪ آهي ضعيف ۽ بيواهن جو بچاءَ، ۽ گهر ۾ گهڙي اچڻ وارن کي امن ۽ پناهہ ڏيڻ. جنهن لاءِ سنڌي زبان ۾ هڪ يا ٻہ نہ پر چار لفظ ملن ٿا. انهن لفظن جو استعمال ٻہ مخصوص معنيٰ ۽ حالتن ۾ ٿيندو آهي.اهي لفظ آهن سَامَ، سَرَڻ، اَولَ ۽ ٻائٺ. انهن لفظن مان سام ۽ ٻائٺ گهڻواستعمال ۾ اچن ٿا. اهو انساني ۽ اخلاقي قدر هن ڌرتي جي ماڻهن ۾ ايتري قدر تہ وسيل ۽ رچيل آهي جو ٻار ٻوڙي ٻيو، مرد ٻوڙي عورت ان جو احترام ڪن ٿا ۽ هر ڪنهن سامهہ واري کي امن، سلامتي ۽ پناهہ ڏيڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. ان ۾ سامہ جو سانگو ڪرڻ، بزدلي ۽ شرم جو فعل سمجهيو ويندو آهي. ايتري قدر جو ٻار لوڙهن ۾ لڪڻ وارن ڳوهن ۽ سانڊن (ڪرڙن ۽ باغارن) تان بہ پاڻ ۾

تڪراري ٿيو پون.

ڊاڪٽر اين آءِ بلوچ ان باري ۾ ٻن جنگين جو ذڪر ڪيو آهي. ٻئي جنگيون ڪراچي جي آس پاس، ڪوهستان علائقي ۾ جوکين ۽ ڪرمتين جي وچ ۾ لڳيون. چون ٿا ته ڪرمتين جي ٻارن هڪ وڏي ڳوهه قاسائي، انکي وڻ سان ٻڌي، ڪتن کي ٻڇيو. ڳوهه، ساهه جي خوف کان وٺي جو سٽ ڏني ته رسي ٽوڙي سامهون جوکين جي گهرن ۾ وڃي لڪي. جوکين جي ٻارن ڳوهه ڪڍي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته "ڳوهه چانئٽ ٽپي، ٻاڻٽ تي آئي آهي ۽ گهرن ۾ سام پيل کي ڪيئن ڪڍي ڏيو؟" ان ڳالهه تان ڇوڪرا پاڻ ۾ وڙهي پيا. ڇوڪرن تان مڙس انکي پيا ۽ ڪافي رتو ڇاڻ ٿي. انڪري اهو پهاڪو ٺهي پيو ته "ڪرئين تان خان وڙهي پيا". ٻي جنگ ٽڏي نئن (ملير نئن جي هڪ شاخ) مٿان لڳي. اها جنگ وري سانٻڙي تان لڳي. جنهن ڪري ان جنگ کي "ٻاغار" واري جنگ سڏيندا آهن. بلوچيءَ ۾ ٻاغار، سانٻڙي کي سڏين.

سنڌ جي تاريخ ۾، دودي، چنيسر سومرن سردار ڀائرن جي ويڙهه جو فائدو وٺي علاؤالدين خلجي (١٢٩٦ _ ١٣١٦ع) سنڌ ۾ پنهنجي مکيه سردارن تمر بيگ، ملڪ نصرت، نامدار بيگ، الغ خان، محمد خان، "هنبس" پٺاڻ ۽ ماڏو راء کي وڳهه ڪوٽ جي فتح ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. وڳهه ڪوٽ دهلي جي غاصبن جي هٿ آيو. پر ان فتح کان اڳيئي سومرن جي سڄاڻ صلاحڪار ڀاڳو ڀان، شاهي راڻيون، ڪماريون ۽ ٻيون لڄون وڳهه ڪوٽ مان ڪڍي وڃي ابل چام ابڙي جي سام وڌيون. چام ابل ابڙو چام راهو، چام سمٽ سمون، چام سبر سي انهن سام پيل سومرين تان هڪ ٻئي پٺيان قربان ٿي ويا پر لڄون، دهلي جي غاصبن اڳيان پيش نه ڪيون ۽ نه لڄون پاڻ پيش پيون. سنڌ جي تاريخ جي ماخذ شاهه لطيف جي رسالي مان ان متعلق ڪي بيت پيش ڪجن ٿا.

١. سَمو ٻن سڏ ڪري جن تي وڏو وير،
اُتي ته اَجي ٿيان پائي پاڪوڙي پير،
تو ريءَ ٻيو ڪير سرَٽين جا سونٿا سهي.

٢. سرَٽين جي سڪ لاءِ سام ڪنئي سردار
جي آيون ابڙي جي آڌار سي سونگ نه ڏينديون سومرين.

٣.ابڙو وڏ وڙو ، سوَ وڙو، سمو سونهن سين
تهن در سي اچن، ڪنڌ نه ڪڍي ڪچ ڏٺي.

۴. ابڙو وڏ وڙو، جهلي سو سامن
سرٽن جا سوٿاسهي، سمو سونهن سين
تو ىر ترڪ اچن،ڪٽن ڪريندي ڪچ ڏٽي.

۵. اروڙجي اٿيو ديمن پيس نڪ
لاٿائين لطيف چي، عالم تان اهڪ،
تن سرّٽين ٿٽا سڪ، جي اجهي آئيون ابڙي.

دادو ضلعي جي ڪيرٿر جبل واري جابلو علائقي ۾ وري رندن ۽ لاشارين جي ٽيهن سالن وارين ويڙهين ۾ مائي گوهر مهري جو ذڪر اچي ٿو. جيڪا لاشارين جي قومي سردار مير گهرام خان جي ڪوئنس ڦٽائي ڪان تنگ ٿي، پنهنجو شهر بمپور ڇڏي، پنهنجي مال متاع سميت لڏي، وڃي رندن جي قومي سردار مير چاڪر خان وٽ سام پيئي. چيو وڃي ٿو تہ لاشارين ۽ رندن جي وچ ۾ ناڙي واري جنگ جو مکيہ سبب اها سام پيل سونهن ڀري سگهڙ زال مائي گوهر مهري هئي. لڙاين ۾ خون جون نديون وهي هليون. پر رند سردار سام جي ٻانهہ نہ ڏني. ڪاڇي ۾ ان مائي کي "بندي" ۽ "مدي" جي نالي سان سڏيندا آهن. ان جي قبر ڪيرٿر جي هڪ تمام اتاهين چوٽي تي واقع آهي جيڪا نئن گاج جي اتر ۾ سمنڊ جي سطح ڪان ست هزار ۽ ڪجهہ سؤ فوٽ اوچي آهي. ان سام پيل مائي جي قبر تي ميلو لڳندو آهي ۽ مايون ٻاسون ٻاسي زيارت لاءِ اچ تائين وينديون آهن. هڪ گمنام شاعر جا ڪجهہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

١. سماءِ تهۃ ىرين جنء
باز مال ويگ بانڪء
(ان زماني ۾ هڪ موتي داڻي جهڙي عورت، وڏي مال ۽ متاع ائن جي وڳن واري هئي.)

٢. نام مهيري گوهرء
نشيتن جا گهہ آو ريشمان
پيش دار ڪلہ تهنگوان.
(هن جو نالو گوهر مهري قبيلي واري هئي. تمام شاهوڪار مخمل ۽ سون واري هئي.)

٣. گبدا چاڪريء ميرينء

سردارا ستم زيرينءَ
اڙدءِ دير سرين جنبينتها.
(مير چاڪر بيواهن جي مددگار وڏو لشڪر ڪٺو ڪيو)

۴. ڊاه گور لاشارءِ بڙ تهۃ
مڙ دبي ڪۃ مڙدان گيتغئہ
(مخبرن لاشارين کي اطلاع ڏنو تہ همت ڪيو. دشمن اچن ٿا)

۵. بندين نليءَ کوه دفا
بندان نليءَ کهور دفا
تنڪين گهٽ گواٿ گرا
(ناڙي ندي جو منهن ناڙي لڪ وٽ بند ڪيائون)

٦. روشءَ ڪۃ مچارءِ بڙ تهۃ
جنگ بادشاهي مچٿۃ
(سج ايرڻ سان بادشاهن وانگر جنگ شروع ٿي.)

اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهي انساني ۽ اخلاقي قدر ۽ خوبيون ۽ خصلتون فقط هڪ قبيلي ۽ خطي تائين محدود نہ هوندا آهن. انهن مان ڪي مشترڪ ٿين ٿا. اسلام کان اڳ بہ، عربن جي ڪن قبيلن ۾ بہ شايد اهو رواج عام هو. عرب جي ڪن مشهور شاعرن جا شعر پيش ڪريان ٿو جي مون ڪتاب "السبع المعلقات" مان چونڊيا آهن. جن جو مفهوم بہ ساڳيو ٿي سگهي ٿو:

١. وكري اِذَا نَادَي المذاف مجنباً
كَسيدِ الغضيٰ نبهتۃ المتورد
شاعر_ طرفۃ بن العبد البكري

(ٻي ڳالهہ (جيڪا منهنجي زندگي جو سهارو آهي) تہ جڏهن ڪو مظلوم مدد لاءِ پڪاري تہ هڪ ڪشادن قدمن واري گهوڙي ڪي انهي مظلوم جي طرف (مدد لاءِ) ڦيرائيان. جيڪو (گهوڙو) انهيءَ بگهڙ وانگر تيز رخ آهي جيڪو (بگهڙ) غضيٰ جي وڻ هيٺان تلاءُ تي سخت اڃ جي ڪري پاڻي پيئڻ لاءِ لهي ۽ تون ان کي للڪارين)

٢. تاٗ وي الي الاطناب كُلُ رذية
مثِل البليه قَالِص آهَدا مُها
شَاعر _ لبيدَ بن ربيعة عامري

(منهنجي يا منهنجي قوم جي تنبن وٽ اهڙي قسم جي هر محتاج ۽ بيواهه عورت پناهه وٺي ٿي جنهن جي بدن تي پراڻا ڪپڙا به پورا نه آهن ۽ اها قبر مٿان ٻڌل ڏاچي وانگر ضعيف ۽ لاغر آهي.)

اها رسم، اهو رواج ۽ اهو قدر (Value) فقط انهن فردن ۽ قبيلن ۽ قومن ۾ ملي سگهي ٿو جيڪي پنهنجون جانيون جوکي ۾ وجهي، يا پاڻ قربان ٿي ٻين لاءِ جيئڻ سکيا آهن، جي طبعي ۽ فطري طور بهادر ۽ سخي، جانباز ۽ جاڙ، بي طمع ۽ بي غرض ٿيندا آهن. سامن ۽ سرٽين کي وٺڻ، جهلڻ ۽ انهن جو ڀرجهلو ٿي، سموري ڪٽنب سميت سر ڪٽائڻ، ڪن مانجهي مردن ۾ مٿيادار مڙسن جو مَرڪ آهي.

There were no heroes, were there no martyrs.
Bulwer Lytton.

Men who lived and died without name
Are the chief heroes in the sacred list of fame.
Swift.



باب چوٿون

نگو بنيءَ گبر بند

اختصار

ڊسمبر ١٩٧٦ع ۾ ڊاڪٽر لوئس فليم ۽ مون نگر ناڪيندي ۽ ڏونگر ڏوريندي، هڪ گبر بند ۽ ان سان ملحق هڪ سهڻي ۽ شاندار شهر جا کنڊر ڳولي لڌا. اهو گبر بند ۽ اها بستي جهانگارن کان اٽڪل ست اٺ ميل پري، ڪائي - ننڱگ - شاهه بلاول نوراني واري واٽ تي واقع آهن. گبر بند سپيسر جي ڀوري تي ٻڌل آهي ۽ تعمير جي فن جو هڪ نادر شاهڪار نمونو آهي. نگو بني سپيسر جي ڀوري کان اٽڪل پنجاهه - سٺ فوٽ اوچي آهي. بني ٻن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ مهين ۽ دڙي واري تهذيب جي پوئين دور سان تعلق رکي ٿي.

شهر کي ڀوري واري پاسي کانسواءِ باقي ٻين سيني پاسن کان شهر پناهه اڏيل آهي. شهر پناهه جي ديوار جو هڪ پاسو ڪجهه سٺي حالت ۾ بيٺو آهي. اها پٽ هن وقت ٽيرنهن فوٽ اوچي ۽ ڏهه فوٽ موڪري آهي. گهرو اڏاوتن جي وچ ۾ اتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهه سڌيون گهٽيون آهن جيڪي اٽڪل پنج ست فوٽ ويڪريون آهن ۽ سڀ گهٽيون هڪ ٻئي کي گوني ڪنڊ تي ڪٽين ٿيون. مکيه گهٽي يا بازار اڍائي سو فوٽ اتر کان ڏکڻ ڊيگهه ۾ ۽ ٽيهه فوٽ ويڪر ۾ اولهه - اوڀر ٿيندي. مهين جي دڙي وانگر هي قنل شهر ٻه گهرو اڏاوتن جي خيال کان بلاڪن ۾ ورهايل آهي. اتر - اولهه وارو بلاڪ مٿيون شهر سڏي سگهجيٿو. ڪن گهرن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڏاڪن تان لنگهي اندر وڃڻو پوي ٿو.

مون هي شهر ۾ نگو بند ڊاڪٽر مائيڪل جانسين، ليڊي جانسين، ڊاڪٽر انّي فرينڪ ۽ ڊاڪٽر هنس نسان ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شر کي ٻه گهمايو آهي.

گبر بند پشتن وارو (نکوبني). نکوبني.

منڌي

Mounds covering the remains of prehistoric settlements and great dams of hewn stone are to be found co-adjacent in many parts of the hill country of Baluchistan and Sind. The question whether they are to be attributed to the same civilization or local cultures is one that has not as yet been determined. Exploratory excavation of the former has disclosed that they date from various periods in the third and second millennia before Christ. (H. T. Lambrick. Sind – A General Introduction. p 52)

ڊسمبر ١٩٧٦ع ۾ ڊاڪٽر لوئس فليم ۽ مون ٽڪر ٽاڪيندي ۽ ڏونگر ڏوريندي، ٢٦ تاريخ هڪ گبر بند ۽ ان سان ملحق هڪ سهڻي ۽ شاندار شهر جا ڪنبر ڳولي لڌا. اهو گبربند ۽ اها بستي جهانگارن ڪان اٽڪل ست اٺ ميل پري، ڪائي-نئنگ شاهه بلاول نوراني رستي تي واقع آهن. گبر بند سپيسر جي ڀوري تي ٻڌل آهي ۽ تعمير جي فن جو هڪ نادر نمونو آهي. مون ان ڦٽل شهر تي لوئس بني نالو تجويز ڪيو ۽ ڊاڪٽر لوئس صحرائي بني تي نالو رکيو. آخر اسان پاڻ ۾ پرچي ان جو نالو 'نڪوبني' رکيو ڇاڪاڻ ته اتي جيڪي ٽڪر آهن، انهن جون نڪون تيز هوائن ۽ طوفانن جي ڪاٽ واري عمل سبب، ٻاهر نڪري آيون آهن. اهي نڪون ڏاڍيون سهڻيون ۽ وڻندڙ لڳن ٿيون. ان سفر ۾ اسان جا ٻه رفيق مولوي خليل احمد ملاح ۽ عبدالقادر زونئر اسان جي ان تڪرار مان مزو وٺي رهيا هوا ۽ ٺهڪ پي ڏنائون. ساڳيو گبر بند ۽ ڦٽل وسندي مون ڊاڪٽر مائيڪل جانسين، سندس گهرواري ۽ رفيق ڪار ليڊي جانسين، انهن جي رفيق ڪار ۽ قديم آثارن جي ماهر جرمن خاتون ڊاڪٽر اٽي فرينڪ ۽ ٻين ساٿين کي ٢٤-جنوري ١٩٨٦ع ۾ گهمايا. ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس ٻين ساٿين تمام ڪليل ۽ واضح لفظن ۾ ان گهٽي ياڳي صحيح ۽ سالم حالت ۾ بيٺل قديم آثارن جي تعميراتي فن ۽ محل وقوع جي تعريف ڪئي ۽ انهن تي تحقيق جو واعدو به ڪيو. اهو گبر بند ۽ ڦٽل بستي جا آثار مون ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پر ڏيهي سياحن ۽ قديم آثارن جي ماهرن ۽ حڪومت جي آفيسرن کي گهمايا آهن.

نڪو بند

نڪو گبر بند اٽڪل پندرنهن سو فوٽ ڊگهو، چاليهه فوٽ موڪرو

۽ عمق ۾ ويھہ فوٽ اونهو آهي. بند ٻن حصن ۾ وراهيل آهي. ٻنهي حصن جي وچ ۾ سپيسر ٻوري جو سڪل پيٽ آهي جيڪو هڪ سو اسي فوٽ ويڪرو آهي. برساتن ۾ اهو ٻورو وهي نئن ڳمراچ ۾ پوي ٿو. ان ڪانسواءِ بند جي آس پاس جيڪي ٽڪريون آهن، برساتن ۾ انهن جو پاڻي بہ وهي، بند سان ٽڪرائجي پوءِ ٻوري ۾ ڪري ٿو. جنهن هنڌ پاڻي جو تيز وهڪرو بند سان ٽڪرائجي ٿو، ان هنڌ، بند کي پشتن سان مضبوط ڪيو ويو آهي. پشتن جو تعداد بہ عجيب اتفاق سان ست آهي. هر هڪ پشتو اٽڪل ٽي فوٽ اوچو ۽ پنج فوٽ ٿلهو يا موڪرو آهي. ان قسم جو پشتن سان گبر بند، مونکي سموري ڪاڇي ۽ ڪوهستاني علائقي ۾ نظر نہ آيو آهي. بند جي پهرين ۽ منڍ واري حصي جي شروع ۾ ۽ نڪي جبلن جي قطار جي پاڙ ۾ هڪ لنگهہ ۽ مورچي جي بنيادن جا نشان بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهو لنگهہ سورنهن فوٽ ويڪرو آهي. مورچو جنهن کي سنتري گهاٽ بہ سڏي سگهجيٿو سو پنجاهہ فوٽ ڊگهو ۽ چاليهہ فوٽ ويڪرو آهي. مورچي جي پتين جا پٿر ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ اهو لنگهہ آمدورفت کي ڪن نيمن هيٺ ۽ خبرداري سان هلايو ويندو هو. گويا قديم شاهراه ۽ وسندي جي حفاظت ڪئي ويندي هئي.

بند جي مٿان هڪ ديوار جا آثار بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اها پڻ هن وقت ست اٺ فوٽ موڪري آهي. ساڳي ديوار گبر بند تان اڳتي هلي پراڻي ڦٽل نڪي ٻٺي جي شهر پناهہ جو ڪم بہ ڏيئي ٿي. شهر پناهون سنڌو تهذيب جي هڪ خاص خصوصيت آهن. ساڳئي وقت ستن پشتن جوڙڪر اسانجي سماجي زندگي ۾ اڪثر اوقات ٿيندو رهندو آهي.

نڪو ٻٺي

نڪي گبر بند جي اولهہ ڏکڻ ڇيڙي وٽ ۽ سپيسر ٻوري جي ٿوري اونهي شاخ مٿان هڪ تمام وڏي ۽ ويڪري ٽڪري آهي. ان ٽڪري مٿان هڪ پراڻي ڦٽل شهر جا ڪنبر بيٺا آهن. انهن ڪنبرن ۽ ٽڪري کي اسان نڪو ٻٺي سڏي رڪارڊ ۾ لکيو آهي.

نڪو ٻٺي سپيسر جي ٻوري کان اٽڪل پنجاهہ فوٽ اوچي آهي. اهو ڦٽل شهر اتر کان ڏکڻ اٽڪل پنج سو فوٽ ڊگهو ۽ اوڀر کان اولهہ ٽي سو فوٽ ويڪرو ٿيندو. ان شهر جي وچ ۾ هڪ مکيہ گهٽي آهي جيڪا

بازار وانگر نظر اچي ٿي. شهر کي ڀوري واري پاسي کانسواءِ باقي ٽنهي پاسن کان شهر پناهه ڏنل آهي. جنهن جا بنياد صاف ظاهر بيٺا آهن. شهر پناهه جي ديوار جو هڪ پاسو ڪجهه سٺي ۽ سالم حالت ۾ بيٺو آهي. اها پٽ هن وقت ٽيرنهن فوٽ اوچي ۽ ڏهه فوٽ موڪري آهي. گهرو اڏاوتن جي وچ ۾ اتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهه ننڍيون گهٽيون آهن جيڪي اٽڪل پنج ست فوٽ موڪريون آهن. سڀ گهٽيون هڪ ٻئي کي گوني ڪنڊ تي ڪٽين ٿيون. مکيه گهٽي يا بازار ادائي سو فوٽ اتر کان ڏکڻ ٻگهي ۽ ٽيهه فوٽ ويڪري آهي. سر ويلر مهن جي دڙي وارين گهٽين جي ڀري گهٽ ساڳي ماپ ڏيکاري آهي. مهن جي دڙي وانگر هي قديم شهر (نکو بني) به گهرو اڏاوتن جي خيال کان بلاڪن ۾ ورهايل آهي. گهرن جا در انهن ننڍين گهٽين ۾ کلن ٿا. مکيه گهٽي يا بازار جي وچ ۾ هڪ ننڍي گهٽي جي منهن وٽ هڪ دوڪان جا نشان ملن ٿا. دوڪان پنجويهه فوٽ ٻگهو ۽ ٻارنهن فوٽ موڪرو آهي.

هڪ مڪمل سلامت گهر جا بنياد

بازار جي اولهه ڏکڻ واري چيڙي وٽ هڪ مڪمل گهر جا چٽا ۽ صاف بنياد ملن ٿا. گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٽن ڏاڪن تان لنگهي اندر وڃڻو پوندو. هر هڪ ڏاڪو اٽڪل ٻه ادائي فوٽ ٻگهو ۽ هڪ فوٽ ويڪرو آهي. اهو گهر اتر کان ڏکڻ ستاويهه فوٽ، اوڀر کان اولهه پنجٽيهه فوٽ ماپ ۾ آهي. گهر ڇهن ڪمرن ۽ وچ ۾ هڪ کلئي پٽر تي مشتمل آهي. پهريون ڪمرو ڏاڪن وٽ آهي. اهو ڪمرو اتر کان ڏکڻ پندرنهن فوٽ ۽ اوڀر کان اولهه نو فوٽ آهي. ان ڪوٺي سان لڳ اتر ۾ ٻيو ڪمرو آهي جيڪو ٻارنهن باءِ نو فوٽ آهي. انهن ڪمرن جي اولهه ۾ بظاهر هڪ کليل پٽرو چوڏنهن فوٽ اوڀر کان اولهه ۽ ستاويهه فوٽ اتر کان ڏکڻ آهي. وري ان پٽري جي اولهه ۾ ٻه ڪمرا آهن. اتر اولهه وارو ڪمرو چوڏنهن باءِ ٻارنهن فوٽ ۽ اولهه ڏکڻ وارو ڪمرو ٽيرنهن باءِ ٻارنهن فوٽ آهي. انهن اولهه وارن ڪمرن جي پنيان پٽرن جا ڍگ پيا آهن. جنهن ڪري وڌيڪ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. باقي ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اهو گهر ڪنهن سکر ماڻهو جو گهرآهي. گهر اوڀر منهون ۽ بند ٿو لڳي.

وڌيڪ معلومات

نکو بني ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. سپيسر جي ڀوري مٿان جيڪو حصو آهي سو وڏو ۽ وڌيڪ اڏاوتن وارو آهي. اها بني

مهن (Mohen) جي دڙي واري تهذيب جي پوئين دور يعني ٻه هزار سال ق.م سان تعلق رکي ٿي. ٻنهي ٽي خاص ڪري ٻوري واري حصي ٽي هر طرف ٺڪريون ۽ ٺڪريون پکڙيل آهن. ٺڪرين ڪانسواءِ ٻين باقيات جا ذرا پرزا ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بستي ۽ گبربند ۾ ڳوڙهي چاڪليٽي رنگ جو واريءَ وارو پٿر استعمال ڪيل آهي. ان قسم جو پٿر اتي ئي موجود آهي. پٿرن کي گهڙي پوءِ ڪم ۾ آندو ويو آهي. بند ۽ ان ڦٽل شهر جي اڏاوتن ۾ ڪم آندل پٿر ۽ مصالحي ۾ ڪنهن ٻه قسم جو فرق نه آهي. ان مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجيٿو ته ٻئي ۽ بند هممعمر ۽ هممعصر آهن. ٺکو ماٿري چٽڪ ڪائي ماٿري جو هڪ حصو آهي. هي ماٿري ٻه سون ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي ۽ سموري ماٿري ۾ ڪنڊي جو وڻ عام جام ڏسڻ ۾ اچيٿو. سنڌ ۾ جنهن ٻه زمين ۾ ڪنڊي جو وڻ ايري ٿو. ان زمين متعلق ماهرن جو رايو آهي ته تمام طاقتور ۽ شاهوڪارآهي جنهن کي ڪنهن ٻه ٻئي غير قدرتي پاڻ وغيره جي ضرورت نه آهي. اڄ ٻه اها ماٿري آبادي ۽ پوکي هيٺ آڻي سگهجيٿي بشرطيڪ ان گبر بند جي مرامت ڪرائي، ڪائي، سپيسر ۽ ٻين نئين جو پاڻي روڪي، استعمال هيٺ آندو وڃي. ٺکي گبر بند متعلق ڊاڪٽر لوئس فليم جو رايو هيٺ پيش ڪري رهيو آهيان. هو صاحب لکيٿو ته

"Very close to the settlement site at Nuka, on either side of the gap between the Bado spur and Gamrak Hill are the structural remains of a tiered gabarbund. Although the dam is now breached, it once closed the 'Nukagap' thus blocking the seasonal flood waters of the Kai Nai. Because the Kai Nai skirts the spur of the Bado Range before reaching the Gamrak Hill, the force of the torrent waters would have struck the wall of the gabarbund diagonally, thus lessening the impact of the waters force in spate than if it had hit the wall straight-on. The blockage of the torrent also resulted in the deposition of alluvium being carried by the stream, there by creating a large expanse of arable land behind the dam (still recognizable to the present day). No settlements, historic or modern, are located near the gabarbund. The association of the gabarbund and the prehistoric site seems undenia-

ble. (Louis Flam – his Dissertation pp 293, 294)

هتي ڊاڪٽر لوئس ٻيو رينج لکيو آهي جيڪو اصل ۾ منڇر رينج آهي. جنهن لئمبرڪ صفحي ۴۲ تي لکيو آهي. ڊاڪٽر لوئس فليم جي ان رايي ڪانپوءِ سنڌ ۾ اڏيل گبر بندن جي قدامت تي بحث بي معنيٰ آهي.

ٻنڌڙي

گهڻو ڪري سڀ محقق ۽ مورخ ان پڪي ۽ پختي رايي جا آهن ته سنڌ- سمير- مصر جي وچ ۾ نه فقط سامونڊي واپاري ۽ ٻيا تعلقات هوا پر خشڪي رستي به قافلن جا قافلا ايندا ويندا هوا. انهن قافلن جو ڏکڻ اولهه سنڌ ۾ سيوهڻ ڪانپوءِ ٻن رستن سان گذر گاهه هو. هڪ سيوهڻ- جهانگارا- ڪائي- نئنگ ڪانپوءِ لاهوت ۽ شاهه نوراني وغيره ڪان ٿيندا. دشت لوط ڪان ڏاڪٽو پاسو ڏيئي ايراني بلوچستان ۾ داخل ٿيندا هوا. اهو رستو ڏکيو ۽ گهڻي ڀاڱي ويران رهيو آهي. ٻيو رستو سيوهڻ- جهانگارا- ٻنڌڙي - ڏلهه -ڪرچات-ٽاٽو عارب-ٽاٽو بولاخان، اورنگي-بند مراد ڪان مڪران جو ڪنارو ڏيئي ايران ۾ بندر عباس ڪان اُر، ڪش ۽ بابل تائين ۽ ان ڪان اڳتي ويندو هو. ان پوئين رستي مان ٻه شاهراهون نڪرنديون هيون جن مان هڪ ڀنڀور ۽ ديبل ويندي هئي ۽ ٻي هالا-بهمن آباد ۽ چانهو ڪان لنگهي اروڙ ۽ ملتان تائين ٿي ويئي. ان پوئين واٽ (يعني سيوهڻ ڪرچاپ، ٽاٽو) کي ايچ ٽي- لئمبرڪ پيش واٽ (Pish wat) ڪري سڏيو آهي.

ان پوئين واٽ تي جهانگارن ڪان اٽڪل اٺ ميل پري ڏکڻ ۾ هڪ وڏو شاهاڻو بند ڏسڻ ۾ اچيٿو جنهن کي مقامي ماڻهو ڪسر نفسي ڪان ڪم وٺي ٻنڌڙي (ٻنڌ جو اسم تصغير) ڪري سڏيندا آهن. ان سموري ماڙي کي به ٻنڌڙي جي ئي نالي سان سرڪاري دفترن ۾ لکيو ويو آهي. ان ماڙي ۾ پنجويهه ڪن ڪوهه آهن جن مٿان نار (Persian wheel) چڙهيل آهن. هر هڪ ڪوهه مٿان هڪ ڪٽنب آباد آهي. جن جو مکيه پيشو آهي کيتي ۽ چوپايو مال پالڻ. اها ماڙي ايراضي ۾ ميلن ۾ پکڙيل آهي. ماڙي کي لکي، بدي ۽ لندي جبلن جون قطارون ۽ انهن جون شاخون گهيري ۾ ڪيو بيٺيون آهن. انهن جبلن جي ڪري ماڙي وڌيڪ سر سبز، شاداب ۽ حسين لڳي ٿي. ماڙي ۾ ڪوهن تي تمام سٺي آبادي ٿئي ٿي ۽ گهڻو ڪري سڀني قسمن جا فصل سواءِ ڪمند ۽ سارين جي پوکيا وڃن ٿا. ماڻهو تمام خوش خلق ۽ مهمان نواز آهن. گهڻو ڪري سڀ سنڌي

ٻروچ قبيلا آهن جن جو ذڪر سڪندر اعظم جي امير البحر نيرڪس ڪيو آهي. ماڻهو محنتي ۽ جفاڪش آهن. عورتون گهرو ڪمن ڪانسواءِ، مردن سان گڏ کيتي ۽ مال پالڻ ۾ ساٿ ڏين. ماڙيءَ ۾ ٻہ قدرتي چشما ٻہ واقع آهن ۽ انهن چشمن جي ويجهو قديم، تاريخ کان اڳ واري دور جون ٻہ بٺيون ٻہ موجود آهن. انهن مان ننڍي بٺي اٽڪل ٻہ سو پنجهويهہ فوٽ ڊگهي ۽ ساڳي ماپ ۾ ويڪري آهي. بٺي زمين جي سطح کان چار پنج فوٽ مٿي ٿيندي. ان بٺي تي ڪن گهرن جا بنياد ڏسڻ ۾ اچن ٿا جي پٿرن وارا آهن. بٺي تان جيڪو ٿورو ٺڪراٺو مليو آهي سو موهن جي دڙي واري تهذيب سان تعلق رکيٿو. ٻي بٺي ٻنڌڙي نئن مٿان ملي ٿي جيڪا تمام وڏي ۽ ٺڪراٺي جي خيال کان شاهوڪار آهي. اها بٺي ڊيگهہ ۾ اٽڪل ٻارنهن سو فوٽ ۽ موڪر ۾ اٽڪل ڇهہ سو فوٽ ٿيندي ۽ زمين جي سطح کان پنجويهہ فوٽ اوچي آهي. هتان جيڪو ٺڪراٺو مليو آهي سو گهڻو ڪري آمري تهذيب وارو آهي. ان ڪانسواءِ هتي چقمق مان گهڙيل ڦر ٻہ ملن ٿا جيڪي قدري مختلف شڪل وارا آهن. جن جا ڳپ ٻہ بٺي جي ويجهڙائي ۾ ٿي ٽڙيل پکڙيل ملن ٿا.

ٻنڌ

هن ماڙيءَ جي وچ مان نئن ٻنڌڙي وهي، جهانگارن جي ڀرسان لنگهي منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن نئن ۽ ماڙيءَ کي نالو مٿي ذڪر ڪيل ٻنڌ ڪري مليو آهي. اها ٻنڌ يا ٻنڌڙي يا گبر بند ٻڍي جبل جي هڪ شاخ ۽ لنڊي جبل جي وچ ۾ تعمير ڪيل آهي. اهو گبر بند اٽڪل هڪ ميل ڊگهو آهي ۽ پنجٽيهہ فوٽ موڪرو ۽ عمق ۾ پندرنهن فوٽ آهي. هن وقت ٻہ بند جي مٿين موڪر ڇهن فوٽن کان ڪجهہ مٿي آهي. اها ٻنڌ ڪانچن جي صورت ۾ ٺهيل آهي ۽ ڪانچا تري کان وٺي مٿي چوٽي تائين پٿرن سان جڙيل (pitched) آهن. ڪانچن کي مٿي ۽ ننڍن ننڍن پٿرن سان ڀريو ويو آهي. ڪانچا مختلف ماپن جا آهن. ننڍي ۾ ننڍو ڪانچو ڇهہ فوٽ ۽ وڏي ۾ وڏو ڪانچو موڪر ۾ ڏهہ فوٽ آهي. ٻنڌ جي چوٽي کي پاڻي جي لهرن (wave wash) ۽ هوائن جي ڪاٽ کان بچاءَ لاءِ پٿرن جو ٿي ڪانسون (cornice) ٻڌل آهن جي هڪ ٻئي جي مٿان ٺهيل آهن. مٿين ڪانس ٻہ ويڪر ۾ ڇهن فوٽن کان ڪجهہ وڌيڪ موڪري آهي. هيٺين ڪانس پندرنهن فوٽ ۽ وچين ڪانس ڏهہ فوٽ کن ٿيندي. ٻنڌ مٽي، واري ۽ پٿرائي سان ٺهيل آهي. وقت گذرڻ سان ۽ برساتن ۽ هوائن جي ڪري، ٻنڌڙي گبر بند جا ڪي وچان ڪانچا لڙهي ويا آهن. باقي ٻنڌ منڍ، وچ وچ ۾ ۽ پڇاڙي

۾ اجا تائين چڱي حالت ۾ بيٺل آهي. هن گبر بند جو نمونو خاص ڪري ڪانچن ۽ ڪانچن جي وچ ۾ پٿرن جي جڙاوت (stone pitching) سان اداوت جو فن ٻين بندن کان مختلف آهي.

پير گاجي

جوهي تعلقي ۾ ٻه ڪيترائي مکيه قبرستان آهن. جهڙوڪ پٿر وارو قبرستان جنهن ۾ ميرالهيار ۽ ٻين ٽالپور اميرن جا مقبرا ۽ قبرون آهن. ٿل وارو قبرستان ڇني وارو قبرستان، پير گاجي وارو قبرستان وغيره. پٿي وارو قبرستان ٻگهه بالا ڳوٺ کان ٻن-ٽن ميلن جي مفاصلي تي نئين گاج جي پيٽ جي اوپر ۾ واقع آهي. ٿل وارو قبرستان بهلول شاهه جي پرسان ٽڪرين جي قطار تي ٻڌل آهي. ساڳئي طرح ڇني وارو قبرستان ۽ پيرگاجي (غازي) وارو قبرستان به ٽڪرين مٿان ٻڌل آهن. گاجي پير واري قبرستان کانسواءِ ٻين قبرستانن ۾، خاص ڪري پٿي واري قبرستان ۾ تمام وڏا، اوچا ۽ شاهاڻا مقبرا اڏيل آهن. مقبرن جي اندر پٿين تي خاص ڪري ۽ ڪن حالتن ۾ گبندن تي به طرح طرح جي رنگن ۾ قسمين قسمين چٽسالي تمام سهڻي ۽ دلڪش انداز ۽ نموني سان ڪيل آهي. گلن ۽ ٻوٽن جي گلڪارين کانسواءِ، قافلن، شادين، جنگين، مال متاع سميت گهرن، وٿاڻن، مسجدن، جهنگلي شڪارن، ميون، ٻاجين، ٻڳن، مورن، مڇين ۽ پپل جي پنن جا نقش ۽ چٽ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڇني ڳوٺ جي پرسان هڪ پراڻي مقبري جي چئني ڪنڊن تي سروَ (cypress) جا دلڪش نقش به ڏنا اٿم، جي مغل دور جي چٽسالي سان مشابهت رکن ٿا.

جوهي تعلقي جي ڪاڇي واري علائقي ۾ اڪثر ڪري قبرستان ٽڪرين ۽ ڪوٽيرن تي انڪري کوٽيندا آهن جو هيٺ ميدانن ۾ تيز برساتن جي پاڻي ۾ قبرن جي لڙهي وڃڻ جو خطرو هميشه رهيتو. انڪري ڪن حالتن ۾ قومي ثقافتي ورثي کي تمام گهڻو ڇيهو ۽ هاڃو رسيو آهي، واهي پانڌي وارو ڪوٽيرو ۽ ٽنڊي رحيم خان وارو دڙو. هن وقت قبرستانن ۾ بدلجي ويا آهن. جيتوڻيڪ ٻئي ثقافتي لحاظ کان تمام شاهوڪار ماڳ آهن. گاجي پير جو مقبرو به هڪ ٽڪري تي اڏيل آهي، جنهن کي پير گاجي ٽڪري سڏين ٿا. پير گاجي (غازي) تي هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلو سياري نڪرڻ کانپوءِ، ملين ٽڏين ۾ يعني فبروري مهيني ۾ لڳندو آهي. هڪ تمام سٺو ۽ وڏو ڳوٺاڻو ميلو آهي. پير گاجي بنيادي طور قبيلائي پير آهي.

ميلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪري سنڌ جا ڪوسا، لنڊ ۽ ڪي ٻيا سنڌي ٻروچ قبيلا ٻارين ٻچين شريڪ ٿيندا آهن. هفتو ڪن ٻر پٽ ۾ بازاريون لڳي وينديون آهن. چارين هيٺان ۽ ڪٻڙين جي پاڙن ۾ لاٽون ٽمڪنديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. رات ڏينهن سرندن جي تندن جي تپائڻ سان سوين ڪنڌ لڏندا ۽ لمندا نظر ايندا. 'جئي گاجي' جي آواز تي، تندن جي تنوار تي ڪاريهر ۽ واسينگ ڪر ڪنيو رقص ۾ محو ٿي ويندا آهن. هر ڪنهن جسم جي انگ انگ ۾ هڪ عجيب قسم جو رنگ پرجيو وڃي. جسم جي لوڏ ۽ سيني جي اپار تي، مون هتي قيامتن تي قيامتون ٿتندي ڏٺيون. هرهڪ پنهنجي پر ۾ مست ٿيو اها تنوار ڪندو رهندو 'جئي گاجي'. تندن جا تپايل ۽ نيهن نهوڙيل وتندا راتين جون راتيون، ميڙن مٿان مرندا، ڪرندا ۽ هلندا. پير گاجي جي پڙ ۾ چونٽا تہ نہ ٽئي چوري ۽ نہ ڪنهن ٻئي قسم جي هٽ چراند.

گبر بند

پير گاجي ٽڪري سان لڳ، مقبري جي ڏکڻ ۾ هڪ گبر بند ٻڌل آهي. اهو بند ٿورڙو اتر اولهہ ڪان ڏکڻ اوير ۾ ٻڌل آهي. اهو گبر بند ڪل ڇهہ سو ڏهہ فوٽ ڊگهو آهي جنهن مان ٻہ سو ڏهہ فوٽ نئن پير گاجي لوڙهي ويئي آهي، باقي چار سو فوٽ سالم حالت ۾ موجود آهي. بند تري ۾ هڪ سو چاليهہ فوٽ موڪرو آهي. بند جي مٿان ٻہ ڪانسون هن مهل تائين صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿيو. مٿين چوٽي واري ڪانس هن مهل پندرنهن فوٽ ۽ هيٺين ڪانس ٽيهہ فوٽ ويڪر ۾ آهن. بند اڄ بہ عمق ۾ پنجيتاليهہ فوٽ اونهو آهي. پير گاجي بند، نڪي بند ۽ ٻنڌڙي وانگر ٻشتن ۽ ڪانچن ۾ ٺهيل نہ آهي. هي بند مٽي، واري ۽ پٿرائي سان ٺهيل آهي. پير گاجي گبربند ڪري، آڳاٽي زماني ۾ پت جبل ڪان وهي ايندڙ پاڻي کي روڪي، گڏ ڪري، ضرورت مطابق پوکي لاءِ استعمال ڪيو وينو هو. اڄ بہ پت جبل جي پاڙ ۾ بنجي (head fountain) مان هڪ واهي وهي اٽڪل چار پنج سو ايڪڙ زمين جا پير گاجي ماٿري ۾ سيراب ڪري ٿي. چشمي مان پاڻي دائمي طور وهندڙ آهي. اهو بنجو پير گاجي جي اولهہ ۾ اٽڪل ٽي ميل پري آهي. ماٿري ڏاڍي وڻندڙ ۽ خوبصورت آهي جنهن ۾ هِتي هُتي جار جا ڊگها پوڙها وڻ ۽ ڪٻڙيون لاتعداد ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. چارن ۾ تمام جهجها ۽ سٺا مٺا پيرون پچن جيڪي مالوندن جو پلو ميوو ۽ ڪاڄ آهن.

ماڙي ڪڙ

پير گاجي واري ٽڪري جي اوير ۾ هڪ تمام وڏو ڊڙو بيٺو آهي.

دڙو پير گاجي جي مقبري وٽان صاف ڏسڻ ۾ اچيٿو. هموار زمين تي پري کان گهڻ نظر تي چڙهي ٿو جو دڙي جي چئني طرفن ۾ وڏين جارين جا قداور وڻ بيٺا آهن. مقامي ماڻهو ان دڙي کي 'ماڙي کڙ' ڪري سڏين. قديم آثارن جي ڪتابن ۾ ان دڙي کي غازي شاهه دڙو لکيو ويو آهي. ان دڙي تي آنجهاني اين-جي-مجمدر سن ١٩٣٠-١٩٣١ع ۾ کوجنائون ۽ کوٽائيون ڪيون. مان ڊاڪٽر لوئس فليم سان گڏجي ٢٧-١٢-١٩٧٦ع ۾ هتي آيس. ان کانپوءِ ڊاڪٽر لوئس فليم هن دڙي جي کوٽائي جو ڪم مارچ ١٩٨٥ع ۾ شروع ڪيو ۽ مون اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر لوئس فليم سان گڏ ڪم ڪيو. دڙي جا هيٺيان تهه (layers) آمري تهذيب واري ٺڪراٺي سان ۽ مٿيان تهه مهن تهذيب واري دور جي ٺڪراٺي سان پريا پيا آهن. دڙي جي چوگرد شهر پناهه جا آثار ۽ بنياد صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٺڪراٺي تي جيڪي چٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا سي تمام گهڻي اهميت وارا آهن جن جو تعلق سنڌو تهذيب جي ثقافتي ورثي سان آهي. ڍڳو، مور، پپل جا پن، مڇي جا چلر، منڇر جي گاهن جا هڪ ٻگهي پن وارا ٻوٽا، سج جون ريکائون وغيره خاص اهميت وارا نقش آهن. ڪن ٺڪرين تي تمام سنها ۽ سهٺا جاميٽري جا خاڪا چٽيل آهن، ڪي ٺڪريون بلڪل سنهيون يعنيٰ ڪاغذي آهن. چٽسالي ۾ ڳاڙهو، ڪارو، چاڪليٽي ۽ ميٺائون رنگ گهڻي ڀاڱي استعمال ڪيا ويا آهن. ٺڪراٺي ۾ لوٽا، عطر دانيون، پوچا جون ٿالهيون، ڪپا، پارا، پاٽڙا وغيره شامل آهن.

مطلب ته انهن گبر بندن ۽ انهن سان لڳ وسندين مان ظاهر ٿئي ٿو ته تاريخ کان اڳ واري دور جا سنڌي هاري ۽ ڪڙمي زراعت ۽ آبپاشي جي هنرن کان ڪمال درجي تائين واقف ۽ ڄاڻو هوا. اهي نه فقط محنتي ڪڙمي هوا پر ساڳئي وقت بندن جي تعميراتي فن جا وڏا ماهر انجنيئر به هوا. انهن سنڌين جي بندن اڏڻ جي مهارت جي ساک قديم آثارن جي سڀ ڪنهن ماهر ۽ محقق ڪئي آهي. اهي گبر بند سنڌين جي محنت ۽ مشقت، هنر ۽ حرفت جا ڪي نادر نمونا ۽ مثال آهن. ايس-آر-راءِ لکيٿو ته:

"But the very fact that the ancient tells rise to great heights in the valleys and coastal plains suggets that there were better facilities for agriculture in pre-historic times when dry masonry bunds, locally known gabar-bunds were built across swift-flowing streams for purposes of irrigating the land." (Lothal and Iṇdus Civilization. P-29.)

اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪاڇي ۽ ڪوهستان وارن

علائقن ۾ ننڍا ننڍا بند ۽ ٻنا ٺاهي، ٻڌي، برسات جي پاڻي کي روڪيو ويندو آهي. انهن ٻنن ۾ جيڪڏهن پاڻي ڪجهه وقت لاءِ بيهي رهيو يا ٻن کي پري اٿلي پيو ته ٻن اندر زمينون ريج ونڃي، پوکيءَ لائق ٿي وينديون آهن ۽ تمام ڀلا فصل ڏينديون آهن. ڪاڇي جي زمينن ۾ تر، گوار، جوئر ۽ چانئيو وغيره پوکيو ويندو آهي. فصل تمام ڀلا ٿين. جوئر جي لاباري ڪانپوءِ ڪاني جون ٽيون زمين ۾ ئي ڇڏي ڏنيون وينديون آهن. جيڪڏهن ترت ۽ سٺي برسات پيئي ته پوءِ هر هڪ ٽيي مان ٻه-ٽي-چار ڪانا نيئن سر ڦٽندا ۽ ان ڏيندا اهڙن ڪانن ۽ فصل کي اُرهاڙي سڏيندا آهن.

ڪاڇي ۾ ننڍن بندن ۽ ٻن کي لٺيون سڏيندا آهن. ڪاڇي ۾ قبيلن جي سردارن کي خاص ڪري گهڻي زمين ۽ ٻن ۽ لٺين وارن سردارن کي ’لٺ سردار‘ جي لقب سان سڏيندا آهن. اهو لفظ ۽ لقب خالص سنڌي زبان ۽ ثقافت سان تعلق رکيٿو.



گبر بند ڪانچن وارو (هنڌڙي).

باب پنجون

خون جي قرباني

اختصار

کير ٿر جبل ۽ ان جي شاخن ۽ ڇاڙن جي دامن ۾ مون جيکي بہ قديم آثارن وارا ماڳ ڏٺا آهن انهن مان هر هڪ جي ويجهو ڪونہ ڪو قدرتي چشمو وهي ٿو. اهو چشمو گهڻو ڪري دائمي طور وهندو رهي ٿو. انهن قديم آثارن وارن ماڳن جو وجود انهن چشمن جي ڪري آهي. مونکي چشمن جي پر پاسي ورهن جا سڙيل ۽ ڀڳري ويل هڏا ڏسڻ ۾ آيا آهن. مونکي ٻڌايو ويو تہ جڏهن بہ چشمي مان پاڻي گهٽ نڪري، گهٽ مقدار ۽ رفتار سان وهندو آهي، تڏهن راڄ جي طرفان هڪ بي داغ ۽ بي عيب ڇيلي يا ڳابي ذبح ڪري، ان جو گرم گرم رت، هڪ ڪنوري ۾ وجهي، چشمي جي پاڻي ۾ ملايو ويندو آهي. ان رسم جي ادا ڪرڻ ڪانپوءِ چشمي جي پاڻي ۾ اپار ايندو آهي ۽ پاڻي جي مقدار ۾ واڌارو.

ان رسم کي تاريخ ۾ عقيدي جي خيال کان خون جي قرباني سڏيو ويو آهي. خون جي قرباني واري اها رسم تمام گهڻي پراڻي آهي. قديم قديم قبيلا پراڻي زماني ۾ اها رسم ادا ڪندا هوا. اوائلي انسان خون يا رت کي تمام گهڻي اهميت ڏيندو هو ڇاڪاڻ تہ ان جي خيال مطابق خون ۾ حرارت آهي، حيات آهي، طاقت آهي ۽ قوت آهي. خون جي قرباني واري رسم جو تعلق، نسل جي واڌاري وارن عقيدن سان آهي.

پهاڙي چشما

کير ٿر جبل ۽ ان جي شاخن ۽ ڇاڙن جي دامن ۾ مون جيڪي ٻہ قديم آثارن وارا ماڳ ڏٺا آهن انهن مان هر هڪ جي ويجهو ڪو نہ ڪو قدرتي چشمو وهيتو. اهو چشمو گهڻو ڪري دائمي طور (perennial) وهندو رهي ٿو. انهن قديم آثارن وارن ماڳن جو وجود انهن چشمن جي ڪري ئي آهي. انهن ماڳن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏيان ٿو جي ثقافتي طور وڏيڪ شاهوڪار ۽ اهميت وارا آهن. جهڙوڪ غازي شاهہ، گورانڊي، نئنگ، ڪائي، بلي جي بئي، ڊنب بئي، ٻنڊڙي، چورلو ڏلهہ، مليري، پوڪڻ، ڦونگ، ڪرچات، ديوانا وغيره. ان ڪانسواءِ ڪي قديم آثارن وارا ماڳ وري قديم جابلو نئين جي ڪنڌين مٿان ملن ٿا ۽ انهن قديم وسندين جو جياپو نئين جو پاڻي هو. مثال طور نئن گاج جي پيٽ ۾ ڇٽي جي ڪنڊ، نازگني، پائي جو ڪوٽيرو، راڄو ديرو، روهيل جي ڪنڊ ۽ پٺي جو ڪوٽيرو وغيره. نئن گاج جي هڪ مکيہ شاخ نئن شول مٿان واهي پانڌي، نئن انگائي مٿان ٽنبو رحيم خان ۽ علي مراد شاهاڻي، نئن جهانگر مٿان جهانگرا (جهنگل) نئن نئنگ مٿان غازي شاهہ ۽ ٽوڙهي، نئن موهن مٿان نئن روٽي ڪوٽ، (نيرون ڪوٽ) نئن باران مٿان تونگ، ڪوهتراش، ٽاٽو عارب، اوٿمان بئي، ٻچاٽي وغيره، ۽ نئن ملير مٿان اورنگي، منگهو پير، آملاٽو ۽ بند مراد. نئن حب مٿان ديوانا، دريجي، نئن مولا (Mula) مٿان ليمون جوٽيجو. ساڳئي طرح منڇر ڍنڍ مٿان، ٺٽي وٽ لال ڇتو، شاهہ حسن وٽ پير مشائخ، لوهري ۽ پيرلاکيو آهن. ان وقت سنڌو مٿان ڪنهن بہ شهر جي سلامت رهڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. البت ان جي قاڻن مٿان آمري (اڙل درياه مٿان) موهين (ڪني درياهہ مٿان) ڪوٽ ڏجي (ڪني درياهہ جي ٻي شاخ مٿان) نهوٽو (مهراڻي مٿان) ۽ ڪافر ڪوٽ ۽ ٺارو ڪوٽ بگهاڙ مٿان واقع هوا. انهن مان ڪيترا قاڻ پورجي ۽ ختم ٿي ويا آهن جهڙوڪ سنڌ پورو، ڪني ۽ مانجهل ۽ اڙل درياهہ. واهندو يا ريٽي- هاڪڙو ۽ سرسوتي ڪي اڄ گم ٿيل درياه ڪري (Lost River) لکيو وڃيتو. ساڳئي وقت لکي جي چشمن وٽ غارون بہ ملن ٿيون، ڇانگن جا قبرستان بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر ڪنهن قديم آثارن واري ماڳ جو اچا پتو نہ پيو اٿم. چشمن جي پاڻي ۾ گندرف مليل آهي.

سڙيل هڏا ۽ خون جا نشان؟

انهن پهاڙي سلسلن جي پاڙن ۾ مونکي گهڻو ڪري هر ڪنهن

چشمي جي پر پاسي ۾ ڪيترن ورهين جا سڙيل ۽ ڳري ويل هڏا ڏسڻ ۾ آيا آهن. پهرين مون سمجهو تہ خونخوار جهنگلي جانورن جي شڪار جا هڏا ۽ هڏيون آهن. مون تجسس جي جذبي جي ماتحت انهن مان ڪن سالم هڏن کي ڪٽي ڏٺو. مونکي انهن هڏن مٿان ڪنهن بہ قسم جي ڏندن ۽ چباڙڻ جا نشان نظر نہ آيا سواءِ ڪنهن هڪ اڌ هڏي ۽ هڏيءَ جي. منهنجي مهربان ميزبان مونکي حيران ڏسي وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ ڪلي چيائين تہ باغ ۾ هلي تا ڪچهري ڪريون ۽ اوهانکي ڳالهہ سمجهائيان . هن مهربان مونکي ٻڌايو تہ جڏهن بہ چشمي مان پاڻي گهٽ نڪري، واهي ۾ گهٽ مقدار ۽ رفتار سان وهندو آهي، تڏهن راڄ جي طرفان هڪ بي داغ ۽ بي عيب ڇيلي يا گابي ذبح ڪري، ان جو گرم گرم رت، ڪنهن ڪٽوري ۾ وجهي، چشمي جي پاڻي ۾ ملايو ويندو آهي. هڪ نوجوان غسل ۽ وضو ڪري، اهو ڪٽورو کڻي چشمي ۾ لهندو آهي ۽ رت سان ڀريل ڪٽوري کي ست ڀيرا سبتا ۽ ابتا ڦيرا ڏيئي، ڪٽوري جو رت آهستي آهستي پاڻي سان ملائيندو ويندو جيستائين وٽو خالي نہ ٿئي. ذبح وارو گوشت خير خيرات ڪري اتي ئي ورهائي ڇڏيندا آهيون. عام ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ان رسم جي ادا ڪرڻ کان پوءِ، چشمي جي پاڻي ۾ اپار ۽ اضافو ٿيندو آهي. منهنجي زور ڀرڻ تي هن مهربان هلي مونکي چشمي جي ڀريان پٿرن مٿان خون جا داغ ڏيکاريا جيڪي سڪي ٺوٺ ڇلر ٿي ويا هوا. مونکي ٻڌايو ويو تہ اها رسم ڪن ايامن کان وٺي هلندي اچيتي ۽ هر ڪنهن چشمي تي ادا ڪئي ويندي آهي. ۽ مون برابر هر ڪنهن چشمي تي هڏن جا ننڍا وڏا ٽڪرا ۽ خون جا خشڪ يا سڙي ويل داغ ۽ نشان ڏٺا آهن.

براڻون جو رايو

ان رسم کي تاريخ ۾ عقيدي جي خيال کان 'خون جي قرباني Blood Sacrifice' سڏيو ويو آهي. ان رسم بابت اي-سي-براڻون پنهنجي ڪتاب ۾ لکيتو تہ:

"A far older custom of primitive people which became associated with the fertility beliefs, was the custom of blood sacrifice. Early man attached great importance to blood, which seemed to contain the secret of life and strength. They noted that when a man was wounded and bled, his strength left him and he was in danger of death." (E. C. Brown. The Evolution of Society. p 16)

برائون جي لکڻ موجب اها خون جي قرباني واري رسم تمام گهڻي پراڻي آهي جيڪا قديم قديم قبيلا جهوني زماني ۾ ادا ڪندا هوا. ۽ جنهن جو تعلق نسل جي واڌاري وارن عقيدن سان هو. اوائلي انسان خون يا رت کي تمام گهڻي اهميت ڏيندو هو ڇاڪاڻ تہ منڍ واري ماڻهو جي خيال مطابق خون ۾ حرارت آهي، حيات آهي، طاقت آهي ۽ قوت آهي. انهن ماڻهن جو اهو خيال هو تہ زخمي انسان مان خون جي وهي وڃڻ ڪري، هن جي زندگي خطري ۾ اچي ٿي وڃي. هو صاحب اڳتي هلي صفحي ١٧ تي لکيٿو تہ بعد ۾ خون جي قرباني سان گڏ انسان جي قرباني بہ نسل جي افزائش وارين رسمن سان شامل ٿي وئي. انهن جي عقيدي موجب خون جي قرباني سان زمين ۾ وڌيڪ طاقت پيدا ٿئي ٿي ۽ زمين وڌيڪ زرخيز ٿي، پيداوار ڏيندي. ٻئي طرف قربان ٿيڻ وارو انسان ديوتا جي عمل کي ورجائيندو. برائون جي لکڻ موجب ديوتا اوسيرس (Osiris) مري ويلن جو ديوتا هو.

"Finally, human sacrifice became connected with fertility rites in a double way, blood helped to make the earth strong and fertile, and the individual who was sacrificed was re-acting the story of the god who died. Osiris, incidentally, was also the god of the dead."

ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ مصر ۾ اهرامن جو ٺهڻ ۽ ماڻهن جي جسمن کي موميائي (Mummification) بنائڻ جو عمل اوسيرس ديوتا سان تعلق رکيٿو.

سنڌو- فرات ۽ دجلہ ندين ۾ صدين کان وٺي ٻوڏون ايندين رهيون آهن. انڪري انهن ملڪن جا قديم باشندا انهن ٻوڏن، ٻوڏن جي تباهين ۽ ٻوڏن کان پوءِ پلن فصلن وارن تاريخي واقعن کان واقف آهن. پر نيل درياهہ جي ٻوڏ، ۽ ٻوڏ سبب انسان جي جاني تباهين کان مصري ڪجهہ گهٽ واقف رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ اهڙي ديوي goddess Hathor جو احوال مليٿو جيڪا وري انساني خون جي پياسي هئي. ان جي پياس بجهائڻ لاءِ ري 'Re' ديوتا کي جون barley جي رس جا ست هزار مٽ تيار ڪرائي، ديوي جي تسڪين لاءِ هاراڻا پيا تڏهن مس ديوي Hathor جي اڃ اجهائي.

ويلس جو رايو

انساني خون جي قرباني جي سلسلي ۾ ايڇ- جي- ويلس لکيٿو

"In the world of 10,000 years ago, whenever seed time came round there was a human sacrifice. And it was not the sacrifice of any mean or outcast person, it was the sacrifice usually of a chosen youth or maiden, a youth most often, who was treated with profound respect and deference upto the moment of his immolation. He was often, as it were, a sacrificial god-king, and all the details of his killing had become a ritual directed by the old, knowing men and sanctioned by the accumulated usage of ages.

"Whenever man has reached and passed the beginning of agriculture, this human sacrifice or some surviving trace of it appears." (Outline of History by H. G. Wells. p 110)

ايڇ-جي-ويلس جي لکڻ موجب جڏهن بہ ٻج پوکڻ يا ٻج ڇٽڻ جو وقت ايندو هو، تڏهن انسان جي قرباني پيش ڪئي ويندي هئي. ان انساني قرباني جو ڪنهن بہ اڇوت يا نيچ ذات جي فرد سان تعلق نہ هو. قرباني لاءِ ڳڀرو ڇوڪرو يا نوخيز ڇوڪري منتخب ڪئي ويندي هئي- پر گهڻو ڪري ڳڀرو ڇوڪرو، جنهن کي حد ادب ۽ عزت، احترام ۽ وقار سان قربان ٿيڻ واري وقت تائين رکيو ويندو هو. هن کي قرباني جو راجا- ديوتا تصور ڪيو ويندو هو. قرباني جون سموريون رسمون وڏڙا تقدس سان، ورهن جي دستور پٽاندڙ ادا ڪندا هوا. جتي بہ انسان زراعت واري ابتدائي دور تي پهتو اتي انسان جي قرباني جي رسمن جا اهڃاڻ ۽ اشارا ملن ٿا.

مندرن جي تهذيب

هو صاحب اڳتي هلي ٻئي هنڌ لکيٿو تہ "The begining of civilization and the appearance of temples are simultaneous in history. The two things belong together. The begining of cities is the temple stage of history. The city community arose round the altar of seed-time blood sacrifice." (Outline of History. p 205)

ايچ جي ويلس جو چوڻ آهي تہ تهذيب جي جنم سان مندر ظاهر ٿيا. تهذيب ۽ عبادتگاهہ جڙتک لازم ملزوم شيون آهن. شهري سماج ٻج پوکڻ مهل خون جي قربان گاهن جي چوگرد اسريا. وري صفحي ٥٢٩ تي لکيتو تہ

"Here we seem to be dealing with a survival of the primitive blood sacrifice at seed-time, which was perhaps the primary religious idea of the earliest temple civilizations."

ان سلسلي ۾ هن صاحب اجا گهڻو ڪجهہ وڌيڪ معلوماتي مواد پيش ڪيو آهي. ان جو ذڪر هتي انڪري پيش نہ ڪري رهيو آهيان جو سنڌو ماٿري ۾ اجا تائين سنڌو تهذيب واري دور سان تعلق رکڻ وارو ڪوبہ مندرن جو شهر دريافت نہ ٿيو آهي. گويا مندر واري سماج کان سنڌو تهذيب وارو دور (٦٥٠٠-١٥٠٠ ق-م) خالي رهيو آهي يا ڪم از ڪم اجا لڌو نہ ويو آهي.

سنڌو تهذيب جي علائقن ۾ آرين جي اچڻ کانپوءِ ان دور جا اهڃاڻ ۽ ڏس پتا ملن ٿا، جن جو ذڪر هندو مٿالاجي جي ڪتابن ۾ اچيٿو. ۽ تمام تفصيل سان مليٿو-

"Let princes, ministers of State, councillors, and vendors of spirituous liquors make human sacrifices, for the purpose of attaining prosperity and wealth. Let the victim offered to Devi, if a buffalo, be four years old, and if human, twenty five. On these occasions this is the mantra to be used: 'Hail! three-eyed goddess, of most terrifying appearance, around whose neck a string of human skulls is pendent; who art the destroyer of evil spirits; who art armed with an axe and a spear, salutation to thee with this blood." (W. J. Wilkins. Hindu Mythology. p 316)

هندو مٿالاجي موجب شهزادن، وزيرن، صلاحڪارن ۽ سوم ٻوٽي جي عرق وڪڻندڙن کي قرباني ۽ بليدان واسطي حڪم ڏنل آهي. ان سان گڏ قرباني جي جانور ۽ انسان جي عمرين جي حد بہ مقرر ڪيل آهي. ساڳئي وقت ٽن اکين ۽ خوفناڪ شڪل ۽ صورت واري ديوي اڳيان اهو منتر پڙهنو اٿن تہ "ديوي هن خون جي قرباني سان پر نام ۽ نمسڪار

ڪريون ٿا."

جوهي تعلقي ۾ چني ڳوٺ جي اولهہ ڏکڻ ۾ ڪجهہ مفاصلي تي ڪن بروچ قبيلن جي سردارن جا مقبرا آهن. انهن مان ڪي مقبرا ته ٻن ٽن صدين جا آهن. انهن مقبرن مان هڪ مقبرو سردار شهڪ خان جو آهي. ان مقبري جي اڳيان هڪ وڏي روهي ڪتل آهي. ڀاسن وارا عقيدتمند، قرباني جي جانور جو خون، ان روهي مٿان هاريندا آهن. ان روهي مٿان خون جا داغ ۽ نشان مون پنهنجن اکين سان ڏٺا آهن. ان ڪانسواءِ اهو ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڪن ولين جي درگاهن جي چائنٺن مٿان بہ قرباني واري جانور جو خون هاريو ويندو آهي ۽ خون مان آڱريون ٻري- درن ۽ ديوارن تي چنڊا ۽ چينٽون هنيون وينديون آهن. پيار ۽ محبت ۾ خون جو لفظي ۽ عملي استعمال بہ عقيدت جو اظهار آهي.

انسان ۽ خون جي قرباني جي مطالعي ڪندي مون ڪن ڪتابن ۾ اهو بہ پڙهيو آهي ته سميرين خون ڪي زندگي جي سڃاڻپ سمجهي ان جو ڪائڻ حرام ٺهرايو هو. اهي قرباني جي خون جي سخت نگهباني ۽ حفاظت ڪندا هوا. يا ڪن پاڪ هنڌن ۾ محفوظ ڪري رکندا هوا. ڪن حالتن ۾ ڪنهن پٿر ڪي خون جي ديوتا سان تشبيهہ ڏيئي، ان پٿر مٿان هاريندا هوا. ۽ ان طريقي سان نحوست کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا هوا. ڪن قديم قبيلن ۾ ته خون ڪي قبرن جي اندر بہ هاريو ويندو هو. ان مقصد سان ته خون جي پياسي ديوتا جي اڃ اجهامي. ڪنهن محقق جو چوڻ آهي ته انسان جي قرباني دنيا ڀر ۾ انهن قبيلن ۾ مروج هئي جيڪي مڪمل طور وحشي دور مان گذريا آهن. انسان جي قرباني ڪن حالتن ۾ ته سموري قبيلي جي مفاد ڪي سامهون رکي پيش ڪئي ويندي هئي ۽ ڪن ٿورن حالتن ۾ ڪنهن فرد جي مفاد ۾ بہ انسان جي قرباني جائز سمجهي ويندي هئي. اها قرباني جي رسم ڪيترين ئي حالتن ۾ ۽ سببن هيٺ پيش ڪئي ويندي هئي جهڙوڪ فصلن ڪي خشڪ سالي يا سخت برساتن ۽ ڳڙن کان بچاءَ لاءِ، وبائي بيمارن کان تحفظ لاءِ، سفر ۾ خطرناڪ جانورن جي حملن کان محفوظ رهڻ لاءِ، دريائي ۽ سامونڊي سفر ۾ موافق ۽ سٺائين هوائن لاءِ، اولاد، مال ۽ رزق ۾ برڪت لاءِ وغيره وغيره. مطلب ته قرباني جي معنيٰ ئي آهي قربت حاصل ڪرڻ. قديم زماني ۾ قرباني ديوين ۽ ديوتائن جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي ويندي هئي ۽ اڄ الاهي قربت لاءِ قرباني پيش ڪئي وڃي ٿي. ۽ هر ڪنهن قرباني جي پٺيان خوف ۽ اميد جا جذبا يا جبلتون ڪارفرما هونديون آهن. مون ڪي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو ته خون ۽ انسان جي قرباني جي رسم جو ڪنهن بہ

خاص مذهب ۽ ترم، ذات ۽ پات سان تعلق نہ آهي. اها رسم انسانن جي گروهن ۽ قبيلن ۾ هزارن سالن کان وٺي مروج آهي.

خود قرباني

ان ساڳئي سلسلي ۾ وڌيڪ مطالعي ڪندي منهنجي نظر مان هڪ ٻيو ڪتاب بي-آر-راجم آير جو بہ گذريو. ان ڪتاب ۾ جيڪي باب آهن انهن مان هڪ جو نالو آهي The Glory of Suicide خود ڪشي جي عظمت. ان باب ۾ ڪتاب جي ليکڪ انسان جي عظمت جو وري عجيب ۽ غريب دليل ڏنو آهي. هو صاحب لکيٿو تہ

"The one ground and in our opinion the only one on which man has the right to be placed above other animals, nay, all the rest of animate creation, is his power to commit self-murder. In point of physical frame, the senses, mind and even in point of intellect, he is outdone by several other creatures and the gods of the celestial regions above, decidedly excel him in all these. But there is one privilege which is given to him and him alone in all creation and to enjoy which all other creatures have in course of time to assume the human form and that is his power to annihilate himself." (B.R. Rajam Aiyar- Rambles in Vedanta- P. 239)

بي-آر-راجم آير جي لکڻ موجب انسان سيني ساهوارن ۾ ان ڳالھ جي ڪري فوقيت رکيٿو تہ هو پاڻ کي ماري يعني 'آپگهات' ڪري سگهيٿو. هندو سماج ۾ 'ستي' واري رسم جو بہ ان سان تعلق آهي. وري ڪرنل ٽاڊ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ:

"...female immolation... whether religion, custom, or affection has most share in such sacrifice.... The chief characteristic of Satiism is its expiating quality: for by this act of faith, the Sati not only makes atonement for the sins of her husband, and secures the remission of her own, but has the joyful assurance of reunion to the abject whose beatitude she procures." (Annals and Antiquities of Rajasthan. Vol ii pp 737-38)

پنڊت ولِاس جيڪو يانوس جو مکيہ تواريخ نويس هو. سو بہ عورتن جي قرباني يا "ستي لڪڙي" جي رسم جو ڪٽر حامي ۽ حمايتي هو. ان باري ۾ رشي منو جو رايو بہ هيٺ پيش ڪري رهيو آهيان جنهن ۾ هن مفڪر جي خيال ۾ هندو عورت جي ٻيهر شادي ۽ وهانو ڪرڻ سخت نفرت وارو فعل آهي جنهن ۾ عورت، عورت جي ٻرجي ۽ پد کان بہ ڪري پوي ٿي. هو صاحب لکيٿو تہ

"Let her emaciate her body, by living voluntarily on pure flowers, roots, and fruit, but let her not, when her lord is deceased, even pronounce the name of another man."

اڳتي هلي لکي ٿو تہ

"A virturous wife ascends to heaven, if, after the decease of her lord, she devotes her self to pious austerity, but a widow, who slights her deceased husband by marrying again, brings disgrace on her self here blow, and shall be excluded from the seat of her lord."

منو چويٿو تہ اها استري جيڪا پوتر زندگي گذاري ٿي، پنهنجي پرش جي پر لوڪ پڌارڻ کانپوءِ بہ. سا عورت اوس سرڳ ۾ داخل ٿيندي. ان جي ابتڙ جيڪا پنهنجي پهرين جنم ساٿي جي موت کان پوءِ ٻي شادي ڪندي، اها پاڻ کي ڪلنڪ لڳائيندي ۽ پنهنجي پرش جي پد تان ڪري پوندي.

گهوڙي جي قرباني

ڊبليو-جي-ولڪنسس پنهنجي ڪتاب هندو متالاجي ۾ صفحي ١٧٢-۽ صفحي ١٧٣ تي گهوڙي جي قرباني جو ذڪر ڪيو آهي. هن صاحب جي لکڻ موجب ايوڌيا جي مهاراجا دسرت کي اولاد ڪونہ ٿيندو هو. انڪري هن هڪ ڏينهن يڳيہ (Asvamedh) جي رسم ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ جئن ڪيس هڪ پٽ پيدا ٿئي. هن پنهنجي سڀ کان وڌيڪ پياري ۽ شاندار جنگي گهوڙي جي بلدان کي ضروري سمجهيو. رسمن مطابق گهوڙي کي هڪ سال لاءِ آزاد ڪيو ويو ۽ سئس کي حڪم ڪيو ويو تہ هو فقط ان جي نظرداري ڪندو رهي. جئن تہ مهاراجا دسرت پنهنجي ۽ آس پاس جي ملڪن ۾ تمام مقبول هو انڪري گهوڙي جي هر هنڌ سار

سنيال لڌي ويئي. ساڳئي وقت مهاراجا جي حاڪميت ۽ اختياري (authority) جو ثبوت ملي ٿو. قرباني واري مقرر ڏينهن تي ۽ مقرر جڳهه تي ملڪ جي سيني اثر رسوخ رکڻ وارن ماڻهن ۽ آس پاس جي راجڪمارن کي سڏيو ويو.

جنهن پنڊت اها قرباني جي رسم ادا ڪئي ان رسم جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ديوتائن کي مخاطب ٿي چيو ته راجا دسرت اوهان جي ديا ۽ خوشنودي لاءِ پنهنجي پياري جنگي گهوڙي جي ٻيٽا هڪ پٽ جي خاطر پيش ڪئي آهي.

"For you has Dasaratha slain
The votive steed, a son to gain,
Stern penance rites the king has tried,
And in firm faith on you relied."

ساڳئي پنڊت مهاراجا کي هيٺين لفظن ۾ پڪ ڪرائي ته

"Four sons, O monarch, shall be thine
Upholders of the royal line."

ايوڌيا جي مهاراجا دسرت جي وينتي ۽ ٻلدان قبول پيو ۽ وشنو ديوتا پنهنجي هڪ خاص رشي مهاتيج سري هٿان امرت ڌارا (nectar) جو پيالو ڏياري موڪليو ۽ کيس سمجهائي ڏني ويئي ته ان امرت ڌارا مان سيني راڻين کي پياريو وڃي، ته کين گرڀ ٿيندو. راجا دسرت کي مهاراڻي ڪوشليا مان رام، راڻي ڪيڪئي مان ڀرت ۽ راڻي سمترا مان لڪشمن ۽ شتروگهن، ڪل چار پٽ پيدا ٿيا.

ان مٿين ڪهاڻي مان ثابت ٿيو ته گهوڙي جي قرباني جو رواج يونان کانسواءِ هندستان ۽ ٻين ملڪن ۾ به موجود هو. ان کانسواءِ قرباني ڪن خاص ڏينهن تي ۽ خاص جڳهين تي پيش ڪئي ويندي هئي ۽ آهي. مسلمان حضرت ابراهيم جي قرباني واري رسم ۽ سنت ڌهين کان ٻارهين ذي الحج جي مهيني ۾ منا جي مقام ۾ ادا ڪندا آهن. حضرت ابراهيم جي قرباني جي سنت ۾ اٺ، مينهن، ڍڳو، ٻڪري، دنبو ۽ گهٽو استعمال ڪيا ويندا آهن. ان ۾ جنس جو ڪوبه سوال پيدا نٿو ٿئي. البت قرباني جي جانور جو صحتمند، بي عيب ۽ بي داغ هئڻ لازمي آهي. گهوڙو، هرڻ، ڦاڙهو، ٻارنهن سنگو وغيره قربان ڪري نه ٿا سگهجن.

اسان مان ڪيترن صاحبن کي انهن هندو پنڊتن ۽ رشين جي

خيالن سان اختلاف تي سگهيتو جيڪو اسانجو پيدائشي ۽ بنيادي حق آهي. مون هن ڪتاب ۾ اهي حوالا انڪري پيش ڪيا آهن ته قرباني جي تصوير جا سيئي رخ ۽ پهلو پڙهندڙن اڳيان ظاهر ٿين. انسان صالن ۽ صدين ڪانوٺي خون، انسانن ۽ جانورن جون قربانيون پيش ڪندو آيو آهي. مگر ان قربان ٿيڻ واري انسان جي جذبن ۽ احساس، امنگن ۽ اڌمن کان اسان بي خبر رهيا آهيون ڇاڪاڻ ته ان باري ۾ اسان وٽ ڪوبه تاريخي ۽ ترمي ڪتاب وغيره موجود نه آهي. باقي ٻيا قرباني جا جانور ته آهن ئي ’بي زبان‘.

حضرت ابراهيم: انسان ذات تي وڏو احسان آهي حضرت ابراهيم عليه (٢٢٠٠-٢٠٢٥ ق.م) جو جنهن انسان جي قرباني کي، پنهنجي ڪمال درجي جي صبر، تحمل، تدبر، همت ۽ حوصلي سان منشائي ايزدي جي نالي ۾ گهيٽي يا دنبي جي قرباني ۾ تبديل ڪيو. تاريخ ۾ اهو عظيم واقعو اٽڪل ٢١١٤ ق-م ڌاري ٿي گذريو. اڄ انسان جي قرباني جي جڳهه تي جانور جي قرباني پيش ڪئي وڃي ٿي ۽ ڇشمن جي پاٿي ۾ جانور جو خون ملايو وڃيتو. ساڳئي طرح راجا رام موهن راءِ (١٧٧٢-١٨٣٣ع) جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان هندو سماج مان ’ستي‘ جو رواج اڻوهين صدي جي منڍ ڌاري ختم ٿيو. ان رسم جو تعلق به خودڪشي ۽ خود قرباني (The Glory of Suicide) سان هو جنهن جي تهه ۾ مڪتي (Salvation) وارو ويدانتي فلسفو سمايل هو.

سنڌو تهذيب

مشهور محقق ايس-آر-راءِ (S.R. Rao) ڪي سنڌو تهذيب سان تعلق رکندڙ ٻن مکيه هنڌن تان کوٽائي ڪندي قرباني جي رسم سان تعلق رکندڙ آثار مليا آهن. اهي ماڳ آهن گجرات جي علائقي ۾ لوٿل (Lothal) ۽ مغربي پنجاب يا پاڪستان ۾ گم ٿيل درياهه سرسوتي جي ڪناري تي ڪالي بيگن (Kalibangan). پوئين ماڳ مان هڪ پڪل مٽي مان ٺهيل ٽڪيڪ جي شڪل واري ٽڪر تي ٻڪر جي قرباني جو نقش اڪريل آهي. ان جي ابتڙ پهرين هنڌ مان پڪين سرن مان ٺهيل هڪ ڪڏ مان ڪن سنگن وارن جانورن جا هڏا ۽ خون مليا آهن.

سچ ته سنڌو تهذيب جي اها خوشبختي آهي جو هن تهذيب سان تعلق رکڻ وارن سيني هنڌن ۽ ماڳن وارن ڪنبرن مان اهرامن جي اڏيندڙ فرعونن ڌي محلاتن ۽ بابل جي مينار ٺهرائيندڙ نمرود جون، نڪي ڪن

پنڊتن ۽ پروهتن جون اوچيون اوچيون ۽ شاندار مگر خوف ۽ هيبت پيدا ڪندڙ ڪليسائون ۽ مندرن جون باقيات حاصل ٿيون آهن.

"Again, there is nothing that we know of in prehistorie Egypt or Mesopotamia or any where else in Western Asia to compare with the well-built baths and commodious houses of the citizens of Mohenjo Daro. In those countries, much money and thought were lavished on the building of magnificent temples for the gods and on the palaces and tombs of kings, but the rest of the people seemingly had to content themselves with insignificant dwellings of mud. In the Indus Valley the picture is reversed, and the finest structures are those erected for the convenience of the citizens." (Sir John Marshall.).

سر جان مارشل لکيتو تہ تاريخ کان اڳ واري دور جي مصر، سمير يا مغربي ايشا يا ڪنهن ٻئي ملڪ مان ڪي بہ اهڙا آثار ۽ اهڃاڻ نہ مليا آهن جن ڪي سنڌو تهذيب جي سهڻن نهيل غسلخانن ۽ ڪشادن گهرن سان مشابهت ڏيئي سگهجي جيڪي سنڌي تهذيب جي عام ماڻهن جي رهائش وارا هوا. مصر، سمير ۽ ٻين ملڪن ۾ ملڪن جي دولت ۽ حرفت ۽ صنعت ۽ فڪر ڪي وڏن شاندار ۽ عاليشان مندرن ۽ ڪليسائن جي تعمير تي خرچ ڪيو ويندو هو يا وري شهنشاهن جي محلاتن ۽ مقبرن تي. باقي رعيت بظاهر مٽي ۽ ککائين جهوپڙين ۾ رهڻ تي ئي پاڻ ڪي مطمئن ڪندي هئي. مگر سنڌو ماٿري ۾ تصوير ان جي ابتڙ آهي. سنڌو تهذيب ۾ سهڻيون ۽ وڻندڙ اڏاوتون اهي آهن جيڪي عوام جي استعمال لاءِ ٺهرايون ۽ ٺاهيون ويون آهن. (سرجان مارشل).

نوٽ پهريون.

مان هن ڪتاب جي ڪنهن صفحي تي Tower of Silence يعني دخمة جو ذڪر ڪري آيو آهيان. اهو دخمة ٺٽنگ ڳوٺ جي اتر ۾ اٽڪل هڪ ميل جي مفاصلي تي هڪ ٽڪري تي اڏيل آهي. دخمة جي شڪل هڪ ڪوهہ وانگر آهي. اهو ڪوهہ ٽڪري جي سطح کان، هن وقت تيرنهن فوٽ مٿي اونهو آهي. يقين سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪوهہ ٽڪري ۾ هيٺ ڪيترا فوٽ اونهو ڪوٽيل هو. اها ٽڪري خود بہ آس پاس جي هموار زمين کان گهٽو گهٽو مٿي آهي. ڪوهہ جي هيٺين حصي ڪي مضبوط

ڪرڻ لاءِ پٿرن جو وڏيڪ گهيرو ٻڌل آهي جيڪو ڇاهتر فوٽ آهي. ڪوهه جو مٿيون حصو هن وقت اٽڪل ڇهه فوٽ آهي ۽ هيٺيون حصو ست فوٽ آهي. هيٺين گهيري جو ٿلهو موڪر ۾ ڇهه فوٽ آهي. ڪوهه قطر ۾ ڏهه فوٽ آهي. ٿلهي تائين چڙهڻ لاءِ پندرنهن ڏاڪا آهن. هر هڪ ڏاڪو ڇهه فوٽ ٻگهو اٽڪل هڪ فوٽ موڪرو ۽ اڌ فوٽ اپو آهي.

تر جا ماڻهو ان ڪوهه بابت ڪابه ڄاڻ نٿا رکن. انهن جو چوڻ آهي تہ ڪوهه ابن ڏاڏن کان وٺي ان حالت ۾ ڏسندا ٿا اچون. شايد گبرن جو آهي. مان ڪوهه جي آس پاس چڱي مفاصلي ۾ گهميو آهيان. مونکي ڪٿي بہ ڪنهن قسم جي ڪارنهن ۽ رک نظر نہ آئي آهي نڪي ڪوهه جو اندريون يا ٻاهريون حصو ڪارنهن جي ڪنهن معمولي نشان وارو نظر اچيٿو. انڪري اهو قوي گمان گذري ٿو تہ اهو ڪوهه بہ سرونا ماڻري جي ڪوهن جهڙو آهي جيڪي ڪوهه هيوگز بلر (Hughes Buller) ڏٺا هوا ۽ جن جو ذڪر ايچ.ٽي.لئمبرڪ ڪيو آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ لڪمير جي ماڙي واري ٽڪري جي آس پاس تاريخ کان اڳ ۽ تاريخ جي منڍ واري دور (Proto-historic) جا نشان ۽ آثار صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن آثارن جي ڏکڻ ۾ لنيون ۽ گوربنديون بہ واقع آهن. جن بابت مونکي يقين جي حد تائين گمان آهي تہ ايران جي تهذيبي ورثي سان تعلق رکن ٿيون.

اڪثر مورخن ۽ محققن پنهنجين تصنيفن ۾ حضرت زردشت جي پوڄارين بابت لکيو آهي تہ پارسي پنهنجن مڙدن کي ساڙڻ ۽ پورڻ بدران ڳجهن جي پيٽ قوت لاءِ شهرن کان پري وڏيون ۽ اوچيون ڪوهن وانگر ڪليل گول اڏاوتون ٺاهيندا هوا جن کي دخمة سڏيندا آهن.اهي دخمة سنسان ٽڪرن تي اڏيندا آهن. مڙدن کي ڌرمي رسمن ڪانپوءِ ڪن سرهين ۽ سٽيين شين سان سينگاري، انهن دخمن تي رکندا آهن جن کي سيڪنڊن ۾ ڳجهون چيري ڪائي ڪپائي ڇڏينديون آهن. ان رسم کي بہ قرباني جي هڪ رسم طور سمجهيو ويندو آهي. پر ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ ان قسم جي قرباني جي رسم، سيني پارسين ۾ عام نہ آهي. ايچ-جي-ويلس، هندوستان جي پارسين بابت بہ ساڳي ڳالهہ لکي آهي تہ مڙدن کي ساڙڻ ۽ پورڻ جي رواج جي سخت ممانعت آهي.

نوٽ ٻيو- رنگ ڳاڙهو

انساني سڀيتا جي ڪهاڻي جي آيپاس مان اڻين ٿو معلوم ٿئي تہ انسان جڏهن اڃا رولو هو ۽ ڀٽڪندو وتندو هو ۽ جڏهن ان جو گذر ۽

Soorih Mirani

جياپو فقط جهنگلي جانورن جي شڪار تي هو. جڏهن شڪار ڪري، ان کي چيري ڦاڙي ڪچو گوشت چٻاڙيندو هو ۽ کائيندو هو. تڏهن انسان جيڪو منهن ۾ رنگ ڏنو، اهو گوشت ۽ گوشت مان وهندڙ ۽ رسندڙ خون جو رنگ هو، جيڪو ڳاڙهو هو. انڪري انسان جي تهذيب جي منهن وارن ماڳن غارن ۽ غفائن وغيره ۾ جيڪي بہ نقش ۽ نگار، چٽ ۽ چٽساليون، تصويرون ۽ شڪليون مليون آهن انهن ۾ سڀ کان وڏيڪ ۽ ابتدائي رنگ ڳاڙهو ئي استعمال ٿيل آهي. جيڪو رنگ خون جو آهي ۽ شايد انسان خون ۾ ٻڏل هٿن ۽ آڱرين سان منهن منهن وارا چٽ چٽيا ۽ رنگيا آهن. اهوئي بنيادي سبب آهي جو اڄ تائين انقلاب، بغاوت، خون خرابي، مرهم پٽي ۽ خطري جون سڀ علامتون ۽ نشانيون ڳاڙهي رنگ سان ظاهر ڪيون وينديون آهن. ان ڪانسواءِ هن رنگ جي هڪ ٻي بہ خوبي آهي تہ هي رنگ پنهنجي شوخي ڪري پري کان صاف ۽ چٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اڄ تائين هن رنگ جو استعمال وڏيڪ سٽريل معاشرن ۾ گهٽ ٿئي ٿو.

ڪارو رنگ

يونان جي هڪ هاري شاعر هيسيڊ (Hesiod. 750 B.C.) هڪ اهڙي باغي ۽ انقلابي جو ذڪر قلمبند ڪيو آهي جنهن يونان جي عاشق مزاج ديوتا زيوس (Zeus) جي خلاف بغاوت ڪري انسان کي ٻين علمن ۽ هنرن سان گڏ باهہ ٻارڻ جو هنر بہ سيکاريو هو. ان باغي يا انقلابي ديوتا جو نالو هو پرومٿيوز (Prometheus) پرومٿيوز بابت هرمن جي وشلر (Herman J. Wechsler) پنهنجي ڪتاب ديوتا ۽ ديويون (Gods And Goddesses) ۾ صفحي ٻارهين تي لکيو آهي تہ

"He saw men who had once held their heads high, slink through the forests fearful for their lives. And the long hours of the night were the hardest to endure. So Prometheus went before his lord Zeus and begged that he be permitted to bring man fire to yield heat and light and protection."

ان ديومالائي (myth) ڪهاڻي ۾ اڳتي هلي ساڳيو مصنف لکيٿو تہ جڏهن زيوس، پرو مٿيوز کي باهہ ڏيڻ کان انڪار ڪندي، هن کي صلاح ڏني تہ انسانذات کي سندس حال تي ڇڏي ڏي، تڏهن پرومٿيوز هڪ سَرُ هٿ ڪيو. اپولو (Apollo) ديوتا، جڏهن پنهنجي رٿ تي سوار ٿي آسمان جي سير تي نڪتو، تڏهن پرومٿيوز ان سرَ يا ڪانهہ جو تيلو، لکي اپولو

ديوتا جي رٿ جي ويجهو جهليو. رٿ جي ڦيٿي مان جيڪي چڻگون نڪتيون تن تيلي کي ٻاري وڌو. جيڪو تيلو پوءِ پروميٿيوز لڪائي زمين تي کڻي آيو ۽ انسان کي باهہ ۽ باهہ جي فائدن کان واقف ڪيو.

"As the god drove by, Prometheus held the reed against one of the fiery wheels and when it burst into flame, he smothered it, and hid the glow so that none might see it. Then he descended to earth and brought fire to man and taught him its many uses. For the first time the earth dwellers felt superior to the beasts."

وري ايڇ-جي-ويلس ان ساڳئي ديوتا لاءِ لکيو آهي تہ هو جارجيا ۾ هڪ ڳجهہ سان زنجيرن ۾ جڪڙيل هو ۽ ڳجهہ هن جا مکيہ عضوا پٽيندي کائيندي هئي. ويلس لکيٿو تہ

"A remarkable number of Greek fables and legends concentrate on Georgia, it was the land of the Golden Fleece, the goal of the Argonauts, and there Prometheus was chained with the vulture gnawing at his vitals." (The Outline of World History. P. 183-84).

پروميٿيوز کي مٿين سزا انسان دوستي سبب ملي هئي. اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ يونان جي ڪلاسيڪي ادب ۾ هومر (Homer) سان گڏ هيسيڊ جو بہ ذڪر اچيٿو. هيسيڊ بابت ويلس جو رايو آهي تہ اهو شايد سچو پچو ماڻهو هو. Hesiod was more probably a real man.

سو جڏهن انسان باهہ ٻارڻ جي هنر کان واقف ٿيو تہ ان کي باهہ جي شعلن ۽ چڻين ۾ لالاڻ ۽ پيلاڻ ڏسڻ ۾ آيون ۽ سڙيل ڪاٺيون ڪوئلي جي صورت ۾ ڏسندو هو. جنهن کي هٿ لائڻ سان هن جا هٿ ۽ آڱريون ڪاريون ٿي ونديون هيون. انهن ڪارنهن پريل آڱرين ۽ ڪوئلن سان بہ هو ڇٽ ۽ تصويرون چٽڻ ۽ ليکڻ سکيو. ڪارو رنگ غم ۽ ماتم جي نشاني سمجهيو ويندو آهي.

پيلو رنگ

هر ڪنهن ساهواري، ايتري قدر جو وڻن ٻوٽن مان بہ خون يا رت ۽ رس (قوت ۽ حرارت) جي وهي وڃڻ ڪانپوءِ انهن جو رنگ زرد، پيلو يا

Soorih Mirani

ڦڪو ٿي وينلو آهي. انسان قدرت جي جن پهرين جسمن ۽ عنصرن جي پوڄا ڪئي آهي انهن مان سج، چنڊ ۽ باهه کي خاص اهميت آهي. سج ۽ چنڊ جي اڀرڻ مهل ۽ لهڻ ويل گهڻو ڪري رنگ پيلو هوندو آهي. ساڳي طرح باهه جي شعلن ۾ به پيلاڻ نظر ايندي آهي. ان ڪانسواءِ انسان پنهنجي بدن جي صفائي منڊ ۾ مٽي سان ڪئي آهي جئن اڄ تائين ڪيترا جانور ڪندا اچن ٿا. مٽي جو رنگ نه اڇو آهي، نه ڪارو آهي. پر ڪن خطن ۾ هلڪو ڦڪو (ميٽ جهڙو) ۽ ڪٿي ميرانجهڙو آهي. سنڌ ۾ اڃا تائين ڪي نه ڪي ڳوٺاڻا ميٽ، سان وهنجندا آهن ۽ ميٽ جو رنگ پيلو يا ڦڪو آهي.

انسان پهريائين انهن ٽنهي بنيادي رنگن سان چٽ، تصويرون ۽ خاڪا چٽيا ۽ رڱيا آهن. آلاسڪا جي غارن ۾ گهوڙن ۽ ڍڳن کي ڪاري رنگ ۾ يا ڪارين ليڪن ۽ خاڪن ۾ چٽيو ويو آهي. هرڻن کي ڳاڙهي، ڪاري ۽ پيلي رنگن ۾ چٽيو آهي. التميرا جي غارن ۾ ڍڳن، مينهن، هرڻن ۽ سوئرن کي ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگن ۾ چٽيو ويو آهي. آلاسڪا جي هڪ غار جي اونداهين حصي ۾ هڪ اهڙي تصوير به چٽيل ملي آهي جنهن جو ڌڙ انسان جهڙو ۽ سر پکي جهڙو آهي. ان جي چهنب به چٽي طرح ظاهر آهي، ان انسان جي هٿن ۾ فقط چار چار آڱريون آهن. انهن غارن مان ڪن ۾ انساني لاشن جا ڍانچا ۽ هڏا به مليا آهن، جي چار لک سال پراڻا آهن. سنڌو تهذيب وارن ماڳن مان جيڪي ٺڪريون مليون آهن سي پيلي، ڦڪي پيلي، ڳاڙهي، هلڪي ۽ ڳوڙهي ڳاڙهي، ۽ ڪارن رنگن ۾ رنگيل چٽيل واريون آهن. اها ڳالهه به مشاهدي ۾ آئي آهي ته جيڪي انساني گروهه ۽ قبيلا، نيم جهنگلي زندگي گذاري رهيا آهن سي اڄ تائين انهن ٽنهي رنگن سان پنهنجن جسمن تي پٽا، ليڪا ۽ ٻين قسمن جي چٽن سان چٽي، سينگار ڪن ٿا. سنڌي ثقافت ۾ اجرڪ ۽ ٽي گلي جتيءَ کي وڏي اهميت آهي اجرڪ ۽ جتي تي انهن ٽن قديم، بنيادي ۽ مکيه رنگن مان به رنگ ڳاڙهو ۽ ڪارو گهڻو ڪري ۽ گهٽي ڀاڳي اڄ تائين استعمال ۾، ايندا رهن ٿا. ساڳي نموني سان پيلو رنگ به عام استعمال ۾ آهي.

التميرا، شيبوت، آلاسڪا وغيره جون غمريون ويهن ڪان چاليهه هزار سالن تائين ڪٽيون ويون آهن. جيتوڻيڪ انسان چاليهه هزار سالن ڪان وٺي رنگن جو استعمال ڪندو نه آيو آهي؟ ساڳي طرح اهو به بلڪل واضح ۽ صاف ظاهر ٿيو پوي ته انسان، حضرت انسان نقاشي ۽ مصوري جي فن کان ايترو اڳي ۽ پراڻو واقف آهي جيترو ڪ انهن غارن ۾ چٽن جون غمريون ڪٽيون ويون آهن؟ ڪائنات جي هر هڪ عنصر ۽ جسم ۾ ۽

جسم جي هر هڪ انگ ۾ جيڪا شي سڀ کان وڌيڪ ڪشش ڪرڻ واري ۽ لطف ڏيڻ واري آهي سا آهي 'رنگ'. انسان رنگ کي ڏسي اونداهي ۽ روشني جو. گرمي ۽ سردي جو. خوشي ۽ غمي جو. خوشحالي ۽ بدحالي جو اندازو لڳائيندو آهي.

رنگ ۽ روغن جي باري ۾ قلم، برش ۽ رنگن جي ذات ڏٺين ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون آهن جي سڀ غور طلب آهن پر مان انهن مان فقط ڪن جو هتي ذڪر ڪريانٿو.

١. رنگ، ڪنهن به جسم جي ٻهرين يا ٻاهرين ڏيک ويک جو نالو آهي. اهو ڏيک جيڪو جسم جي مٿان اثر انداز ٿيندڙ روشني جي مقدار ۽ معيار جو عڪس آهي، جيڪو اسانکي ڏسڻ ۾ اچيٿو.

٢. رنگ ماڻهن جي معاونت ڪن ٿا جنهنڪري جسم کي تمام آساني سان محسوس ڪري سگهجيٿو، بيان ڪري سگهجيٿو ۽ ٻين جسمن سان مشابهت ۾ پرکي به سگهجيٿو.

٣. ڪن ساهوارن جهڙوڪ آڪٽوپس (Octopus), (Squid) ۽ سپي واري مڇي (Cuttle fish) جي کلن ۾ رنگ جي تبديلي تمام جلد ايندي آهي. ڪن حالتن ۾ ته رنگ جون لهرون جسمن جي مٿين تهن (کلن) تي يڪدم تبديليون آڻين ٿيون. اڪثر ڪري ساهوارن ۾ ڪيترا ئي (pigments) ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جن مان مکيه ۽ بنيادي آهن ڳاڙهو، ڪارو ۽ پيلو. اهي ٽيئي رنگ قديم ترين رنگ آهن جيڪي انسان پراڻي پٿر واري دور ۾ استعمال ڪيا.

٤. فصلن، ٻيلن، ميون، ٻاڄين، ٻوٽن، گلن وغيره جا رنگ موسمي اثرن ڪري بدلجندا رهن ٿا. ساڳئي طرح انسانن ۽ ٻين ساهوارن جي به وقت گذرڻ سان، يا حالتن جي تغير سبب، رنگت بدلجندي رهندي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻولي ۾ هڪ عام چوڻي آهي ته "وار اس ۾ اڇا نه ڪيا اٿم." سچ ته قدرت جي عنصرن جو به اسان جي مزاج تي اثر پوڻ سبب، اسانجا ۽ ٻين ساهوارن جا رنگ بدلجندا آهن.

٥. هلڪي ڪاري رنگ وارو جسم، روشني جي ليکن ۽ لهرن ۽ ڪرڻن کي تمام سولائي سان جذب ڪري ٿو ۽ يڪدم گرمي به پڪڙي ٿو.

٦. ساڳئي طرح رنگ، اسانکي مندن جي تبديلي، ڏک ۽ سک، خوشي ۽ غمي، ڏڪار ۽ سڪار، سبزين ۽ ويرانين، لاهين ۽ چاڙهين، جبلن

۽ ندين، آسمان ۽ زمين، زمين جي تهن ۽ ورنن وغيره جي اندازي لڳائڻ ۾ وڏي مدد ڪن ٿا. حقيقت ۾ ڪائنات ۾ جيڪا رنگيني آهي، اها رنگن جي محتاج آهي.

رنگن جي باري ۾ اڃا به وڌيڪ بيان ۽ بحث ڪري سگهجيٿو پر اهو سڀ ڪجهه هن ڪتاب جي مواد جي دائري ڪان ٻاهر آهي. البت رنگن جي ترتيب ۽ رٿا (colour scheme) ۽ رنگن جي استعمال (colorationa) ڪي ماحول جي پس منظر ۾ ڏسڻ، پڙهڻ ۽ پرکڻ تمام ضروري آهي، خاص ڪري جمالياتي ذوق رکڻ وارن لاءِ ته لازمي شرط آهي.

خاص نوٽ:

ڪن محققن آمري تهذيب ۾ اناج جي فصلن بابت ٿوري گهڻي بي خبري ۽ اڻڄاڻائي جو اظهار ڪيو آهي. حقيقت ۾ انسان جو سڀ کان پهريون ۽ عظيم ڪارنامو زراعت آهي. ارادي سان ڪنهن قسم جا ٻج پوکڻ، زمين کي پاڻي ڏيئي ٻجن کي سکڻ کان بچائڻ ۽ فصل لڻڻ،اهي ڳڻ نئين پٿر واري انسان جي محنت ۽ هنرمندي جي وڪالت ڪن ٿا. ان سان گڏ لاباري لاءِ ذاتي جي ايجاد به هنري دنيا جو پهريون شاندار عمل سڏي سگهجيٿو. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار سال ق.م ۾ انسان ايجاد ڪيو جيتوڻيڪ پوکي ان کان به اڳي اچيتي. انسان زراعت ڍنڍن ۽ چشمن جي ڪنڌين تان شروع ڪئي ۽ پوءِ ميداني علائقن ۾ درياهن تي آباد ٿيو. سنڌ ۾ اهي قبيلا ۽ گروهه جيڪي منڇر ۽ ٻين ڍنڍن تان لڏي، هلي سنڌو، سنڌ ڍورو، ڪني، هاڪڙي، مانجهل ۽ ارل درياهن تي آباد ٿيا تن مان ڪن آهستي آهستي مڇي مارڻ ۽ ٻيڙيون ڪاهڻ جا ڌنڌا ترڪ ڪري فقط پوکي ۽ زراعت جو ڌنڌو اختيار ڪيو. اهڙي طرح انهن ماڻهن پاڻ کي مڇي يا فشنگ ڪلچر ۽ سوسائٽي مان ڪٽيو. ان عمل ۾ پورهي جي ورڇ واري اصول کي به دخل هو. جيڪو ڪوٽڏجي تهذيب واري دور ۾ اسانکي ملي ٿو.

وقت گذرڻ سان انهن گروهن پاڻ کي نون نالن سان سڏائڻ شروع ڪيو. مثال طور جيڪي نارن تي آباد ٿيا تن پاڻ کي ناريجو سڏايو ۽ جن جي گهرن ۾ ان پليون هيون تن پليجو سڏايو. اهڙي طرح و، ج+ و، ي+ و، ل ۽ ر اکر جن به گروهن جي نالن يا ذاتين پنيان ملن ٿا، انهن جو هاٿي ڌنڌو ڪيتي ۽ مال پالڻ وغيره آهي. مثال طور ”سهتو، سمو، گهلو،

وٽو راهو اوٺو ڇڄڙا، اوپو راهپوٽو ناريجو پليجو سميجو ڪوريجو راهوجو جويو جوکيو تيوٽيو تنيو ٻگهيو ساريو ٻوهيو جهتيال، سيال، ٻلال، ڇڇر، تڇر، مگر ٻبر، ڪٽپر، ڪيبر، ڪليار، سهڙ وغيره وغيره. مون هتي هڪ عام جائزو پيش ڪيو آهي. ان ۾ نياري حالتون (exceptions) يقين ٿي سگهن ٿيون.

ان ڪانسواءِ تاريخ جي ڪن ٻين دورن ۾ ٻ، کيرٿر جبل جي مٿاهين تان هيٺ لهي، ميداني علائقن ۾ ڪن قبيلن هميشہ لاءِ سڪونت اختيار ڪئي. زراعت ۽ مال پالڻ انهن قبيلن جابنيادي ڌنڌا هوا. انهن قبيلن جو ذڪر سڪندر اعظم جي ساٿي امير البحر نيرڪس ٻہ پنهنجي سفر نامي ۾ ڪيو آهي. انهن قبيلن جي نالن يا ذاتين پٺيان گهڻو ڪري 'ي' اکر اچيٿو مثال طور. جمالي، لغاري، مستوئي، لاشاري، ٻرگڙي، ٻجاراڻي، شاهاڻي، گاڏهي، ڪولاچي، وغيره وغيره. اهي قبيلا سنڌي ٻروچ آهن ۽ بلوچستان جي انهن خطن سان تعلق رکن ٿا جيڪي سنڌو تهذيب جي اثر واري دائري ۾ اچن ٿا. جهڙوڪ ڪڇي، ڪاڇو ڪوهستان، مڪران ۽ لس ٻيلو.

مٿي ذڪر ڪيل سڀ گروهہ يا قبيلا ۽ ذاتيون خالص سنڌي آهن ۽ سنڌو جي سر زمين جي اصل وارٿن سڏائڻ ۾ حق بجانب آهن.

رنگن ۽ سنڌ جي قبيلن جي ذاتين بابت مون جيڪي لکيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ذاتي مشاهدي ۽ سوچ سان تعلق رکي ٿو جنهن ڪري اهي منهنجا ذاتي رايا سمجهڻ گهرجن.



باب ڇهون

آمري ۽ ڪوٽڏجي جون تهذيبون ۽ سماج

اختصار

آمري ۽ ڪوٽڏجي جي قديم ماڳن مٿان مهين ـ هراپا وارن پنهنجون اڏاوتون اڏيون ۽ پڻ باقيات مٿان نوان تجربا ڪري، نوان اوزار ۽ هنر ايجاد ڪيا. ماهرن جو اهو چوڻ بہ گهڻي ڀاڱي صحيح آهي تہ عورتون وڏڙن جي ورثي کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان بچائي سانڍينديون آهن ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائينديون آهن. جنهن ڪري ماضي جا ڪي نہ ڪي نشان ۽ آثار ايندڙ وقتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. آمري تهذيب جا آثار ڪوٽ ڏجي مان ۽ آمري ۽ ڪوٽڏجي جا ٿورا گهڻا اهڃاڻ مهين تهذيب ۾ ملن ٿا. جن جي مدد سان آمري ۽ ڪوٽڏجي واريون تهذيبون وانڪيون ٿيون ۽ مهين هڙاپا تهذيب جي منڍ ۽ بنياد (Origin) بابت جيڪو مونجهارو هو سو ڪلي صاف ٿي پيو. ۽ سمير ـ فرات ـ دجلہ وارن مفروضن جا طلسم ٽٽي پيا.

مان سمجهان ٿو تہ آمري ۽ ڪوٽڏجي تهذيبي دور ۾ سنڌين سڀ کان وڌيڪ اهميت زراعت کي ڏني. ڪڻڪ، جَوَ، جوئر، ڪپهہ، ٻين تيلي ٻج، ڀاڄيون ۽ ميوا (ڪارڪون ـ انب وغيره) عام جام پوکيا ويندا هوا. آدم جي واڌ سان گڏ، ڪيتي، هنري، واپاري ۽ نيم ڌرمي ۽ نيم سياسي طبقا، پورهئي جي ورڇ سبب ۽ نيمن هيٺ اڀري ۽ اسري رهيا هوا. عوامي تنور ۽ شهر پناهون اڏيون وينديون هيون. عورت ڌرتي ماتا جو درجو ٿي رکيو. ڌرتي ماتا کي نسلن ۽ فصلن جي واڌ ۽ برڪت سبب ديوي جو درجو ۽ مان عطا ڪيو ويو. سڱن واري ديوي جا نشان برڪت لاءِ ٿانون تي چٽيا ويندا هوا. ان سماج ۾ ڪنهن بہ جابر حاڪم ۽ تنگ دل پروهت جو وجود نہ ٿو ملي.

سنڌي تهذيبي ماڳ

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي بہ بنيادي ۽ منڍ وارا تهذيبي ماڳ مليا آهن سي فقط ٻہ آهن. آمري، ڪوٽڏجي ۽ مُهَين (Mohen) جو دڙو. آمري وارو ماڳ سنڌو نديءَ جي الهندي ڪپ تي دادو ضلعي ۾ واقع آهي ۽ اٽڪل چار هزار سال ق ـ م پراڻو آهي. ڪوٽڏجي سنڌو جي اوڀر واري ڪپ تي خيرپور ضلعي ۾ آهي. هي ماڳ اٽڪل ٽي هزار پنج سو سال ق ـ م پراڻو ڪٿيو ويو آهي. مُهين جو دڙو بہ سنڌونديءَ جي اولهہ ڪپ تي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع آهي. هن ماڳ جا هيٺيان تہ اڃا پوري ڪوتائي ۾ ڪوجنا هيٺ اچي نہ سگهيا آهن. تنهن هوندي بہ ان تهذيبي ماڳ جي قدامت اٽڪل بہ هزار ست سو سال ق ـ م ڄڻي وڃي ٿي. ساڳئي وقت هڪ عجيب ڳالهہ يا اتفاق اهو آهي جو انهن ماڳن جا مٿيان تهذيبي تہ تہ سنڌو يا هراپا يا مُهَين تهذيب سان تعلق رکن ٿا مگر هيٺين تهن مان جيڪو نڪراٽو ۽ ٻيو تهذيبي ورثو مليو ٿو سو ڪوٽڏجي ۽ آمري سيپتائين وارو آهي. انڪري ڪامل يقين سان ڄڻي سگهجي ٿو تہ اهي سڀ ماڳ ۽ گهڻو ڪري ٻيا بہ سيئي ماڳ وري وري پيا آباد ٿيا آهن. جنهن مان انهن ماڳن جي بيهڪ، قدامت، اچڻ وڃڻ جي سهولت، زراعتي، هنري ۽ واپاري اهميت بہ ظاهر ٿئي ٿي. اهي ٽيئي ننڍا يا وڏا شهري سماج هوا جن کي آس پاس جي ڳوٺاڻن واري سماج زرعي ۽ هنري اپٽ سان پئي شاهوڪار ڪيو. اها ڳالهہ بہ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي تہ پهرين ٻن ماڳن تي اڃا وڌيڪ ۽ مڪمل تحقيق جي ضرورت آهي.

تهذيب

ساڳئي وقت تهذيب جي معنيٰ، مفهوم ۽ وضاحت پيش ڪرڻ بہ تمام اوکو ڪم آهي. تهذيب ڇا کي ٿو چئجي يا تهذيب ڇا آهي؟ ان سوال جو اطمينان بخش جواب هن مهل تائين ڪنهن بہ نہ ڏنو آهي جيتوڻيڪ ڪيترن ئي سجاڻ مفڪرن ان باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. مثال طور جين ايڊمس (Jane Addams) چويٿو تہ "تهذيب زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو ۽ سڀني انسانن سان هڪ جهڙي ٻنگ ۽ روش سان پيش اچڻ جو نالو آهي." رابرٽ ـ اي ـ مليڪن (Robert A. Millikan) جو قول آهي تہ "انسانن جي صاف سٿرين ۽ وڏندڙ گهرجن ۾ تهذيب سمايل آهي". وري ميٿيو آرنولڊ (Mathew Arnold) چوي ٿو تہ "پهريون ۽ سڀ کان اڳي ضروري وسيلو انسان جي تهذيب جو آهي واڌ. واڌ جي

ضرورت انسان جي اندر جي هڪ فطري جبلت آهي ۽ انسان جو آزادي لاءِ پيار بہ انسان جي اندر ۾ واڌ ويجهہ آڻ جبلت جي ڪري آهي". ول ڊيورنٽ (Will Durant) چويٿو تہ "تهذيب ضابطي ۽ ترتيب سان شروع ٿئي ٿي، آزاديءَ ۾ وڌي ٿي ۽ افراتفريءَ ۾ مري وڃي ٿي". (Bertrand Russell) برٽرنڊ رسل جو چوڻ آهي تہ "تهذيب ۾ هر ڪنهن نئين اوسر کي غيرفطري سڏيو ويو آهي''. هنرن، سائنس، فنون سان گڏ انساني قدرن، آرزوئن ۽ روح جي پاڪائي ۾ اضافي جو نالو تهذيب آهي.

جيڪڏهن مٿين قولن تي غور ڪبو تہ تهذيب جي معنيٰ قدري صاف ۽ چٽي سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ انسان جي نسل جي واڌ ۽ واڌ سان گڏ صاف، سٺرين، سهٽين ۽ ضروري گهرجن جي پورائي ۾ تهذيب سمايل آهي. ائين بہ چئي سگهجيٿو تہ تهذيب نالو اهي ماحول جي مفيد ۽ ڪار آمد عنصرن کي ماحول جي ناموافق ۽ ڪثافت خلاف استعمال ڪرڻ جي هنر جو. ساڳئي وقت سٽريل سماج انهن کي سڏيو ويو آهي جن رولو ۽ شڪاري گروهن وارين حدن مان لنگهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ مستقل رهائشي مسئلن کي حل ڪرڻ واري ماحول ۾ قدم رکيو. تهذيب انساني عمل جو نتيجو آهي جنهن سبب انسان پنهنجي هٿن ۽ پيرن جي حرڪت سان، پنهنجن ضرورتن ۽ وڌندڙ نسلن جي وڌندڙ گهرجن کي پورو ڪيو آهي. انسان جي هٿن ۽ پيرن جي حرڪت جو نالو هنر آهي، هر ڪنهن هنر ۾ انسان جي ذهن جي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين شموليت بہ اچي وڃي ٿي. سمجهہ جي واڌ تجربي ۽ مشاهدي جي محتاج آهي.

سماج

ساڳيءَ طرح سماج بابت آگسٽي ڪوميٽي (Auguste Comte) چويٿو تہ "ان جو ڪوبہ فڪر ۽ ڳڻتي نہ آهي تہ اسان ماضي ۾ ڪيترو پوئتي وڃونٿا. پر اسانکي ڪا هڪ بہ اهڙي نشاني يا هڪ بہ اهڃاڻ نہ ميلو آهي تہ انسان ڪنهن بہ دور ۾ اڪيلو رهيو هجي. انسان هميشہ گروهن ۽ قبيلن ۾ زندگي گذاري آهي. انسان پنهنجي شروعات سماج (Society) سان ڪئي آهي. انسان فرد واحد بابت نہ ڪڏهن سوچيو آهي نہ ان کي ڪا اهميت ڏني آهي. هيو مفڪر ڊوني (Donne) چويٿو تہ "ڪو بہ ماڻهو ٻيٽ مثل نہ آهي ۽ نڪي پاڻ ۽ پاڻ تائين محدود آهي. پر هرهڪ انسان هڪ کنڊ (continent) جو حصو ۽ ٽڪرو آهي ڪُل جو هڪ جزو آهي". اڳتي هلي هو وڌيڪ لکيٿو تہ " ڪنهن بہ هڪ ماڻهو جو موت، مونکي سسائي گهٽائي ڇڏيٿو ڇاڪاڻ تہ مان سموري انسان ذات ۾ شامل

آمري دڙو

هرڻ چاپيل گنديڙو (آمري)

كرنلجي دژ.

چاڏي مٿان چٽيل سڱن واري ديوي (ڪوٽڏجي).

۽ گڏيل آهيان". ارسطو جو قول آهي تہ "اهو ماڻهو جيڪو سماج ۾ رهي نہ ٿو سگهي سو يا تہ حيوان آهي يا ديوتا آهي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ رياست جو جزو يا حصو ٿي نہ ٿو سگهي." اهڙي طرح سماج جي معنيٰ ٿيندي گڏجي گهمڻ ۽ رهڻ، اپائڻ ۽ ناهڻ، سوچڻ ۽ ڪرڻ، ڪمائڻ ۽ ڪپائڻ، پچائڻ ۽ کائڻ، ڳولڻ ۽ ڳالهائڻ، ڳائڻ ۽ نچڻ، روئڻ ۽ کلڻ وغيره. اهي سڀ ڳالهيون سماجي زندگي سان ٻڌل،ان ۾ شامل ۽ سمايل آهن.

انسان گڏجي رهڻ لاءِ گهر، ڳوٺ ۽ شهر اڏيا، اپائڻ لاءِ پوک، پالڻ لاءِ گهرو جانور، ڪمائڻ لاءِ هنر ۽ واپار، پهرڻ لاءِ لباس ۽ زيور، خيالن جي اظهار لاءِ اشارا ۽ ٻوليون، ونڊر لاءِ رانديڪا، ناچ ۽ راڳ، ريجهائڻ لاءِ مورتيون ۽ پڇن، بچاءَ لاءِ اوزار، هٿيار ۽ شهر پناهون وغيره وغيره ايجاد ڪيا. انهن مٿين حقيقتن کي ذهن ۾ رکي، سنڌ جي منڍ ۽ بنياد وارن ٻن تهذيبي مرڪزن مان جيڪي باقيات حاصل ٿيون آهن، انهنجو هڪ سرسري خاڪو پيش ڪري رهيو آهيان ڇاڪاڻ تہ هن مهل تائين سنڌي ٻولي ۾ انهن با بت گهٽ يا بلڪل نہ برابر لکيو ويو آهي. ائين بہ چيو ويندو آهي تہ ماضي جي ڪنبرن مٿان مستقبل جون ماڙيون اڏيون وينديون آهن ۽ ماضي جي تجربن مان مستقبل پرائيندو آهي.

ماهرن جا رايا

قديم آثارن جا ماهر چون ٿا تہ آمري ۽ ڪوٽڏجي جي قديم ماڻن مٿان مُهين - هراپا وارن پنهنجون اڏاوتون اڏيون ۽ ٻين باقيات مٿان نوان تجربا ڪري نوان اوزار ۽ هنر ايجاد ڪيا. ساڳئي وقت انهن ماهرن جو اهو چوڻ بہ گهڻي ڀاڱي صحيح آهي تہ عورتون وڏڙن جي باقيات کي هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان بچائي سانڍينديون آهن ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو ذريعو ۽ وسيلو بہ عورتون آهن. جنهن ڪري ماضي جا ڪي نہ ڪي نشان ۽ آثار ايندڙ وقتن ۾ نظر ۾ ايندا آهن. انڪري آمري تهذيب جا آثار ڪوٽڏجي مان ۽ ڪوٽڏجي جا اهڃاڻ هڙاپا مان مليا آهن، جن جي مدد سان آمري ۽ ڪوٽڏجي جون قديم تهذيبون واڪيون ٿيون. گويا ڪافي وقت تائين مهين تهذيب جي منڍ ۽ بنياد (origin) بابت جيڪو مونجهارو هو سو ڪلي صاف ٿي ويو. وڏي ڳالهہ تہ جيڪو اهو مفروضو گهڙيو ويو هو تہ سنڌو تهذيب سمير (Sumer) تهذيب جو نقل ۽ فرات دجلہ (Tigris-Euphrates) ماٿري مان آيل تهذيب آهي، اهو مفروضو ۽ مفروضي وارو طلسم ٽٽي پيو. اڄ دنيا کي اهو يقين ٿي ويو آهي تہ سنڌو تُهذيب جو ٻڄ بنياد ڪاڇي - کير ٿر جا دامن- منڇر ۽ سنڌو ۽ سنڌو جون

پرتي ڪندڙ پيون نديون،انهن جا ڪپ ۽ ڪنارا آهن. جن ۾ هڪ ارتقائي تسلسل لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو رهيو آهي.

آمري

ڊاڪٽر فيئر سروس آمري جي دڙن کي مجمدر جي ڳولي لهڻ وارن ماڳن ۾ سيني کان وڌيڪ مشهور ماڳ سڏيو آهي. آمري جا دڙا انڊس هاءِ وي سان لڳ، آمري ڳوٺ جي بس اسٽاپ جي اوير ۾ واقع آهن. اهي دڙا سيوهڻ شهر کان ويهه ميل هيٺ ڏکڻ ۾ آهن. هن وقت اتي فقط ٻه دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جڏهن ته ٽين دڙي تي قبرستان ٺهي ويو آهي. اهو دڙو هاءِ وي سان لڳ اولهه ۾ آهي. انهن دڙن ۽ آمري ڳوٺ جو ذڪر برنيز (Burnes) پنهنجي ڪتاب 'سنڌو تي سفر' ۾ ڪيو آهي. هن اهو سفر نامو سن ١٨٣٤ع ۾ لکيو هو. هو لکيٿو ته "سيوهڻ کان هيٺ ارڙهن ميلن جي مفاصلي تي سنڌوندي جي ساڄي ڪپ تي آمري جو ڳوٺ آهي، جيڪو ڪنهن وقت هڪ وڏو شهر هو ۽ ان دور جي راجائن جو من پسند رهائشگاه هو. چيو وڃي ٿو ته ان شهر کي درياه پائي ويو. نئين ڳوٺ جي پرسان مٽي جو هڪ دڙو آهي جيڪو چاليهه فوٽ اوچو ٿيندو. ان دڙي متعلق ملڪي ماڻهو چون ٿا ته اتي هڪ راجا ڪجهه عرصو ترسيو هو جنهن حڪم ڪيو ته گهوڙن جي لڏ ميڙي ڪٺي ڪئي وڃي - اهو آهي آمري جو دڙو! دڙي جي پرسان ڪي مقبرا آهن جيڪي ڏسڻ ۾ نوان لڳن ٿا." هينري ڪزنس به انهن بابت لکيو آهي مگر هن صاحب ان بابت ڪا به خاص ڳالهه ڪانه لکي آهي. ليفٽيننٽ ڪرنل هالنڊ سنڌ جي رستن جي هڪ رپورٽ تيار ڪئي هئي. ان ۾ به آمري ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي آس پاس پوکن ۽ فصلن جو احوال ملي ٿو. شايد اهي مقبرا راشدي خاندان وارن جا آهن.

آمري جي دڙن جي پهريون ڀيرو کوٽائي اين- جي- مجمدر ١٩٢٩ع ۾ ڪئي. ان کانپوءِ فرانس جي ماهرن جي هڪ ٽيم ڪازل (Mons. Jean Marie Casal) جي رهنمائي ۾ سن ١٩٥٩ کان ١٩٦٢ تائين ڪئي. کوٽائيءَ دوران دڙن تي آبادي جا ٽي تهه نظر آيا. سڀ کان مٿيون تهه مسلم دور سان تعلق رکڻ وارو هو. هن تهه ۾ مٽي جي سرن جون پٽيون ٺهيل مليون،جيڪي ڏهه فوٽ ڊگهيون هيون. شهر سهڻي رٿا بندي سان اڏيل هو. اڏاوتن جي بنيادن ۾ پٿر ڪم آندو ويو هو. ڪٿي پڪل سرون به ڏسڻ ۾ آئيون. مٽي جي سرن جي هڪ ڪانس واري ڀت ڏسڻ ۾ آئي جيڪا ڏهه فوٽ ڊگهي هئي، جنهن جي مهاڙي پٿرن سان جڙي ويئي هئي. اها ڀت دفاع جي خيال کان ٺاهي ويئي هئي. ساڳئي وقت ٻوڏن کان

ٻہ بچاءُ ڪري ٿي سگهي.

ڏڙي جي آبادي واري ٿيءَ ته جو تعلق وري هڙاپا تهذيب جي پوئين دور سان آهي جيڪو اڍائي هزار سال ق- م تائين ڪٽيو ويو آهي. اهو ته جهڪر دور واري ٺڪراٺي سان پريو پيو هو. ٺڪر جا ٿانو بناوت ۾ ٿلها ۽ ڳرا هوا. رنگن جي لحاظ کان ٿانو گلابي ته سان رنگيل هوا جن مٿان ڪاري رنگ ۾ چٽ ڪڍيا ويا هوا. ٿانو چانهو ڏڙي جي مٿين ته وارن ٿانون سان مشابهت رکڻ وارا ٻہ هوا. ان ته جي هيٺان وسندي جو جيڪو ته ظاهر ٿيو سو بلڪل بالغ هڙاپا دور واري ٺڪراٺي جو هو. هن ته مان جيڪي ٿانو مليا سي پوري ۽ ڳاڙهي رنگن مٿان ڪاري رنگ جي چٽسالي وارا هوا. اڏاوتن ۾ جيڪي سرون ڪتب آنديون ويون هيون سي ٻہ بالغ هڙاپا دور وارين سرن جهڙيون هيون. هن ته جي کوٽائي مان هڪ نهائين (kiln) پڪين سرن جي آوي سميت ظاهر ٿي پئي. سرن جي ماپ ٻہ هڙاپا مهين جي سرن واري آهي. ٿانون تي جيڪي چٽ چٽيا ويا آهن انهن ۾ مڇي جا چلر، پپل جا پن، ڏڳو، سمهيل ۽ اڀيون لڪيرون وغيره اچي وڃن ٿيون. جڏهن تہ جهڪر ۽ چانهو جي چٽن ۾ سج، سورج مکي جا گل ۽ خانن وارا جاميٽري جا خاڪا اچي وڃن ٿا. هن ته مان مٽي مان ٺهيل ڪيڪ نما گول ٺڪرا، چوڙيون، چرخن جا مهرا، گليلا، چڏا، ڏڳي ڳاڏين جا بوتا ۽ مٽيا مليا آهن.

آمري ٺڪراٺو

سڀ کان هيٺيون ته زمين جي سطح سان مليل هو. اهو ته هڪ بلڪل نئين نويلي ٺڪراٺي سان ڀٽ لڳو پيو هو. ان نئين قسم جي ٺڪراٺي کي آمري تهذيب وارو ٺڪراٺو سڏيو ويو آهي. اهو ٺڪراٺو بناوت، رنگن، چٽسالي وغيره ۾ هڙاپا مهين تهذيب واري ٺڪراٺي کان مختلف آهي ۽ ٻنهي ٺڪراٺي جي قسمن ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي مشابهت ۽ نسبت نہ آهي. آمري تهذيب وارو ٺڪراٺوسنهو ۽ ڪاغذي آهي. ٺڪراٺي مٿان هلڪي پيلي يا ڪريم يا هلڪي گلابي رنگ ۾ ته يا استر چڙهيل آهي جنهن مٿان چٽسالي چاڪليٽي، يا ڪاري يا هلڪي ڳاڙهي يا پوري رنگ ۾ ڪئي ويئي آهي. چٽن ۾ جاميٽري جا خاڪا بلڪل پور وچوٽي ۽ ٻين ماپن ۾ ڪڍيا ويا آهن. ٿانو گهٽو ڪري ۽ گهٽي پاڳي چڪ تي چاڙهي گهڙيا ويا آهن. ٿانون جا پاسا يا پٽيون سنهيون، ٻگهيون ۽ اڀيون آهن، جنهن ڪري ٿانو ٻگها، ڪچهہ نہ ڪچهہ اونها ۽ ويڪري پيٽ وارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٿانو سڌن ڪلهن وارا ۽ ڳچين وٽ ڪنار (rim) ڪانسواءِ آهن. ٿانون ۾ مٽ، ڪوزا،

پيالا، صراحيون، رڪيبيون ۽ ڏنڊي سان ٿالهيون اڇي وڃن ٿيون. ٺڪراٺي مٿان ڪتي، ڍڳي، رڇ، سوئر، گڏهه، ٻڪري، هرڻ،ڪُمي وغيره وغيره جا چٽ چٽيل آهن. ٿانون تي ٻاهرين پاسي ڪنيارن جا مخصوص نشان ۽ مارڪا بہ صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٿانون تي جانورن جون چٽيل تصويرون، مٽي مان پڪل جانورن جون مورتيون جيڪي آمري تهذيب واري تهہ مان مليون آهن، تن انهيءَ ڳالهہ کي بلڪل رد ڪيو آهي تہ ڪو آمري تهذيب وارو دور مٽي مان ٺهيل مورتين ۽ جانورن جي چٽن کان خالي هو.

اها ڳالهہ بہ صاف ڏسڻ ۾ آئي آهي تہ ٿانون جي ٺاهڻ ۾ ارتقائي عمل کي واضح دخل آهي. ڇاڪاڻ تہ آمري دور واري تهہ ۾ بلڪل هيٺان جيڪو ٺڪراٺو مليو آهي، سو نہ تہ چڪ تي چڙهيل آهي ۽ نڪي سنهڙو ۽ چٽسالي وارو آهي. بلڪ کهرو ۽ اڻنگو ٿو لڳي. ساڳئي وقت وڏيل، ڊگهي، پٽن ۽ ليڪن واري پيٽ سان ڍڳي جي تصوير، نال- ڪلي تهذيب وارن ڍڳي جي چٽن کان انحراف ۽ اختلاف بہ ظاهر ڪري ٿي. جنهن مان آمري تهذيب جي جدا حيثيت ۽ خصوصيت مڃي سگهجي ٿي.

آمري تهذيب واري تهہ مان جيڪي ٻيون پراڻيون شيون مليون آهن انهن ۾ چقمق مان گهڙيل ڦر، چقمق جا ڳپ، مٽي مان پڪل چوڙين جا ٽڪرا، چٽن وارا مٽيا، جانورن جون مورتيون، ڪٽ يا ڪنجهي مان ٺهيل ڪرپيون وغيره شامل آهن. اهو ڏاتو بلڪل هيٺين تهہ مان بہ مليو آهي. ان کانسواءِ آمري تهہ مان رڍن، ٻڪرين،گڏهن ۽ هرڻن جا هڏا بہ مليا آهن.

آمري تهذيب واري تهہ مان جيڪي گهرن جون اڏاوتون ظاهر ٿيون آهن، انهن ۾ هيٺيون خصوصيتون آهن:-

١. آمري تهذيب وارا سنڌي ماڻهو زمين يا ترٽي مٿان نہ پر ڪڏن ۽ ڪوڻن مٿان رهڻ پسند ڪندا هوندا. ڪڏن ۽ ڪوڻن تي رڌ پچاءَ لاءِ ڪن چلهين جا نشان بہ مليا آهن. ان ڳالهہ جي تصديق هن ريت ٿي آهي تہ جڏهن گهر ڊهي پيا آهن تڏهن ڪڏن ۽ ڪوڻن تي رکيل مٽ، ڪوزا ۽ رڪيبيون زمين تي ڪري پڇي ٽڪر ٽڪر ٿي پيون آهن ۽ اهي ٽڪرا ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ هيٺ مٽي مليا آهن.

٢. گهرن جي هيٺان تہ خانا يا گدام ٺهيل هوا جن ۾ اناج، مال جو چارو، ٻارڻ جون ڪاٺيون وغيره رکيون وينديون هيون. تهخانن کي ڪي بہ در ۽ دريون نہ هيون. ماڻهو ڇتين تان هيٺ لهي ايندا ۽ مٿي چڙهي ويندا هوندا.

٣. اهي تهخانا يا گدام جهنگلي جانورن ۽ ٻين حملن کان بچاءُ لاءِ ٻه ڪم ايندا هوندا، پر ٻوڏن کان بچاءُ واري ڳالهه غير فطري ٿي لڳي. ٻوڏن ۾ خود گدام ٻه ڪري پوندا هوندا، درياهن جون ٻوڏيون معمولي ڳالهه نه سمجهڻ گهرجي. ٻوڏن ۾ ته پٿرن مان ٺهيل وڏا بند ٻه لڙهي ويندا آهن.

٤. ساڳئي طرح مان ان خيال ڪي ٻه صحيح سمجهڻ کان قاصر آهيان ته اهي تهخانا يا گهرن جي اڏاوتن ۾ ڪاٺ، پچر، ڇپريون، ٽوئا وغيره ان لاءِ استعمال ڪيا ويندا هوا ڇاڪاڻ ته اڏاوتون عارضي طور ۽ عارضي وقت لاءِ اڏيون ويندڻيون هيون. پر ان جي ابتڙ حقيقت هي آهي ته اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ٻهراڙين ۽ خود وڏن شهرن ۾ ٻه اڏاوتون ساڳئي اڏاوتي سامان سان ٺاهيون وينديون آهن. ڇاڪاڻ ته هڪ ته سنڌ جي آبهوا سان ان طرز جون جايون، ان اڏاوتي سامان سان ٺهيل، وڌيڪ مطابقت رکن ٿيون ۽ ٻيو ته اهو تعمير جو سامان وڌيڪ سستو ۽ سولائي سان ملي سگهي ٿو..

٥. وقت گذرڻ سان، انهن اڏاوتن ۾ تبديليون ٻه آنديون ويون هونديون ڇاڪاڻ ته آمري تهذيب واري ٿهه جي مٿين حصي ۾ ڪي اهڙا گهر ٻه ڏسڻ ۾ آيا آهن جن جا ڪمرا وڏا آهن ۽ ڪمرن جي وچ ۾ هڪ درجا نشان ٻه مليا آهن. ڪمرا گهڻو ڪري مستطيل شڪل ۾ مليا آهن.

٦. ڪن ڪوٺين جي پٽين ۾ ڪاٺ جا ٽڪرا ڪتل مليا آهن. اهي ڪتل ڪاٺ جا ٽڪرا ٻڌائين ٿا ته ان دور ۾ ٻه پڇٽين جو رواج هو جتي گهرو سامان رکندا هوندا.

٧. گهرن جون پٽيون مٽي جي سرن مان ٺهيل هيون ۽ اڏاوتون مستطيل شڪل واريون هيون. اهي گهر سخت برساتن ۽ وڏين ٻوڏن ۾ ڍهي پوندا هوندا پر ڪانگر هئڻ ڪري جاني نقصان تمام ٿورو ٿيندو هوندو. ڪن اڏاوتن جي پيڙهين ۾ پٿر ٻه ڪتب آندو ويو هو.

٨. ان ساڳئي قسم جون اڏاوتون (يعني تهخانن سان ڇتين تي رهڻ) منڇر ڍنڍ جي اتر اولهه ۾ واقع لوهري جي دڙي مان ٻه لڌيون ويون هيون. اهو دڙو آمري تهذيب سان تعلق رکڻ وارو مکيه ماڳ آهي.

مڙدن پورڻ جو رواج

آمري تهذيب واري ٿهه مان ڪنهن ٻه قسم جي قبر وغيره جا نشان نه مليا آهن. ڇني نه ٿو سگهجي ته آمري تهذيب جي ان ماڳ ۾ مڙدن

جي نيڪال جو کهڙو رواج ۽ بندوبست هو. پر سيوهڻ تعلقي ۾ پير آري جي چشمي وٽ (Dumb Buthi) ڏنب بٺي واقع آهي. ان بٺي جي ڏکڻ اولهہ ۾ مجمدر کي کوٽائي مان ڪن قبرن جا نشان مليا هوا. انهن قبرن ۾ انساني لاشن جي هڏن سان گڏ جيڪو ٺڪراٺو مليو هو اهو آمري تهذيب سان تعلق رکڻ وارو هو. ڪي قبرون اولهہ اوڀر هيون. ڪن قبرن جي شڪل وارين کوٽڙين مان مجمدر کي هڙاپا تهذيب سان تعلق رکڻ واري ڪا هڪ شي بہ نہ ملي ۽ سمورو ٺڪراٺو آمري تهذيب سان تعلق رکڻ وارو هو. جيتوڻيڪ ان ساڳئي بٺي جا اتر اوڀر وارا پاسا هراپا تهذيب جي ٺڪراٺي ۽ ٻين باقيات سان ڀريا پيا هوا. هن ٻٺي جي کوٽائي ۽ کوجنا مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ آمري تهذيب واري دور ۾ مڙدن کي پورڻ جو رواج هوندو؟

شهر پناه

ائين تہ آمري جي دڙن مان ڪنهن بہ قسم جي شهر پناهہ جا ڪي ڪنڊر ۽ آثار نہ مليا آهن پر آمري تهذيب سان لاڙ ۾ هڪ مشهور ماڳ منسوب ڪيل آهي جنهن جو نالو آهي ٿارو ٽڪري. ان ٽڪري تان ڪي اهڙيون باقيات بہ مليون آهن جن جو تعلق ماهرن آمري تهذيب سان ڳنڍيو آهي. انهن مان ڪن جو واسطو مئڪرولٽ (Microlith) دور سان آهي جنهن دور ۾ ننڍڙن پٿرن مان ننڍڙا اوزار ٺاهيا ويندا هوا. ڊاڪٽر فيئرسروس جي خيال موجب آمري تهذيب واري ان ماڳ کي پٿرن جي قطار يا ديوار سان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ڪارٽر (Mr. Carter) بہ ساڳئي قسم جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو صاحب تہ ان کي عجيب ديوار وارو نئين پٿر جو شهر ڪري لکي ٿو. ڪارٽر وارو بيان هينري ڪزنس بہ پنهنجي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو آهي. ان حساب سان تہ چئي سگهجي ٿو تہ ٿارو ٽڪري تي سنڌ جو قديم ترين ڪوٽ ٻڌل هوندو؟

حاصل مطلب

آمري جي دڙن واري تهذيب مان، اسانکي اسانجي سماجي زندگي بابت جيڪي ڪجهہ معلوم ٿيو،ان کي هيٺين نقطن ۾ سموئي سگهجي ٿو:-

١. گهرن ۾ هيٺان تهخانا ۽ گدام ٺهيل هوا ۽ ماڻهو مٿي ڪوٺن ۽ ڪڏن تي رهندا هوا. اڏاوتي سامان ۾ ڪاٺ جا لڪڙا، ڇپريون، ٽوڻا ۽ پڇر ڪم آڻيندا هوندا.

٢. ٿانون جي بناوت، رنگن جو امتزاج، جاميٽري جا خاڪا، آس پاس جي جانورن جون تصويرون ظاهر ڪن ٿيون تہ هن تهذيب جا ڏٽي،سلجهيل، خوش مزاج، نفاست ۽ نزاڪت پسند ۽ منظم طريقي سان گهرو ۽ سماجي زندگي گذارڻ وارا هوا. چٽ اکين کي ٺار بخشيندڙ ۽ تمام وڻندڙ آهن جن جي سونهن ۾ رنگن جي ميلاپ خاص اضافو ٿي ڪيو.

٣. ٻڪرين، رڍن ۽ هرڻن جا هڏا ٻڌائين ٿا تہ ان وقت جا سنڌي انهن جانورن جو گوشت ۽ کير واپرائيندا هوندا. ڍڳي کي وڏيڪ خيال سان پاليو ويندو هوندو ۽ فقط پوکي لاءِ يا باربرداري لاءِ استعمال ڪيو ويو هوندو.

٤. اناج ۾ ٻين جنسن سان گڏ جوئر بہ کاڌي ويندي هوندي، ڇاڪاڻ تہ آمري تهذيب سان تعلق رکڻ واري هڪ ماڳ ٽنبو رحيم خان (تعلقو جوهي) مان هڪ قبر جي کوٽائي مان هڪ اهڙي ٺڪري بہ ملي آهي جنهن تي جوئر جو سنگ پن سميت چٽيل آهي. آمري، ٽنبو رحيم وغيره جي آس پاس اڄ بہ جوئر جا فصل پلا ٿين ٿا ۽ ان وقت بہ ٿيندا هوندا.

٥. آمري دڙن جي کوٽائي مان هڪ درياه جو پيٽ بہ ظاهر ٿي پيو آهي. جيڪو منهنجي مطالعي موجب ارل درياه جو پيٽ ٿي سگهيٿو. آمري تهذيب جي وقت سنڌو درياهہ آمري جي اوپر ۾ ڪيترا ميل پري وهندو هو.درياهہ سڪندر اعظم جي وقت سيوهڻ شهر کان اوپر ۾ پنجاهہ ميلن کان بہ مٿي ۽ محمد بن قاسم جي ڪاهہ وقت ڇوڏنهن ميل پري وهندو هو.

٦. ٿانون تي ڪنيرن جا نشان يا مارڪا سلين ٿا تہ ان وقت بہ سنڌي ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي تصويري ٻولي ايجاد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوا جيڪا پوءِ مهين ۽ هراپا دور ۾ عروج تي پهتي.

٧. اهي مارڪا ٻڌائين ٿا تہ سنڌ جو واپار ڪن ٻين شهرن خاص ڪري ڪوٽ ڏجي وارن سان هلندو هوندو ۽ ٿانون جي سڃاڻپ مارڪن سان ڪندا هوندا.

٨. آمري تهذيب وارا سنڌي، ڌاتن خاص ڪري ڪنجهي کان واقف هوا ۽ انهن مان اوزار ٺاهيندا هوندا.

٩. آمري تهذيب وارا مڙدن کي ڪن ٿانون ٿپن سان گڏ پوريندا هوندا. باقي انهن جي عقيدن بابت ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي؟

١٠. آمري تهذيب وارا ڌارين جي حملن يا جهنگلي جانورن جي مال مارڻ کان بچاءِ لاءِ ڪي ساديون ۽ معمولي ديوارون يا لوڙها ڏيندا هوندا. باقي پڪن قلعن ۽ مضبوط ڪوٽن جو رواج ان وقت تائين عام طور مروج نہ ٿيو هوندو.ڊاڪٽر فيئر سروس جا ٿارو ٽڪري لاءِ هيٺيان جملا غور طلب آهن.
"At Tharro Hill the Amri settlement is marked by a line of stone wall intended to enclose a small settlement within which signs of habitation are numerous."
سنڪالياجي لکڻ موجب آمري دڙي جي تہ A1-ii ـ ۾ هڪ پٿر جي پٽ جا نشان ظاهر ٿيا آهن. آمري سماج بابت وڌيڪ احوال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

نوٽ

١. ڊاڪٽر احمد حسين داني جي راءِ ۾ ڪوٽڏجي، ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان قديم ترين قلعبند شهر هو.

٢. ڪوهتراش بٺي ڪوهستان علائقي ۾ آهي جنهن جو تعلق بہ آمري تهذيب سان چيو وڃي ٿو. ان ماڳ تي بٺي کي بہ شهر پناهہ نموني جون ديواريون ڏسڻ ۾ آيون آهن. مجمدر ان جي تصديق ڪئي آهي.

٣. آمري تهذيب ۾ ڪهڙي قسم جو اناج استعمال هيٺ هو يا بلڪل اناج ڪم نہ آندو ويو هو ان بابت مختلف رايا آهن. پر مان سمجهان ٿو تہ آمري تهذيب وارا زراعتي دور ۾ داخل ٿي ويا هوا. ڇاڪاڻ تہ زراعتي دور، ان کان گهڻو اڳي شروع ٿي ويو هو. ماڳ جو محل وقوع خود ان جي وڏي ثابتي آهي.

٤. جوهي تعلقي ۾ واهي پانڌي جي دڙي مان هڪ پيالي يا جمني جو ٽڪرو مليو آهي جيڪو آمري تهذيب واري ٽڪراٽي سان تعلق رکيتو. ان پيالي تي هيٺان پر ٻاهران هڪ ننڍي تير جو نشان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ اهو نشان ڪنير جو مارڪو هوندو. ان مان تيرن سان شڪار ڪرڻ جي ڳالهہ بہ ثابت ٿئي ٿي.

٥. ايچ ـ ڊي ـ سنڪاليا جي لکڻ موجب ڪن ٿانون کي هيٺان تري ۾ گول چوڙي بہ ڏني ويندي هئي تہ جئن ٿانو ليٽي يا ڪري نہ پون.

٦. آمري تهذيب جي هڪ وڏي خصوصيت اها بہ آهي تہ ان تهذيب وارا ماڳ، آمري جي دڙن سميت، وڏين ايراضين ۾ پکڙيل مليا آهن.

٧. ساڳئي وقت آمري تهذيب جي هڪ اها خصوصيت بہ رهي آهي تہ هي تهذيب تمام گهڻي عرصي تائين زنده رهي ۽ آهستي آهستي مهين هراپا تهذيب ۾ سمائجي ويئي. ان ڪري ئي آمري تهذيب کي ڪوٽڏجي ۽ مهين هراپا تهذيبن سان همعصر تهذيب سڏيو ويو آهي.

٨. ايچ - ڊي - سنڪاليا لکي ٿو تہ "آمري جي دڙن ۾ آمري تهذيب وارن تهن مان هڪ واهہ سان گڏ هڪ پٿ جا آثار بہ مليا آهن. اها پٿ پٿرن جي ٺهيل آهي" اها پٿ ڇا شهر پناهہ ٿي سگهي ٿي؟

٩. هو صاحب لکي ٿو تہ ٿانون تي جيڪي چٽ نڪتل آهن انهن مان ڪي چٽ سچ جهڙا بہ آهن.

١٠. ٻاهران واهہ ۽ ان جي اندرين طرف پٿ ثابت ڪن ٿا تہ سنڌ ۾ ان وقت کاهي (moat) ناهڻ جو رواج هو. کاهي جي واهہ کي ارل ندي جي پاڻي سان ڀريندا هوندا.

١١. بلڪل ساڳئي نموني جي کاهي سيوهڻ واري قلعي جي چوگرد اڄ بہ موجود آهي. ان کاهي کي بہ ارل ندي مان هڪ ننڍڙي واهي 'داديجي' وهائي ڀريو ويندو هو.

ڪوٽ ڏجي - ٣٥٠٠ ق م

آثار

سن ١٩٤٦ع جي ڳالهہ آهي جڏهن سر ويلر هراپا دڙن جي کوٽائي ۾ مشغول هو. هراپا جي کوٽائي مان سر ويلر کي شهر پناهہ جي ديوارن جي هيٺان هڪ نئين قسم جو ٺڪراٽو دستياب ٿيو، جنهن جو هراپا - مهين تهذيب سان ڪوبہ تعلق نہ هو. ان وقت اهو ٺڪراٽو انوکو ۽ ڌاريو پئي لڳو جنهن ڪري ان کي معمولي سمجهي ڪا اهميت نہ ڏني ويئي. مگر ١٩٤٦ع کان نو سال پوءِ سن ١٩٥٥ع ۾ ڊاڪٽر ايف - اي - خان خيرپور ضلعي ۾ هڪ مڪيہ ۽ قديم تهذيب جا آثار ڪوٽڏجي وٽ کوٽي ڪڍيا. اهي آثار خيرپور شهر کان ڏکڻ ۾ پندرنهن ميلن جي مفاصلي تي قومي رستي سان لڳ اولهہ ۾ واقع آهن. انهن آثارن ۽ شاهراه جي اوڀر ۾ هڪ متاهين ٽڪري تي وچين صدين واري دور جو هڪ شاندا قلعو بيٺو آهي. ڪوٽڏجي جا آثار هڪ ننڍڙي ايڪڙي ٽڪري مٿان بيٺل آهن. انهن

آثارن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون حصو ٽڪري مٿان ۽ ٻيو حصو ٽڪري جي اوپر ۾ لاهين تي واقع آهي. مٿيون حصو شهر پناهہ جي اندر اچي وڃيٿو ۽ هيٺيون حصو شهر پناهہ کان ٻاهر اڏيل آهي. ڊاڪٽر خان جي رائي مطابق مٿين ـ اندرين حصي ۾ سکر ماڻهو رهندا هوا ۽ هيٺين- ٻاهرين حصي ۾ پورهيت آباد هوا. مٿيون حصو ٻاهرين زمين جي سطح کان اٽڪل چاليهہ فوٽ اوچو آهي. اهو حصو اوپر کان اولهہ طرف ڇهہ سو فوٽ ڊگهو ۽ اتر کان ڏکڻ طرف چار سو فوٽ ويکرو آهي. ڊاڪٽر خان هن دڙي جي کوٽائي ١٩٥٥ع کان شروع ڪئي ۽ ١٩٥٧ع ۾ پوري ڪئي. ان کانپوءِ دڙي جي ترتيب سان وڌيڪ کوٽائي ۽ تحقيق نہ ڪئي ويئي آهي.

هراپا تهذيب جا نشان

ڊاڪٽر خان کي ڪوٽڏجي جي دڙي جي کوٽائي مان انساني آبادي ۽ تهذيب جا سورنهن تهہ مليا آهن. انهن مان مٿيان ٽي تهہ هراپا- مهين تهذيب وارا آهن. اهي ٽيئي تهہ مهين ـ هراپا تهذيب جي بلڪل بالغ ۽ تمام سٽريل دور سان تعلق رکڻ وارا آهن. اتان جيڪو ٺڪراٺو مليو آهي سو چڪ تي چڙهيل، پوري طرح پڪل ۽ اٽت يا بناوت ۾ ٿلهو ۽ ڳرو آهي. ان ٺڪراٺي جو رنگ چمڪندڙ، روشن، ۽ گهرو ڳاڙهو آهي، جنهن مٿان هراپا تهذيب وارا دستوري چٽ تمام صفائي سان، مڪمل اختياري سان ۽ ٻنان هيڪ ۽ ججهڪ جي، ڪاري رنگ ۾ چٽيا ويا آهن. چٽن ۾ پپل جا پن، مڇي جا چلر، سج جون ريکائون ۽ جاميٽري جا دستوري ۽ عام پينل چٽ ۽ خاڪا اچي وڃن ٿا. ٿانون ۾ ڏنڊي سان ٿالهيون يا رڪيبيون، پيالا، ڪوزا، آبخورا يا ڪپڙا، صراحيون، پاٽڙا، مٽڪا، دلا، ڪوپ، ٻسيون ٻڪٽيون ۽ چاڏيون شامل آهن.

هراپا تهذيب وارن تهن مان گهرو اڏاوتون بلڪل صاف ۽ چٽي نموني سان مليون آهن. اڏاوتن جي بنيادن ۾ پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. جائيون گهڻو ڪري پڪي ماڙ آهن. گهرن جا ڪمرا ڪشادا ۽ فرشبندي وارا آهن. ڀتيون ايائي- ٽي فوٽ ٿلهيون آهن، کوٽائي مهل بہ ڀتيون ٽي- چار فوٽ اوچيون سلامت بيٺيون هيون. گهر رٿابندي سان تعمير ڪيا ويا هوا پر شهر ۾ نالين يا گهرن ۾ داخل ٿيڻ جا دروازا ڏسڻ ۾ نہ آيا. گهرن جون ڇتيون، اڄ جي گهرن جي ڇتين وانگر سڌيون ۽ سنئيون (flat) هونديون ڇاڪاڻ تہ اونهاري ۾ ماڻهو ڇتين تي سمهندا هوندا. ڇتين جي اڏاوتن ۾ بہ ساڳيو سامان ڪاٺ جا پچر، لڪڙا، ڇپريون ۽ ٽوئا ڪم آڻيندا هوندا.

چتين کي مٽان مٽي جي گاري سان لنبي ڇڏيندا هوندا.

ڪوٽڏجي جي مٿين هڙاپا - مهين تهذيب وارن تهن مان جيڪي بيون باقيات مليون آهن انهن ۾ فقط هڪ مهر گينڊي جي شڪل واري، مٽي مان پڪل ٽي عورتن جون ۽ هڪ درجن ڍڳي جون مورتيون شامل آهن. ڏاتن ۾ هڪ سهٽي ۽ تکي ڏار واري ڪهاڙي، ٽيرن جا مٿا، چيٽيون، ڪٽ جون ڪي چوڙيون مليون آهن. جيڪو خاڪ، رڪ ۽ اگرن سان اٽيل تهہ مليو آهي ان ۾ مٽي مان پڪل ڪيڪ نما ٽڪرا بہ لڌا ويا آهن. باقي هڙاپا مهين تهذيب سان تعلق رکڻ واريون مهرون، جانورن ۽ انسان جي شڪل واريون مورتيون وغيره وغيره ڪو نہ مليون آهن.

ڪوٽڏجي تهذيب

ڪوٽڏجي جي تهذيبي تهن ۽ هڙاپا مهين تهذيب وارين مٿين تهن جي وچ ۾ ڊاڪٽر خان کي، کوٽائي مان هڪ اهڙو تهہ بلڪ ٿلهو تهہ ڏسڻ ۾ آيو جيڪو رڳو رک، خاڪ ۽ اگرن سان ڍڪيو پيو هو. ڊاڪٽر خان لکيتو تہ ”تهہ ٽيئن - اي (3-A) کان هيٺ کوٽائي مان ظاهر ٿيو تہ تهذيبي سلسلي ۾ هڪ قسم جي رنڊڪ، بيهڪ يا ناغو اچي ويو. چوٿين تهہ مٿان سموري ماڳ ۾ هڪ ٿلهو تهہ مليو، جيڪو خاڪ، رک ۽ اگرن سان ستيو پيو هو. ان رک ۽ اگرن جي ڍيرن هيٺان تهذيب جا بيا تهہ لکيا پيا هوا. ڏسڻ مان جيڪا ثابتي ملي، ان مان اهو ظاهر پي ٿيو تہ ڪوٽڏجي جي پوئين ۽ آخري آبادي مٿان باهہ غلبو ڪيو هو ۽ اها باهہ نون آيلن يعني هڙاپا مهين تهذيب وارن ڏني هئي، جن جون باقيات مٿين تهن مان مليون هيون ۽ انهن باقيات شڪ ۽ گمان لاءِ ڪا بہ جڳهہ نہ ڇڏي هئي.

ڊاڪٽر خان جي مٿين لکت، منهنجي ذهن ۾ ڪيترا ئي سوال پيدا ڪيا آهن. مثال جي طور: -

١. ڇا واقعي باهہ هڙاپا مهين تهذيب وارن ڏني هئي؟

٢. باهہ ڏيئي سڀ ڪجهہ ساڙڻ ۽ تباهہ ڪرڻ جا ڪهڙا سبب هوا؟

٣. ان سڙيل تهذيب جي رک ۽ اگرن جي ڍيرن مٿان، نئين سر آباد ٿيڻ لاءِ، هڙاپا وارن کي ڪهڙي ضرورت هئي؟

٤. ڇا هڙاپا تهذيب وارا باهہ کان اڳي ئي اتي آباد ٿيا هوا يا نہ؟

۵. ٻاهه هڪ اتفاقي حادثو ٿي سهگهي ٿي يا نه؟

مٿين سوالن جي جوابن حاصل ڪرڻ لاءِ، مون سرويلر جو ڪتاب ’دي انڊس سوليزيشن‘، ڊاڪٽر احمد حسين داني جو ڪتابڙو ’انڊس سوليزيشن نيو پرسپيڪٽوز‘، ڊي - پي اگراول جو ڪتاب ’دي آرڪالاجي آف انڊيا‘ ۽ ڊاڪٽر رفيق مغل جو مقالو ’پريزنٽ اسٽيٽ آف ريسرچ آن انڊس ويلي سوليزيشن‘ جو مطالعو ڪيو. ان مطالعي ۽ ذاتي مشاهدي جي روشني ۾ مون انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر خان جي قابليت ۽ ذهانت جو مان هميشه قائل ۽ ثناگو رهيو آهيان.

پهرين ٽن سوالن بابت ڊاڪٽر خان صاحب ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به محقق ٻاهه ڏيئي ساڙڻ واري تهمت ۽ سببن جو ذڪر نه ڪيو آهي، نه ڪي ڪنهن شڪ ۽ گمان جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر داني، گوملا ۽ ڪوٽڏجي تهذيبن جي پڄاڻي بابت ٿورو گهڻو شڪ جو اظهار ڪيو آهي ته اهي ڪنهن وڏي ٻاهه جي پنيٽ سبب سڙي تباهه ٿي ويا.

سوال چوٿين جو جواب هن ريت ڏيئي سگهجيٿو ته ٻاهه واري حادثي ۽ تباهي کان اڳي ئي هڙاپا ۽ ڪوٽڏجي وارن جا هڪ ٻئي سان تعلقات هوا. ڪوٽڏجي جي دڙي جي تهه تئين اي ۾ ٻنهي تهذيبن جي باقيات گڏ سڏ مليون آهن. ان رايي جي تصديق اگراول ۽ فيئر سروس به ڪئي آهي. اگراول هڪ قدم اڃا وڌيڪ اڳتي وڌي لکيتو ته هڙاپا ڪلچر ۽ هڙاپا ڪلچر کان اڳ وارن تهذيبن جو ميل ميلاپ ڳوٺاڻن سماجن ۾ اڳيئي هو. (ڏسو اگراول صفحا ١٣٠ءِ ١٨٧ ۽ فيئر سروس صفحو ١٨٣)

سوال پنجين جي جواب ۾ ڊاڪٽر فيئر سروس اهو قبول ڪري ٿو ته ٻاهه اتفاقي لڳي هوندي جنهن جو سبب ترتي جو ڏيڻ به ٿي سگهيٿو. مان سمجهان ٿو ٻاهه جو سبب سخت هوائون ۽ جهولا ٿي سگهن ٿا. سنڌ ۾ جڏهن اونهاري جي مند ۾ جهولا شروع ٿيندا آهن تڏهن گهرن جا گهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ سڙي رک ۽ اڱر ٿي ويندا آهن. ٻئي مال اسباب سان گڏ چوپايو مال ۽ انساني جانيون به ٻاهه جو ٻڪُ ٿي وينديون آهن. ٻاهه ڏينهن جا ڏينهن پئي دکندي آهي ۽ اندران ئي اندران شين کي ساڙي رک ۽ اڱر ڪري ڇڏيندي آهي. ڪوٽڏجي ۾ ٻاهه به اتفاقي طور لڳي هوندي. ان کان سواءِ سنڌين جي تمام پراڻي بلڪ صدين کان وٺي اها خصلت رهي آهي ته ٻوڏ ۽ ٻاهه ڪانپوءِ، ساڳين ماڳن تي، نئين سر، پنهنجون نيون اڏاوتون جهوپا ۽ جهوپڙيون، چونئرا ۽ لانديون اڏايندا آيا آهن ۽ سندن اهو عمل اڃا تائين

جاري آهي.

اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته ڪوٽڏجي سان گڏ آمري، غازي شاهه، واهي پانڌي ۽ ٻين هنڌن تي به هراپا وارا پهتا هوا. پر اتي انهن باهه ڏيئي اڳين تهذيبن کي ساڙي رک ۽ اگر ڪرڻ جي ڪٿي به ۽ ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي. هراپا وارا خود هن ترتي سان تعلق رکڻ وارا هوا ۽ ارتقائي عمل سبب نقل مڪاني ڪري ميداني علائقن ۾ اچي آباد ٿيا. ڪيترا اهڙا ماڳ به مليا آهن جتي ٻنهي تهذيبن وارن جون گڏ گڏ باقيات مليون آهن جهڙوڪ سيوهڻ تعلقي ۾ ڏنب بڻي ۽ جوهي تعلقي ۾ راجوديرو ۽ واهي پانڌي. انهن ماڳن تي ڪن طرفن ۾ هراپا وارن جا ۽ ڪن پاسن ۾ ڪوٽڏجي ۽ آمري وارن جا آثار ۽ اهڃاڻ مليا آهن. اهي حقيقتون اگروال جي بيان جي تصديق ڪن ٿيون. ان ڪانسواءِ هراپا مهين تهذيب ۽ سماج وارا منظم، سترپل، هنر مند، واپاري ۽ امن پسند شهري هوا. باهيون ڏيئي، تباهي برپا ڪرڻ ڦورو، لٽيرن، انسان ۽ سماج دشمن قوتن جو عمل پي رهيو آهي ۽ اهي مستقل طور ڪٿي به آباد نه ٿيندا آهن ۽ نه هوندا آهن. جڏهن ته هراپا وارن جون سموري سنڌ بلڪ ڏکڻ ايشيا ۾ وسنديون ۽ آباديون مليون آهن ۽ انهن جي تهذيب جو دائرو، ان وقت جي سيني تهذيبن کان گهڻو وڏو ويڪرو ۽ گهرو هو.

شهر پناهه ۽ گهرو اڏاوتون

چوٿين ته کان وٺي هيٺ سورنهين ته تائين ڪوٽڏجي جي تهذيب جا نرالا ۽ خالص ته مليا آهن. انهن تهن مان جيڪا سڀ کان وڌيڪ مکيه ۽ اهم ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ باقيات حاصل ٿي آهي، سا آهي شهر پناهه. شهر پناهه جي ديوار چن جي پٿرن جي بنيادن سان ٽڪري جي مٿان اڏي ويئي آهي. ديوارم مٿي جون ٿهيل ڪچيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. سرون سهٽيون ۽ ٻولائيتون آهن. هر هڪ سر ماپ ۾ پندرنهن انچ ڊگهي، ساڍا ست انچ موڪري ۽ ساڍائي انچ ٿلهي آهي. ديوار ٻن مرحلن ۾ تيار ڪئي ويئي آهي. پهرين مرحلي ۾ ديوار موڪر ۾ ڇهن فوٽن کان به گهٽ هئي. ٻئي مرحلي ۾ ديوار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ، وڌيڪ ويڪرو ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح ديوار اٽڪل ڏهن کان تيرهن فوٽن جي موڪر واري ٿي ويئي. ديوار کي اڃا به وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ، ديوار سان لڳ ايڏائي فوٽن جو پشتو ڏنو ويو آهي جيڪو پٿرن جو ٺهيل آهي. ديوار جي ٻاهرين پاسي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪي مارا يا برج اڏيا ويا آهن. هر هڪ برج پور وچوٽي تي بيٺل آهي. اتر اوير واري ڪنڊ تي جيڪو برج صحيح حالت

۾ مليو آهي سو ٻٽيهہ فوٽ ڊگهو ۽ ويهہ فوٽ موڪر ۾ آهي. ڪوٽائي مان ديوار جي آترين حصي کي صاف ڪيو ويو آهي. اتي، ديوار ڪوٽائي مهل ٻہ سادا پنج فوٽ اوچي بيٺي هئي.ديوار اٽڪل ٻارنهن- چوڏهن فوٽ اوچي آهي ۽ سادن اٺن ڊگرين تي اندرين پاسي نميل آهي. ديوار جي اڏاوت ۾ ڏهن فوٽن تائين پٿر ۽ مٽي ٻہ- چار فوٽ ڪچيون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. ديوار جو اتر وارو حصو جيڪو صاف ڪيو ويو آهي سو هڪ سو اٺ فوٽ ڊگهو آهي. پر ديوار جون اولهہ ۽ ڏکڻ واريون ٻانهيون ڪافي ضربيل آهن. ديوار ٽڪري مٿان اڏيل آهي جنهن ڪري مٿيون ٽڪري وارو شهر ان ديوار جي اندر اچي وڃيٿو. اهو ٽڪرائتو زمين جو ٽڪرو اتر کان ڏکڻ ۾ اٽڪل سادا ست سو فوٽ ۽ اوير کان اولهہ ۾ پنج سو چاليهہ فوٽ ٿيندو. ان ۾ لاهيون ٻہ اچي وڃن ٿيون.

ڪوٽڏجي وارا پنهنجون گهرو اڏاوتون ٻہ ساڳئي نموني سان ڪندا هوا. بنياد ۾ چن جو اڻ گهڙيل پٿر استعمال ڪندا هوا ۽ ان جي مٿان ڪچين سرن جا ڪجهہ بار ڏيئي، پٽين کي لنبي چڏيندا هوندا. ڇتين ۾ ٻہ ڪاٺ، لڪڙا، ڇپريون ۽ ٽوئا ڪتب آڻيندا هوندا. گهرن جون پٽيون ٿلهيون ٺاهيندا هوا جيئن موسمي اثرات کان حفاظت ۾ رهن. ڪيترين پٽين جي ٿولهہ پنج فوٽ ٻہ ماپي وئي آهي. جايون رٿابندي سان اڏيون وينديون هيون مگر پوءِ آدم جي وڌڻ ۽ شهري پئنچات جي بي اثر ٿيڻ سان، رٿا بندي ٽٽي پيئي ۽ ماڻهن پنهنجي مرضي ۽ سهولت مطابق اڏاوتون شروع ڪيون، ايتري قدر جو شهر پناهہ جي ديوارن مٿان ٻہ گهرو اڏاوتن جا آثار ۽ نشان مليا آهن. شهر پناهہ کان ٻاهر، گهرو اڏاوتون ٻڌائين ٿيون تہ ڪوٽڏجي جو معاشرو روز بروز وڌندو ٿي ويو.

تندور ۽ نهائين

ڪوٽڏجي واري تهذيبي تهہ مان، ڪن گهرن ۾ وڏا تندور ٻہ مليا آهن. ٿي سگهيٿو تہ ڪوٽڏجي تهذيب وارن، شهر ۽ سماج ۾ پورهئي جي ورڇ جي اصول پٽاندر اهي عوامي تندور ايجاد ڪيا هجن. يا وقت بچائڻ، گهرو هنرن ۽ عورتن جي سماجي حيثيت کي ذهن ۾ رکي انهن عوامي تندورن جو رواج شروع ڪيو هجي. ائين ٻہ ممڪن آهي تہ جن گهرن ۾ اهي تندور مليا آهن سي گهر ڪنهن قسم جي مهمانسرائين (inns) جو ڪاج پورو ڪندا هجن. ڪوٽڏجي جي هيٺين تهہ مان هڪ نهائين جا ڪنبر ٻہ مليا آهن جنهن سان آوي جا نشان ٻہ گڏ ملن ٿا. آوي يا ڀٺي زمين جي سطح کان سادا ٽي فوٽ مٿي آهي ۽ سني تڪ ۽ رٿا بندي سان ٺاهي وئي

آهي. تنور جي پرسان هڪ وڏي گنري (tub) بہ ملي آهي.

ٺڪراٺو

چوٿين تہ ڪان وٺي هيٺ سورنهين تہ تائين ڪوٽڏجي تهذيب جو ٺڪراٺو مليٿو. ان ٺڪراٺي جون هيٺيون خصوصيتون آهن.

١. ٺڪراٺو سنهڙو ۽ سهٺو آهي جنهن ڪري ٿانو بہ جسم ۾ سهٺا ۽ سنهڙا مليا آهن.

٢. ٿانو ڳچين وٽ سنهڙا ۽ ٺورو ٻاهرتي نڪتل ڪنارين وارا آهن.

٣. ٿانو چڪ تي چاڙهي گهڙيا ويا آهن.

۴. مٽي کي سٺي نموني ڳوهي، ملائم ڪري، پوءِ ان مان ٿانو گهڙيا ويا آهن.

۵. ٿانون کي ڳچين وٽ ٿلهو پٽو، ڳاڙهي، يا پوري، يا تيز ڪاري يا ڀوڙهي پوري رنگ ۾ چٽيو ويو آهي جڏهن تہ ٿانون جو مٿاڇرو يا مٿيون استر يا زمين گهڻو ڪري ڪريم يا معمولي ڳاڙهي يا هلڪي گلابي رنگ واري آهي. پٽو هڪ ڪان چئن انچن تائين ٿلهو آهي.

٦. ٿانون ٺاهڻ وارو فن بہ ارتقائي مرحلن مان گذريو ٿو پائنجي. شروع ۾ ٿانو اٺت يا بناوت ۾ سنهڙا، وينڍ گولائتا ۽ گهٽي پاڳي ڪنارين ۽ ڳچين ڪانسوءِ ڪليل منهن وارا هوا. چٽن ۾ ٿانون کي منهن وٽ فقط هڪ پٽو چٽيل هو. ان ڪانپوءِ ڳچيون ۽ ڪناريون وڌيڪ اهميت واريون ٿينديون ويون ۽ انهن سان گڏ چٽسالي ۾ فرق آيو. سمهيل ۽ لهرن جي شڪل ۾ لڪيرون، اڪيليون سرڪٽيون، چڪريون ۽ سادا ٽڪندا چٽيا ويا. جيڪي پوءِ وقت گذرڻ سان وڌندا، منجهندا ۽ مرڪب ٿيندا ويا. اهڙي طرح سرڪٽين مڇي جي چلرن جي صورت اختيار ڪئي ۽ چڪرين هڪ ٻئي کي ڇهندڙ يا ڪپيندڙ گولن ۾ بدلايو. ساڳئي طرح گول سڱن واري ديوي جي شڪل ٺهي پيئي، جيڪا حقيقت ۾ ذاتي مشاهدي جو نتيجو بہ ٿي سگهي ٿي. مينهن ۽ ڳئن جا سڱ گهڻو ڪري گول ۽ گولائي وارا ٿي ٿيندا آهن، نڪي سدا ۽ ايا.

ديوي

ديوي جا سڱ، سورج مکي جي گل جي ڇهن پنکڙين کي گهيرو

ڪيو ويندو آهي جن تي سفيد رنگ جا نشان ڪيا ويا آهن. ديوي جون اکيون ڪارن ٽبڪن سان ظاهر ڪيون ويون آهن. جنهن ٿانو تي ان ديوي جي تصوير چٽي وئي آهي، ان کي چاڙهي سڏيو وڃيٿو. چاڙهي فقط ڏڌ ولوڙڻ لاءِ ڪم ايندي آهي ۽ مالوندن جو هڪ مکيه ٿانو آهي. چاڙهي مٿان سگن سوڍي ديوي جي شڪل، اصل ۾ گهٽي ڪين، ڏڌ ۽ مکڻ جي علامت آهي. ان چٽ کي نسل جي واڌاري واري ديوي جو درجو به ڏنئي سگهجي ٿو. وقت گذرڻ سان، انسان جو شعور وڌيڪ پختو ٿئي ٿو. شعور سان گڏ عقيدن ۾ به ڦيرو اچيٿو. هر ڪنهن سماج انهن تبديلين کي محسوس ڪيو آهي ۽ قبول به ڪيو آهي. اڄ ديوي جي جاءِ تعويذن ۽ تائتن ورتي آهي. مگر بنيادي جذبو، خيال ۽ فڪر ساڳيوئي آهي يعني 'واڌ ۽ گهٽائي'. ان ديوي جي تصوير، ڪوٽڏجي وارن ماڻهن جي عقيدن جي به عڪاسي ڪري ٿي. ساڳي ديوي جي تصوير واريون اهڙيون چاڙهيون، گوملا ۽ برزهوم جي کوٽاين مان به لڌيون ويون آهن. برزهوم سرينگر کان پندرنهن ميل پري اتر-اوڀر ۾ واقع آهي ۽ گوملا بلوچستان مان وهندڙ نئن گومل ۽ سنڌو جي سنگم ديري اسماعيل وٽ.

جاميٽري جي خاڪن ۾ به وڏي مهارت کان ڪم ورتو ويو آهي. خاڪا ۽ پٽا نهرا ۽ گهرا آهن پر ليڪن ۽ لڪيرن اندر خالن ۽ خاڪن کي ورلي ڀريو ويو آهي. ان ڪانسوءِ خاڪا يا چٽ ضرورت کان وڌيڪ نه ڪيا ويا آهن ۽ نه وري هڪ ٻئي مٿان مڙهيا يا سٽيا ويا آهن جيتوڻيڪ پوئين دور ۾ ڪجهه مڙوئي ائين ڪيو ويو آهي. مجموعي طور چٽن ۾ جاذبيت، نزاڪت، مهارت ۽ سادگي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ٿانو شڪل ۽ ٻول ۾ پورا پنا. تراڪڙا، گولائتا، ننڍين سهڻين ڪنارين ۽ ڪنين وارا آهن. ٻگها، سڌن پاسن وارا ۽ گول ٿانو به مليا آهن. ٿانون ۾ جمنيون، پيالا، ڪُپڙا، تراڪڙيون رڪيبيون، پاٽيون، پاڻڙا، ڪوزا، منڪا، ڍڪڻ ۽ ڍڪڻيون به مليون آهن. ٿانو آمري جي ٿانون وانگر سنها ۽ هلڪا آهن جڏهن ته هراپا مهين وارا ٿانو ٿلها ۽ ڳورا آهن. ٿانو گٽن ۽ انگن جي لحاظ کان وڻندڙ ۽ گهڻا آهن. ڊاڪٽر مغل جي چوڻ موجب هن تهذيب جي تهن مان ٻاويهن قسمن جا ٿانو مليا آهن. ڏنڊي واريون ٿالهيون يا رڪيبيون هتان به مليون آهن پر ڏنڊو اندران پورو آهي ۽ ڳچيون اڀيون ۽ ڪڙيون اٿن. ڪي گول گهڙا منجيون به مليون آهن.

ٻيون شيون

ڪوٽڏجي جي تهن مان جيڪي ٻيون پراچين وستو مليون آهن تن ۾ ٻہ نواڻ ۽ شاهوڪاري بکي پيئي. ساڳئي وقت ڪاريگري ۽ هنرمندي جي ساک ٻہ پرين ٿيون. اهي خوبيون پٿرن مان ٺهيل شين ۾ صاف ۽ چٽيون ملن ٿيون جهڙوڪ ننڍا ڦر، تڪا، ٻڳها ۽ سنهڙا ڦر (چاڪون) پن جي شڪل وانگر تيرن جا مٿا، ڏاٽا، گليلا، جنڊن جا پُڙ. مٽي مان پڪل ڊڳي جي منڊي، چوڙيون، مٽيا، نباتون ۽ ڪيڪ نما ٽڪرا وغيره. هڏن ۽ سپن مان گهڙيل چرخيون ٻہ مليون آهن. ڪٽ مان ٺهيل هڪ اڻپوري چوڙي ٻہ ملي آهي. ڊاڪٽر فيئرسروس جي خيال موجب ڪوٽڏجي مان حاصل ٿيل باقيات، هراپا وارن جي مقابلي ۾ وڌيڪ نفيس پر تعداد ۾ تمام گهٽ آهن.

سماجي زندگي

. ڪوٽڏجي تهذيب جي تهن مان جيڪي باقيات حاصل ٿيون آهن، انهن مان مکيہ آهن شهر پناهہ ۽ گهرو اڏاوتون، ٺڪراڻو عوامي تنور يا تندور، ديوي جي تصوير سان چاڏي، پن جي شڪل وارو پٿر جو ٺهيل تير جو مٿو، ڊڳي جي منڊي ۽ سڱن وارو هرڻ. انهن پراچين وستن جي اپياس مان ڪوٽڏجي وارن جي سماجي زندگي تي ڪافي ڪجهہ روشني پوي ٿي. شهر پناهہ مان اهو مطلب ڪڍي سگهجي ٿو تہ شهر قلعبند هو ۽ شهرين کي ڪن ڌارين جي حملن جو خوف رهندو هوندو. جنهن ڪري شهر پناهہ کي وڌيڪ کان وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو هو. شهر پناهہ جا برج يا مارا مستطيل شڪل ۾ ٺهيل هوا. شهري آبادي پهرين دور ۾ فقط قلعي جي اندر رهندي هئي. وقت گذرڻ سان آبادي ۽ صنعتن جي مرڪزن ۾ اضافو ٿيو ۽ ماڻهو شهر پناهہ کان ٻاهر ٻہ گهر ٺهرائي رهڻ لڳا. نئين آبادي قلعي جي اوڀر ۾ قائم ٿي جنهن حقيقت ۾ منهنجي ان راءِ کي هٿي ڏني آهي تہ سنڌ ۾ شهر ۽ ڳوٺ اوڀر ۽ ڏکڻ طرفن ڏانهن وڌندا آهن. پٿر تمام گهٽو ۽ سولائي سان حاصل ٿي سگهيو ٿي، انڪري ان جو استعمال تمام گهٽي انداز ۾ ڪيو ٿي ويو. سربند سئيون ۽ مناسب ماپن واريون سرون گهڙيندا هوا. سرن جي پچائڻ جي شايد ضرورت نہ هين يا ان فن کان ناواقف هوا. ماڻهو ڪڏن جي مقابلي ۾ زمين تي رهڻ پسند ڪندا هوا. جايون ٻہ ماڙ ۽ پڇٽين واريون نہ هونديون.

ٺڪراڻو تمام گهٽي تعداد ۽ مختلف شڪلين ۾ تيار ڪيو ويندو هو. ٺڪراڻو وڌيڪ سنهو ۽ سهٽو انڪري پچايو ويندو هو جئن سولائي

سان. گھڻ وزن هڻڻ ڪري، ٻين هنڌن ۾ ماڻهن ڏانهن وڪري ۾ شين جي مٽا سٽا لاءِ اماڻي سگهجي. مال برداري لاءِ ڍڳو استعمال ۾ آڻيندا هوندا. مٽي مان پڪل ڍڳي جي منڊي ملي آهي. ڍڳو زراعت واري دور سان تعلق رکيتو. اسان وٽ اڄ تائين ٻه هر، نار، ڳاهه، پخال ۽ گاڏي، ڍڳي جي وجود سان ئي ٻڌل آهن.

عوامي تنور ثابت ڪن ٿا ته شهرين کي ڪم جي ورهاست جي ڄاڻ هئي. انڪري هڪ ٻئي جو هٿ ونڊائيندا هوندا. سماج ۾ عورتن کي عزت حاصل هئي ۽ انهن کي ٻانهيون نه سمجهيو ويندو هوندو. ساڳئي وقت اهي عوامي وڏا تندور اهو به تاثر ڏين ٿا ته شهر ۾ ٻاهريان ماڻهو وڻج واپار جي خيال کان گهڻي تعداد ۾ ايندا هوندا جنهن ڪري تندورن وارا گهر، هڪ قسم جون سرائيون ۽ هوٽلون به ٿي، ڪم ايندا هوندا.

چاڏي جو وجود ثابت ٿو ڪري ته شهري ڪير، ڏڌ ۽ مکڻ واپرائيندا هوندا. ڪيتي سان گڏ مال به پاليندا هوا. مال ۾ رزق ۾ برڪت ۽ واڌ جي لاءِ هڪ سڱن واري ديوي جي خيالي تصوير. چاڏي تي چٽي ويئي ۽ ڇاڪاڻ ته ڳئون ۽ مينهيون گهڻي کير ڏيڻ وارا گهرو جانور آهن ۽ انهن جا سڱ گولائي تي وريل آهن، تنهنڪري ديوي کي گولائي تي وريل سڱن سوڌو چٽيو ويو آهي. ٻي ڳالهه ته مال جا سڱ گولائي تي وريل ضرور هوندا آهن پر پاڻ ۾ ملي هڪ گول نه ٺاهيندا آهن. تنهنڪري ديوي جي سڱن کي پاڻ ۾ ملائڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويئي آهي. سڱن جي وچ ۾ سورج مکي جي گل جون ڇهه پنکڙيون چٽيون ويون آهن. سورج مکي يا ان قسم جو ڪو ٻيو گل جهنگ ۾ عام جام ايرندو هوندو جيڪو مال چاهه سان کائيندو هوندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مال جي سڱن ۾ به ڦاسي پوندو هوندو.

سورج مکي جو گل موهن پاڻ لاتعداد پٿرن تي اڪريل ڏٺو آهي. ان اڪر وارا پٿر سنڌونديءَ جي اولهه ڪناري تي واقع . هر ڪنهن پراڻي قبرستان ۾، ڪنهن نه ڪنهن تعداد ۾ ضرور ملن ٿا. ان ڪانسوءِ ڪيترن قبرستانن ۾ موهن، سواستيڪا جون تصويرون ۽ انهن سان گڏ سج (Sun- Disk) جون ساڪن ۽ متحرڪ تصويرون به ڏٺيون آهن ۽ گهڻو ڪري سج، سواستيڪا ۽ سورج مکي جي گل جون تصويرون ساڳين قبرستانن ۾ به اڪريل ڏٺيون آهن.

سورج مکي جو گل ۽ ديوي ڪوٽڏجي تهذيب وارن ماڻهن جي عقيدن جون نشانيون ۽ علامتون آهن. ڊاڪٽر داني جو رايو آهي ته هن

تهذيب وارا عام ماڻهو ڪن وڻن جي پوڄا ڪندا هوا جن جي سڃاڻپ ڪن ديوين سان ڪندا هوندا. اهو به ممڪن آهي ته ڪن جانورن جي پوڄا به ڪندا هوندا جن ۾ ڍڳي کي خاص اهميت هوندي.ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان مٽي جي پڪل هڪ ڍڳي جي منڊي حاصل ٿي آهي. اها مورتي هڪ سهڻي مهانڊي، ٿلهي ڀوٽاڙي، وڏين گول اکين ۽ ننڍين نوڪدار سڱن واري ڍڳي جي ٿي سگهي ٿي. ان قسم جي ڍڳي واري مورتي بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪنهن به ٻئي قديم ماڳ جي کوٽائي مان نه ملي آهي. ساڳئي وقت چاڏي تي چٽيل ديوي جي تصوير، ترتي ماتا جي علامتي نشاني به ٿي سگهي ٿي. ترتي ماتا (Mother goddess) زرخيزي، آبادي ۽ نسلن جي واڌ جي ديوي سمجهي ويندي هئي ۽ جنهن جي چوگرد ٻيا عقيدا پيدا ڪيا ويندا هوا. ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان مٽي جي پڪل ٻي ڪا مورتي نه ملي آهي، ان ڪري ڊاڪٽر داني جو انومان آهي ته چٽيل ديوي جي اها تصوير ترتي ماتا جي مورتي جو بدل ٿي سگهي ٿي.

کاڌ خوراڪ جي باري ۾ چئي سگهجيٿو ته هن تهذيب سان تعلق رکڻ وارا ماڻهو ڪڻ، ڏڌ، مکڻ، ڪٽڪ، جَوَ، جوئر ۽ ٻين قسمن جو اناج اوپرائيندا هوندا. ان کانسواءِ مڇي ۽ گهرو پاليل جانورن جو گوشت به کائيندا هوندا. تيرن جا مٿا ثابت ڪن ٿا ته ماڻهو شڪار جا شوقين هوا ۽ گهڻن سڱن وارا هرڻ يا ڦاڙها شڪار ڪندا هوندا ۽ انهن جو گوشت سڀ کان وڌيڪ دلپسند غذا هوندين. کوٽائي مان گهڻن سڱن وارن ڦاڙهن جون منڊيون لڌيون ويون آهن. سنڪاليا موجب ميوا ۽ ڀاڄيون به کائيندا هوندا.

کيتي، پوکي، مال چارڻ ۽ پالڻ، شڪار ڪرڻ ۽ واپار سانگي گهمڻ ۽ سفر ڪرڻ، ڪوٽڏجي جي ماڻهن جا محبوب مشغلا هوندا. مڇي مارڻ، پٽر گهڙڻ، سرون وجهڻ ۽ ٿانون ٺاهڻ ۾ خاص مهارت رکندا هوندا. سماج ۾ وڏڙن جي ڪنهن پنچات جو وجود به محسوس ٿئي ٿو. شهر جو بچاءُ، گهٽين ۽ جاين جي اڏاوتن جي رٿا بندي، واپارين ۽ مسافرن لاءِ واپار ۽ سفر جون سهوليتون پيدا ڪرڻ، ڏيتي لِيتيءَ کي ڪن نيمن هيٺ هلائڻ ۽ ان قسم جون، ٻيون سماجي ڳالهيون انهن جي فرضن ۾ شامل هونديون. يقين سان چئي نه ٿو سگهجي ته معاشرو ڪن طبقن ۾ ورهايل هو. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر خان جو خيال آهي ته قلعي اندر سکر ماڻهو رهندا هوندا ۽ قلعي کان ٻاهر پورهيت رهندا هوا. پر ڊاڪٽر مغل ان ڳالهه جي مخالفت ڪري ٿو. آدم جي واڌ کان پوءِ، ماڻهو قلعي کان ٻاهر رهڻ تي مجبور ٿيا هوندا. مطلب ته ڪوٽڏجيءَ جو معاشرو ڪنهن حد تائين فلاحي هوندو ۽ شهري قانون جو احترام ڪندڙ، محنتي هاري ۽ پورهيت ۽ سلجهيل

واپاري هوندا.

آمري ۽ ڪوٽڏجي

پيش رو تهذيبون ۽ سماج

ائين چوڻ بلڪل مناسب ۽ صحيح ٿيندو ته آمري ۽ ڪوٽڏجي تهذيب ۽ سماج جا ماڻهو مهين هراپا تهذيب ۽ سماج وارن ماڻهن جا پيشرو هوا. آمري ڪوٽڏجي وارن ماڻهن جي تخليقي قوتن ۽ صلاحيتن جنهن تهذيب ۽ سماج جي آبياري ڪئي، ان جو پورو ۽ پڪل ڦل موهين هراپا تهذيب وارن کي نصيب ٿيو. ان سلسلي ۾ هيٺيان دليل پيش ڪري سگهجن ٿا:

١. اڏاوتن ۾ مٽي جي ڪچين سرن جو استعمال. (آمري)

٢. ڪمرن جي مستطيل شڪل ۾ ۽ گدامن يا تهه خانن جي چورس شڪل ۾ تعمير. (آمري).

٣. ٻه ماڙ جايون ٺاهي، ڇتين مٿان رهڻ. (آمري)

٤. گهرن جي اڏاوتن ۽ ڇتين ۾ ڪاٺ، پڇر، ڇپريون، ٽوئا ۽ لئو استعمال ڪرڻ. (آمري - ڪوٽڏجي)

٥. تهخانا يا گدام ٺاهڻ ۽ پڇنڊن جو رواج. (آمري)

٦. ڪهرن، ٿلهن، هٿ سان ٺهيل ٿانون کي پوء چڪ تي چاڙهي سنهڙو، هلڪڙو ۽ سهڻو گهڙڻ ۾ ارتقائي عمل جو دخل.

٧. جانورن جو شڪليون (ڪتو - توهي سان ڍڳو وغيره) ۽ جاميٽري جا خاڪا ٿانون تي چٽڻ. (آمري)

٨. مٽي مان جانورن جون مورتيون ٺاهڻ. (آمري - ڪوٽڏجي)

٩. ٿانون تي ڪنيرن جا نشان ۽ مارڪا هڻڻ. (آمري)

١٠. ڌاتن ۾ ٽامي ۽ ڪٽ يا بنگار (bronze) جو استعمال. (آمري)

١١. ماڳن کي وڏيڪ ڪليل، هوادار ۽ گهٽي ايراضي ۾ پکيڙي آباد

رکڻ. (آمري)

١٢. رتا بندي سان گھرن ۽ گھٽين جون اڏاوتون ڪرڻ (ڪوٽڏجي)

١٣. ماحول جي مطالعي ۽ مشاهدي جي اثر هيٺ مڇي جي ڇلرن جا چٽ، سمهيل ۽ لهرن وانگر لڪيرون، هڪ ٻئي کي ڇهندڙ ۽ ڪپيندڙ گول، پپل جا پن ۽ پاٽي جي گاهن جا ايا خاڪا وغيره چٽن . (ڪوٽڏجي)

١٤. ٻاويهن قسمن جا نفيس ۽ سهڻا ٿانو گهڙڻ. (ڪوٽڏجي)

١٥. ٺڪرائي ۾ مٽي مان پڪل چوڙيون، مٽيا، گليلا، چٽا، ڏڳي جي سهڻي منڍي ۽ ڪيڪ جي شڪل ۾ مٽي جا ٺڪرا - ڏنڊي سان رکيبيون. (ڪوٽڏجي)

١٦. پٿر مان، وڍ ٽڪ ۽ شڪار لاءِ ڇُپ، ڦر يا سنهڙا ڊگها چاکو. ڀالن جا مٿا ۽ پن جي شڪل ۾ گهڙيل سهڻا ۽ تکا تيرن جا مٿا. (ڪوٽڏجي)

انهن مٿين دليلن ڪانسوءِ هيٺيون چار ڳالهيون يا چار نقطا اهميت جي لحاظ کان وڌيڪ اهم ۽ ضرورت جي خيال کان تمام ضروري آهن. اهي آهن شهر پناهون، چشمن تي مارا، گبربند، مکيه گهر يا اڏاوتون.انهن مان هر هڪ تي الڳ الڳ مگر مختصر بحث ڪيو اٿم.

شهر پناهون

ڊاڪٽر ايف - اي خان، ڊاڪٽر اي - ايچ - داني ۽ ڪي ٻيا محقق ۽ قديم آثارن جا ماهر ان رايي جا آهن ته شهر پناهن جي اڏاوتن جي سموري ساک ۽ مجرائي فقط ڪوٽڏجي جي تهذيب سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن جي ڪاتي ۾ وجڻ گهرجي چاڪاڻ ته شهر پناهن جا خالق اهي ماڻهو هوا. ٻئي طرف ڊاڪٽر فيئر سروس، مسٽر ڪارٽر ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته شهر پناهه جو تصور، ڪوٽڏجي وارن کان به اول موجود هو. ڊاڪٽر فيئر سروس لکيتو ته "نارو ٺڪري وٽ آمري تهذيب واري ماڳ جي چوگرد هڪ پٿرن جي قطار نظر اچي ٿي. اها ننيڙي پٿرن جي پٽ. ان ننيڙي آبادي کي ٻاهران بند ڪرڻ جي خيال کان اڏي ويئي هئي. ان پٽ جي اندر آبادي جون ڪيترين ئي نشانيون يا آثار ملن ٿا. اين - جي مجمدر به ان ٺڪري جو معائنو ڪيو هو. هن کي اتان جيڪو ٺڪراٺو مليو سو آمري تهذيب

واري نڪراڻي سان مشابهت رکندڙ هو. مجمدر پٿرن جي ان قطار کي ڪا خاص اهميت نہ ٿو ڏئي. ان جي مقابلي ۾ هو وري متي جي ڍڳ ۽ ڍڳڻ کي اهميت ڏيندي انهن جي ڪوتائي جو ذڪر ڪري ٿو جن مان بہ هن کي آمري تهذيب وارو ڪجهہ نڪراڻو مليو هو. پٿرن جا ڪنبر مون پاڻ ڏٺا آهن.

باران نئن جي ماٿري ۾ ڪوهتراش بٺي کي چوطرف هڪ ٻئي پٺيان بہ شهر پناهون اڏيل آهن. بٺي ڪافي متي اوچي آهي ۽ ٽڪري بلڪل اپڪري جنهنڪري ان ۾ داخل ٿيڻ جو فقط هڪ لنگهہ ڏکڻ طرف کان آهي. ان ڪانسواءِ هن ڏي اچڻ جا جبلن مان جيڪي لنگهہ آهن انهن لنگهن کي گهڙيل پٿرن سان بند ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ بہ سبب چئي سگهجن ٿا. "پهريون دفاع ۽ ٻيو پاڻي جو ذخيرو." عام طور محققن انهن ٻنهي سببن مان ڪنهن هڪ کي بہ رد نہ ڪيو آهي. اين ـ جي مجمدرجي لکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ بٺي جو تعلق آمري تهذيب وارن سان آهي جڏهن ڊاڪٽر لوئيس فليم لکيو تہ بٺي جو تعلق ڪوٽڏجي تهذيب سان آهي. جيتوڻيڪ نڪراڻو ٻنهي تهذيبن سان تعلق رکڻ وارو مليو.

چشمن متان مورچا

مون ذاتي طور ڳاجي شاهہ جي واهي جو، گورانڊي جو، نئنگ جو، ڪائي جو، ڊنب ٻٺي وٽ پيرآري جو، چورلي جو، ڏلهہ جو، ٻنڌڙي جا، پوکڻ جو چشمو ۽ ڊيڊ، ۽ ڪرچات جو چشمو ڏٺو آهي. انهن مان غازي شاهہ، نئنگ، ڪائي ۽ ڊنب ٻٺي جي چشمن ٻرسان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جا دفاعي مارا يا مورچا بہ ڏٺا آهن. شايد تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ بہ اهڙي دور وانگر پاڻي تان تڪرار ۽ خونريزيون ٿينديون هونديون. انڪري انهن چشمن متان قابض رهڻ، ان وقت جي گروهن ۽ قبيلن لاءِ هڪ لازمي امر هوندو. ڇاڪاڻ تہ انهن پهاڙي ۽ جابلو علائقن ۾ مستقل پاڻي جو ذريعو فقط اهي چشما هوا ۽ آهن. کيتي، چوپائي مال ۽ خود انساني زندگي جو دارو مدار انهن چشمن جي پاڻي تي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن جابلو علائقن ۾ جتي پاڻي جا چشما آهن. انهن ماڳن تي تاريخ کان اڳ واري دور جون تهذيبون جميون. اسريون ۽ انهن جا آثار ڪنبرن جي صورت ۾ مليا آهن. انهن دفاعي مورچن کي منڍ واريون پناهہ گهرڙيون سڏڻ مناسب ٿيندو. انهن دفاعي گهرڙين جو وڏو، سٺو ۽ وڌيڪ مضبوط نقل شهر پناهون ۽ انهن ۾ اڏيل وڏا، ويڪرا مورچا ۽ مارا آهن. لئمبرڪ بہ اهڙن مورچن ۽ مارن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن چشمن مان گورانڊي، نئنگ، ڪائي، پوکڻ ۽ چورلو وٽ خالص آمري تهذيب جا آثار

ملبا آهن جڏهن تہ گاجي شاهہ، ٻنب بني، ٻنڌڙي ۽ ڏلهہ وٽ آمري ۽ مهين تهذيبن جا ۽ ڪرچات وٽ مهين هڙاپا تهذيب جا آثار مليا آهن. انهن مارن ۽ مورچن جون عمريون، انهن تهذيبي ماڳن جي عمرين سان ڪٿي سگهجن ٿيون ۽ اهو بہ بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪم از ڪم انهن پناهہ گهرڙين جي شروعات آمري تهذيب واري دور سان ٿي ٿي هوندي. انهن جي قدامت جو ڪاٿو ان رسم يعني خون جي قرباني جي رسم جي ادائگي سان بہ ڪري سگهجي ٿو. انهن چشمن مٿان اها رسم اڄ بہ لا شعوري طور ٿي، سادگي سان پوري ڪئي ويندي آهي. ڪن رسمن ۾ تہ مان پاڻ بہ شريڪ ٿيو آهيان.

گبر بند

مون پير غازي جي ماڙي ۾ پير جي مقبري واري ٽڪري سان لڳ ڏکڻ ۾ مٽي ۽ پٿرن جو اڏيل هڪ بند ڏٺو آهي، جيڪو پيرگاجي جي واهي جي وهڪري ۽ پاڻي جي وهڄ لاءِ اڏيو ويو هو. ان بند جو ڪجهہ حصو لڙهي ويو آهي. ساڳي طرح نکي ٻنڌي سان لڳ سپيسر جي ڍوري مٿان هڪ تمام وڏو شاهي بند واقع آهي ۽ بندن جي تعمير جي فن جو هڪ شاهڪار يادگار آهي. هن گبر بند کي پاڻي جي تيز وهڪري واري جاءِ وٽ اندران ۽ ٻاهران پٿرن جا ست پشتا ڏنا ويا آهن. ٿيون اجا بہ وڌيڪ ڏگهو، ويڪرو ۽ اوچو بند ٻنڌڙي ماڙي ۾ تعمير ٿيل آهي. هن بند جي ساخت بہ عجب ۾ وجهندڙ آهي. مختلف ماپن جا ڪانچا ٺاهي انهن ۾ مٽي ۽ پٿر ڀري ٻنڌ يا بند ٺاهيو ويو آهي. ڪانچن ۾ ٽري ڪان وٺي چوٽي تائين پٿرن سان (stone pitching) ڪئي ويئي آهي، هن وقت ڪيترائي ڪنچا لڙهي ويا آهن.

پير گاجي (ماڙي ڪڙ) وٽ آمري ۽ مهين هراپا تهذيبن جا آثار مليا آهن. جڏهن تہ نڪوبٺي خالص مهين هراپا تهذيب وارو ماڳ آهي. ٻنڌڙي مهين آمري تهذيب واري دور سان تعلق رکي ٿي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ شايد آمري تهذيب واري دور کان ئي وٺي، انهن گبر بندن جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي هئي. ان ئٽين پٿر جي دور وارن سنڌين، جبلن جي لنگهن وٽ پاڻي کي روڪي، جمع ڪري، ضرورت جي وقت ۽ ضرورت مطابق وهائي پوکي ۽ آبادي ڪئي هوندي. انهن گبر بندن جو تعلق، لازمي طور جابلو تهذيبن سان ئي هوندو. ميداني تهذيبي مرڪزن ۾ ... پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ تيار نہ ڪيا ويندا آهن. ڪير ٿر، پب، ڇپر، ڪڏي، ... هاڙهي جبلن جي ماڙين ۾ ان قسم جا بند گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

مٿيون ۽ هيٺيون شهر

King's Citadels and Acro-sanctum

سنڌ ۾ صدين کان وٺي سنڌي ڳوٺن ۽ ننڍڙن شهرن بابت ڪي خاص خصوصيتون ڏسڻ ۾ آيون آهن جن جو ذڪر ڪرڻ هڪ لازمي امر سمجهانٿو.

١. جڏهن بہ ڪنهن ڳوٺ کي باهہ ساڙي برباد ڪيو آهي يا ٻوڏ ٻوڙي تباهہ ڪيو آهي تہ ڳوٺاڻا وقتي طور لڏي وڃي ڀر پاسي ۾ انڌيون منڌيون جهوپڙيون ۽ ڪک ٺاهي، وهندا آهن. ۽ ان آفت ۽ مصيبت جي ٽري وڃڻ ڪانپوءِ لڏي ساڳين ماڳن تي نئين سر نئيون اڏاوتون ٺاهي، آرام ۽ سڪون سان ويهي رهندا آهن. ۽ دستوري طرح ڪيتي، هنر ۽ واپار کي لڳي ويندا آهن. درياهن جي ڪنڌين ۽ ڪپرن سان اهو عمل تہ هر ڪنهن چوٿين پنجين سال پيو ورجائجي سواءِ ان صورت جي، جو درياهہ، ڦاٽ، ڍورو، سر يا ڪڙيو هميشہ لاءِ رخ بدلائي يا سڪي وڃي.

٢. جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ ذات يا قبيلي وارن کان وڌيڪ ذاتين ۽قبيلن وارا رهن ٿا تہ پوءِ انهن جي وچ ۾ گهٽو ڪري ٿوري گهڻي اٿبٺ ۽ چڪتاڻ جو رهڻ هڪ سياويڪ عمل سمجهڻ گهرجي. پر جڏهن اها چڪتاڻ دائمي طور خون خرابي ۽ رتوڇاڻ تي پهچندي آهي تہ پوءِ ڪمزور ذات يا قبيلي وارا لڏي، ڪجهہ پريرو وڃي، پنهنجو نئون ڳوٺ ٻڌي رهندا آهن. پر صدين جي عادت ۽ وڏڙن جي اثر سبب ا، نئين ڳوٺ جو نالو بہ ساڳيو رکندا آهن مثال طور نئون ديرو ۽ پراڻو ديرو، نوان هالہ ۽ پراڻا هالہ وغيره وغيره.

ڪن حالتن ۾ شهرن ۾ آدم جي واڌ سبب، پراڻي شهر سان لڳ، نئيون آباديون ۽ وسنديون ٺهنديون آهن. ان حالت ۾ بہ ان نئين وسندي کي پراڻي نالي سان ئي سڏيو ويندو آهي ۽ فقط 'نئون' لفظ اضافي طور ان جي اڳيان ڳنڍيو ويندو آهي. اهو هڪ فطري ۽ سياويڪ انساني عمل آهي جيڪو اڄ تائين هلندو اچيٿو. سنڌ بلڪ دنيا جي هڪ مشهور، معروف ۽ مصروف شهر ۽ بندر ڪراچي جي اتر اوڀر ۾ جيڪي نئيون وسنديون آباد ٿيون آهن، انهن کي نئين يا نيو ڪراچي جي نالي سان سڏيو وڃيٿو. نئين شڪارپور، نئون سکر وغيره مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. آمريڪا ۾، شايد، دنيا جي مصروف ترين بندر نيويارڪ (Newyork) جي پرسان اولڊ يارڪ، ۽ نيوجرسي رياست جي ويجهڙائي ۾ اولڊ جرسي رياست جو

وجود بہ ٿي سگهي ٿو.

٣. ائين بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ پهرين ڳوٺ يا شهر ڪنهن مٿاهين ٽڪري، دڙي يا پٽ مٿان آباد ٿيو مگر پوءِ وقت گذرڻ سان شهر جي آدم ۾ ڪافي واڌ ٿي جنهنڪري ان مٿاهين جي هيٺان نوان گهر، حويليون، پاڙا بلڪ بازاريون بہ ٺهيون تہ پوءِ مٿاهين تي ٻڌل شهر کي 'مٿيون شهر' ۽ هيٺائين تي ٻڌل شهر کي 'هيٺيون شهر' سڏيو ويو آهي.دادو ضلعي جي جوهي تعلقي ۾ مٿين ڊگهہ ۽ هيٺين ڊگهہ، ساڳئي ڳوٺ جي ٻن حصن جا نالا آهن. سيوهڻ شهر ۾ هڪڙا هندو گهراڻا شهر جي ٺوڙي مٿين حصي ۾ رهندا هوا ۽ ٻيا گهراڻا شهر جي ڏکڻ ۾ هيٺين حصي ۾ رهندا هوا. وچان برسات جو پاڻي وهندو هو. جنهنڪري مٿاهين تي رهندڙ گهراڻن کي مٿيان نئن وارا ۽ هيٺائين ۾ رهڻ وارن کي هيٺيان نئن وارا سڏيندا هوا. مٿيون شهر يا ڳوٺ يا بازار ۽ هيٺيون ڳوٺ، يا شهر يا بازار، سنڌي عام محاورا آهن.

پر تاريخ کان اڳ واري دور ۾ شهر گهڻو ڪري ٽڪرين اجا بہ ايڪڙين ٽڪرين مٿان اڏيا ويندا هوا. انهن مان ڪن شهرن جي چوگرد بچاءَ خاطر شهرپناهون بہ اڏيون وينديون هيون. پر پوءِ آدم جي واڌ سبب ٽڪرين جي لاهين ۽ هيٺان هموار زمين مٿان بہ ڪي واڌو وسنديون پاڻ مراديون يا ڪنهن رٿا سان اڏيون ويون. ان حالت ۾ مٿي ٽڪري تي آباد شهر پناهہ جي اندرين حصي کي قلعي بند شهر (Citadel) سڏيو ويو. قديم آثارن جي ماهرن بہ ساڳيو لفظ استعمال ڪيو آهي. سنڌي ٻولي ۾ ان جو متبادل ۽ ساڳئي معني وارو لفظ مٿيون شهر يا مٿيون قلعبند شهر ٿي سگهيٿو. ڪوٽڏجي ۾ ٽڪري تي ٻڌل شهر لاءِ ساڳيو لفظ ڪتب آندو ويو آهي ۽ ٽڪري جي اوپر ۾ لاهين ۽ هموار زمين تي ٻڌل شهر لاءِ هيٺيون شهر (lower town) استعمال ٿيو آهي. ساڳئي طرح مهين جي دڙي ۾ بہ اسٽوپا ۽ ان جي آس پاس واري حصي کي سٽڊيل (citadel) ۽ باقي حصي کي هيٺيون شهر يا لوئر ٽائون جي اصطلاحي لفظن ۾لکيو ويو آهي.

ڪن محققن جو خيال بلڪ پڪو اعتقاد آهي تہ ڪوٽڏجي ۽ ڪوهتراش وارن قديم ماڳن ۾ مٿي ٽڪرين جي چوٽين تي شهر پناهہ جي اندر جيڪي ماڻهو رهندا هوندا سي سکر بلڪ وڏيڪ سگهر ماڻهو هوندا. جيڪي شهر جي رٿا بندي، وڻج واپار، هنر ۽ پوکي، ڏيتي ليتي ۽ ٻين سماجي ۽ پنگتي ڪمن ڪانسواءِ ڪنهن عقيدي جي ڪريا ڪرمن ۾ بہ حصو وٺندا هوندا ۽ شايد هيٺين شهر ۾ رهڻ وارن هنري پورهيتن، پوکي

ڪرڻ وارن هارين ۽ ٻين ڪي ٻ عقيدي جي انهن رسمن ۾ شريڪ ڪندا هوندا. انڪري مٿين شهر لاءِ ڊاڪٽر لوئس فليم انگريزي لفظ 'اڪرو- سئنڪٽم' (Acro- Sanctum) گهڙيو آهي، جيڪو معني ۽ مفهوم جي لحاظ کان صحيح لڳي ٿو. ايچ-ٽي-لئبرڪ وري ٽونگ، ڊنب ٻني، لڪمير جي ماڙي (ٽئنگ)، ڪائي ۽ لنڊي، وغيره ٻيئن جي چوٽين تي رهڻ وارين جاين کي هيڊڪوارٽس (Head Quarters) ڪري لکيو آهي جتان انهن ٻنين جو سڀ ڪنهن قسم جو انتظام هلايو ويندو هو. انهن ٻنين جو تعلق گهٽي ياڳي آمري تهذيب واري دور سان آهي. لئمبرڪ وڌيڪ لکي ٿو ته اهي ٻنيون هٿرادو طريقي سان مخروطي شڪل ۾ بهاريون ويون آهن جن جي چوٽين تي حاڪمن يا مکيہ سکر ماڻهن جا محل اڏيل هوا. لئمبرڪ انهن لاءِ ٻيو لفظ محلاتي ڪوٽ (Palace Citadels) استعمال ڪيو آهي. انهن محلاتي شهرن يا ڪوٽن هيٺان منشي، چوبدار، چوڪيدار، سئس ۽ ٻين خادمن جا گهرڙا اڏيل هوا.

ڊاڪٽر لئمبرڪ ۽ ڊاڪٽر لوئس فليم سان اتفاق ڪندي چوندس ته مٿي ذڪر ڪيل جيڪي ٻه ٽي ملين آهن انهن جي سر زمين جي مطالعي مان ائين ٿو ظاهر ٿئي ته انهن ٻنين جي چوٽين کي هٿرادو مٿي سان پري مخروطي شڪل ۾ آندو ويو آهي. انهن مٿان ڪا هڪ يا ٻه مخصوص قسم جون اڏاوتون اڏي، انهن اڏاوتن کي يا ته ڪنهن تمام سکر ماڻهو جي رهائش لاءِ يا ڪن خاص مقصدن لاءِ، خاص ڏينهن ۽ ڏڻن تي استعمال ڪيو ويو هوندو. ڊاڪٽر لوئس جو چوڻ آهي ته اهي مخصوص قسم جون اڏاوتون، ڪنهن عقيدي جي رسمن جي بجا آوري لاءِ ڪنهن يا ڪن خاص ماڻهن جي استعمال هيٺ رهيون هونديون. هاڻي جيڪڏهن انهن صاحبن جي لکڻ کي صحيح سمجهي قبول ڪبو ته پوءِ هيٺيان سوال فطري طور ذهن ۾ اڀرندا.

١. ڇا ان وقت ۾ ٻه سماج ۾ ذات پات جو مٿيد شروع ٿي ويو هو؟

٢. يا فقط ڪم جي ورچ جي خيال کان هيٺيون ۽ مٿيون طبقو پيدا ٿيا هوا؟

٣. عقيدي جي خيال کان ڪنهنجي پوڄا ڪئي ويندي هئي؟

۴. ڇا ان وقت جي سماج ۾ مرد ۽ عورت ڪهڙو درجو رکندا هوا هڪجهڙو يا؟

٥. انوقت سماج ۾ پيداوار جا ڪهڙا ذريعا هوا؟

٦. انهن پيداوار جي ذريعن تي سماج جو گڏيل يا ڪنهن فرد واحد يا رياست (چگن مڙسن) جوقبضو هو؟

٧. چا ان سماج ۾ سماج جون بيماريون (يعني بک، اوگهڙ جنگ و جدل ۽ ظلم و تشدد) هيون؟

٨. ان وقت جي سماج ۾ شهرين جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو سلوڪ هو؟ وغيره

انهن سوالن جا سڌا واضح ۽ اطمينان بخش جواب ته ڪنهن به محقق نه ڏنا آهن. ان ڪانسواءِ ڪن سوالن جا جواب ڏيڻ ته ذري گهٽ ممڪن ئي نه آهي. تنهن هوندي به ڊاڪٽر داني، ڊاڪٽر مغل ۽ ڪن ٻين انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ جي ڪنهن حد تائين سٺي ڪوشش ڪئي آهي. جنهنڪري ان وقت جي سماج جي اسانکي ڪجهه ڄاڻ ۽ معلومات حاصل ٿي آهي. جيتوڻيڪ اها به گهٽي ڀاڱي فقط ڪوٽڏجي جي تهذيب تائين محدود آهي. پر اسانکي خبر آهي ته ڪوٽڏجي ۽ آمري تهذيبون يا تهذيب همعصر هيون ۽ آمري دڙن جي سيني هيٺين تهن مان ڪوٽڏجي جو ٺڪراٺو مليو آهي. اگراول جي خيال موجب ته آمري، ڪوٽڏجي ۽ مهين هراپا تهذيبون ٻهراڙين ۽ ڳوٺاڻن سماجن ۾ ته هڪ وقت ئي وڌي رهيون هيون. جيتوڻيڪ آمري ڪوٽڏجي يعني ابتدائي هراپا تهذيب (Early Ha-rappan) قدامت جي لحاظ کان گهٽو اڳ واري تهذيب هئي ۽ انهن جي وچ ۾ ارتقا ۽ اوسر جو هڪ هزار سالن جو ڊگهو عرصو اچي وڃيٿو. اهوئي سبب آهي جو مان سالن کان وٺي وري وري ساڳي ڳالهه ورجائيندو آيو آهيان ته اهي ٽيئي تهذيبون هڪ مسلسل تهذيب جون ٽي سلسليوار ڪڙيون آهن. اسان آمري تهذيب کي جابلو ڪڙي، ڪوٽڏجي کي نيم جابلو ۽ نيم ميداني ڪڙي ۽ مهين هراپا کي خالص ميداني ڪڙي سڏيون ته به غلط ۽ بي جا نه ٿيندو. اهو سڀ ڪجهه سياريڪ انساني عمل جو نتيجو آهي جيڪو ارتقا جي اصولن ۽ نيمن هيٺ مسلسل طور هلندو آيو ٿي. سنڌ ۾ خاص ڪري انسان پهرين جابلو غارن ۾ رهيو ۽ جانورن جي شڪار تي گذر ڪندو رهيو. پوءِ جابلو چشمن جي واهين تي کيتي ڪرڻ ۽ مال لڪ سگهندو هو وري جڏهن وڌيڪ قوي ۽ با شعور ٿيو ته منڇر ۽ ٻين ڍنڍن منڍ رهيو جنهنڪري سنڌ ۾ ڍنڍن ۽ مڏن واري تهذيب (Lake and pile dwellers culture) جا آثار به ملن ٿا. اهڙي طرح انسان مڇي ۽ پنهنجي خوراڪ ۾ اضافو ڪيو. ٻيڙن ناهڻ جي هنر کان واقف ٿيڻ

ڪانپوءِ، سنڌي سنڌو ۽ ٻين درياهن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن تي آباد ٿيا. انڪري مهين هراپا تهذيب جي ڪنهن نہ ڪنهن تهذيبي ڪڙي ۽ دور جا آثار ۽ اهڃاڻ ڪشمير، پنجاب، مڪران ۽ گجرات ڪاٺياواڙ ۾ ملن ٿا.

محققن کي ڪوٽڏجي، لڪمير جي ماڙي، تونگ واري ميري وغيره ڪري اهو خيال ذهن ۾ آيو هوندو تہ شايد اهي قديم ماڳ ڪنهن درجي واري سماج (ranked society) جي عڪاسي ڪن ٿا. ساڳئي طرح سماج ۾ ڪمن جي ورهاست جي سبب عوامي تنور وجود ۾ آيا هوا. عوامي تندور، ديوين جون مورتيون ۽ چٽيل تصويرون ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿيون تہ انوقت سماج ۾ عورت کي خاص مقام، مرتبو ۽ درجو حاصل هو. ڇاڪاڻ تہ زراعت واري دور جي منڍ ۾ کيتي ۽ مال پالڻ عورتن جي ذميواري هئي جڏن گهرڙا، ڪک ۽ جهوپڙيون اڏن. مون اڄ تائين منڇر جي ڪنڌين تي عورتن کي گهرڙا ناهيندي ڏٺو آهي. رونبو ۽ مال پالڻ، چارڻ ۽ کير ڏهڻ بہ عورتن جي ذميوارين ۾ شامل آهي. گويا عورت ئي نسل جي واڌ ۽ جياپي جو ذريعو هئي ۽ آهي. انڪري ئي پراچين دور ۾ ديوين جي پوڄا جي رسم جنم ورتو هوندو. ڇاڏي مٿان چٽيل ديوي اصل ۾ ڌرتي ماتا جو ٻيو روپ آهي. ان دور ۾ عقيدي جو محور فقط ڌرتي (Soil) ئي هئي. زراعت واري دور ۾ بہ پوکي ڪرڻ واري کي، پنهنجي ڪم جي نوعيت ڪري وقت جي گذرڻ جو احساس هو. هن کي ڄاڻ هئي تہ اناج ڪهڙي مند ۾ زمين کي چيري اپرندو، پچندو ۽ لاباري لاءِ تيار ٿيندو. انڪري هو وقت ڪٿڻ سکيو هو. فطرت هن کي مينهن ۽ ٻوڏن، گرمين ۽ سردين جي فصلن جي ڄاڻ بہ بخشي. ان وقت انسان ستارن، چنڊ ۽ سج جي گردشن کي بہ سمجهيو هو. آمري جي ٿانون تي سج جي شڪل جهڙا چٽ، ڪوٽڏجي ۾ ڇاڏي تي چٽيل ديوي جي سنڱن وچ ۾ سورج مکي جي گل جون پنکڙيون، ۽ مهين هراپا ۽ غازي شاه مان لڌل ڪٽوري يا جمني تي سج جون ريکائون چٽيل آهن. انهن چٽن جي اڀياس مان، اسان بخوبي اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ سنڌو تهذيب وارن کي موسمن ۽ وقت جي رفتار جي پلي پٽ ڄاڻ هئي. انڪري موسمن مطابق فصل وقت سر پوکيندا هوا. لابارو وجهندا هوا ۽ ان اپائيندا هوا. ان ڪانسواءِ آمري تهذيب جي ٿانون مٿان تازن توانن وڏن ٿوهن وارن ڍڳن جون شڪليون چٽيل ۽ ڪوٽڏجي جي تهن مان هڪ پلي ڍڳي جي ٻولائتي منڍي ملي آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان دور ۾ ڍڳي کي محنت ۽ طاقت جي علامت سمجهي پوڄيو ويو هوندو. زراعتي سماج ۾ ڍڳو، انسان جو سڀ کان وڌيڪ ڪمائتو دوست هو. گوملا مان هڪ عورت جي مورتي ملي آهي. مورتي جي شڪل ۽

صورت ۽ بناوت مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ ان دور ۾ نانگ پرستي (Serpent cult) جو رواج بہ هو. ساڳئي وقت پاڻي جي گهٽائي ۽ فصلن جي واڌاري لاءِ خون جي قرباني جي رسم بہ عام هئي جيڪا جبلن ۾ چشمن جي ڪنارن تي ادا ڪئي ويندي هئي.

آمري ۽ ڪوٽڏجي واري سماج ۾ مشڪل سان ٻہ- چار ٽامي ۽ ڪٽ يا ٻنگار (bronze) جون شيون مليون آهن. جنڪ اهي ڌاتو بہ پوري طرح استعمال ۾ نہ آندا ويا هوندا. انڪري ڪنهن سڪي (coin) جي وجود ۾ اچڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. سڪي جي نہ هئڻ ڪري، وڻج واپار جنسن جي مٽا سٽا سان هلندو هوندو. جنهنڪري ٽياڪر يعني (middle man) بابت يقين سان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي؟ اهڙي حالت ۾ ذات پات ۽ زرعي ۽ هنري غلامن وارو سماج ان دور ۾ ايري ۽ اسري نہ سگهيو هوندو. جيتوڻيڪ ڪنهن محقق جو رايو آهي تہ ٣١٠٠ ق م ۾ طبقاتي امتياز شروع ٿي چڪو هو. ان باري ۾ ڊاڪٽر داني لکيٿو تہ ماڻهن جي اڪثريت پورهيتن جي هئي، جيڪي هاري، اناج جا واپاري، مڇي مارينڌڙ، ڍڳي ڳاڏين، چوپائي مال پالڻ، ٺڪر جا ٿانو ٺاهڻ وارا، سربند، پٿر گهڙيندڙ ۽ بورچي هوا. انهن مٿان نگراني ڪندڙ بہ هوندا. باقي ٻئي ڪنهن طبقي جي ماڻهن جي اچا چاڻ ٻئجي نہ سگهي آهي. ان ڪانسوءِ ان سماج ۾ جيڪڏهن اختياري قوت (authority) ڪا هئي بہ تہ اها وڏڙن جي يا چئن چڱن يا پرين مڙسن جي پنچات تي سگهي ٿي، جنهن سان سڀ شهري پاڻمرادو (voluntarily) تعاون ۽ سهڪار ڪرڻ ضروري ۽ لازمي سمجهندا هوندا. واپاري ناتا، جنسن جي مٽا سٽا، گهرن ۽ گهٽين جي رٽا ۽ صفائي، ان ڪانسواءِ ٻيا ننگتي ۽ سماجي ڪم، ڌرمي ڪريا ڪرم ۽ فيصلا انهن چڱن مڙسن ۽ ٻائين جي پنچات ذريعي ئي ڪيا ويندا هوندا. ٿي سگهي ٿو تہ انهن پنچن ۽ ٻائين جي سماجي اهميت کي اترائڻو ۽ برقرار رکڻ لاءِ، انهن جون رهڻ واريون جايون شهر پناهہ جي اندر ڪنهن مٿاهين جڳهہ تي اڏيون ويون هجن ۽ انهن جاين جي پر پاسي ۾ پنچات ۽ ڌرمي گهر. جئن لئمبرڪ ۽ لوئس جو خيال ۽ چوڻ آهي.

باقي ٻين سوالن بابت تہ فقط قياس ڪري سگهجي ٿو. مان سمجهانٿو تہ پيداواري ذريعن ۾ اناج جون جنسون، مٽي جا ٿانو، ڪپهہ ۽ ڪپهہ مان تيار ڪيل ڪپڙو، شڪار ۽ زراعت جا اوزار، چوپايو مال، کير، گوشت، مڇي وغيره ٿي سگهن ٿا. انهن پيداواري ذريعن تي پيدا ڪندڙن جو حق هوندو. البت اهي ٻين شين جي خريداري، مٽا سٽا جي طريقن ۽ نيمن هيٺ ڪندا هوندا. ان ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي واپاري طبقا بہ شامل هوندا

هوندا. اتي لازمي طور اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ پيداواري طبقاتي نظام، پورهئي جي ورڇ جي اصولن هيٺ جنم ورتو هوندو. ساڳئي وقت اندروني واپار سان گڏ ٻاهرين ملڪن خاص ڪري ايران، عراق ۽ مصر سان واپاري ناتا خشڪي ۽ سمنڊ رستي قائم ٿيا هوا. واپارين سان گڏ سيلاني ماڻهن جي اچ وڃ کان بہ انڪار ڪرڻ ڏکيو آهي. اهڙي طرح عقيدن ۽ عقيدن جي ريتين ۽ رسمن بابت بہ سنڌين جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو هوندو. عقيدن سان گڏ ٻين علمن، سماجي ۽ پنگتي لاڳاپن کان بہ وڌيڪ ڄاڻو ٿي، پنهنجي سماج ۾ کي ڳالهيون شامل ڪيون هونديون. جنهنڪري اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اٽڪل ٤٠٠٠ ق م ۽ ٢٥٠٠ ق م وچ ۾ سنڌي ماڻهو هڪ مربوط سماجي، اقتصادي، ڌرمي ۽ نيم سياسي نظام قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هوا. ان سماج ۾ عورت بہ زندگي جي گهڻن شعبن ۾ مردن جو هٿ ونڊائيندي هوندي. ان دور ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور پڪو ۽ پختو نہ ٿيو هو. جنهنڪري عورت، مرد جي تابع ۽ ملڪيت ۾ نہ آئي هوندي. بلڪ مورتيون ۽ ڌرتي ماتا جو تصور بہ عورت جي وجود سان ئي شروع ٿيو هو. جنهنڪري عورت ڪجهہ نہ ڪجهہ برتر حالت ۾ هئي. سنڌين درياهن ۽ ڍانن جي ڪنارن تي، ڪڙين ۽ سرن جي ڪنڌين تي ڪيتي، مڇي مارڻ، چوپائي مال پالڻ ۽ ٻيڙن رستي مال ڍوئڻ جا پيشا اختيار ڪيا هوا. ان وقت کان وٺي تاريخ جي وچين دور تائين، سنڌ ۾ زمين جي ديهن، ڳوٺن، واهڻن، واهن ۽ ڪڙين تي ڪنهن واحد فرد جو نالو نہ ٿو ملي. ان جي ابتڙ ائين ضرور پتو پوي ٿو تہ فلاڻي ديهہ ۾ يا فلاڻي ڪڙئي تي فلاڻو قبيلو يا ذات وارا آباد ۽ وسندڙ هوا. ناريجن جي ديهہ، جوڻيجن جو ڪڙيو، چانڊڪا، لهاڻا، وڳڻ، مسڻ، بوزدارن جا ٽلها، تيوٽيا، ديرو، ڏنبو وغيره. اهي نالا هڪ گڏيل سماج جو ڏس ڏين ٿا. خود ڪيتريون پراڻيون سنڌي ٻولي جون چوڻيون، دليل ۽ ثابتي طور حد معنرت سان پيش ڪري رهيو آهيان.

١. تو جهڙي نہ سمي ڪئي نہ سومري ڪئي.

٢. جهڙا چانڊيا مگسي.

٣. پليجن کان پاٽ، پرجي آئي پٽ جي.

٤.ميئي (مين-مڇي) نہ ماڻهو، ڪتو نہ مال.

٥. ميمڻ وچي مڪي، تہ بہ وٽ تارازي تڪي.

٦. راهوجن ۾ رات، قادر نہ وجهي ڪنهن کي.

Soorih Mirani

٧. ٽوٽي ٽوٽين جا ٻار، هڪڙا وڏو ٻيا ڪلبار.

٨. ٺمر هجيئي ساڻ ته ڀر نه وٽ ڀرڳڙين جي.

٩. ڏبرا گهوڙا، سيٽ گهٽي، ته ويجي جا وڏيرا.

١٠. ٻگهيو نه ٻيلي، مڇي نه ٿيلهي.

١١. نو نوحاٽي ڏهه حقا ته هرلا پڪا

ڏهه نوحاٽي نو حقا ته هرلا سڪا. وغيره وغيره

١٢. جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان.

مٿيون چوٽيون اسانجي گڏيل عوامي زندگي جي تصوير پيش ڪن ٿيون. ڪي چوٽيون سيدن ۽ شيخن لاءِ به عام آهن.

مطلب ته آمري ۽ ڪوٽڏجي واريون تهذيبون، مهين هراپا يا سنڌو تهذيب جون منڍ واريون ۽ شروعاتي ڪڙيون هيون. جن ۾ آدم جي واڌ سان گڏ کيتي، هنري، واپاري، نيم ترمي ۽ نيم سياسي طبقا، پورهئي جي ورڇ جي نيمن پٽاندر اڀري ۽ اسري رهيا هوا. آهستي آهستي ڳوٺ وڏا ڳوٺ ۽ وڏا ڳوٺ شهرن ۾ تبديل ٿيندا ٿي ويا. ننڍا ننڍا ڳوناٽا سماج ۽ گروهي قبيلائي وابستگيون، وڏن سنٽريل شهري سماجن ۽ فلاحي رياست ۾ سمائجي رهيون هيون. شهرن ۾ عام پورهيت وغيره لاءِ عوامي تنلور ۽ شهرين جي بچاء لاءِ شهر پناهون اڏيون ٿي ويون. آمري ۾ ته شهر پناهه سان گڏ ڪنهن کاهي (moat) جا آثار به مليا آهن؟ شهرن ۾ سماجي، پنگتي، فلاحي ۽ ڪي ٻيا ادارا (institutions) وجود ۾ اچي رهيا هوا. عورت ترتي ماتا جو درجو ٿي رکيو. ترتي ماتا کي نسلن ۽ فصلن جي واڌ ۽ برڪت سبب ديوي جو درجو ۽ مان عطا ڪيو ويو هو. ڍڳو طاقت ۽ محنت، ۽ ڳئون ماتا شفا ۽ سياڳ جون علامتون هوا. ان سموري تهذيبي عمل ۾ زمين، پاڻي، آبهوا ۽ ٻئي مقامي ماحول کي وڏو اثر ۽ دخل هو. سنڌين اشارن ۽ ڪناين سان گڏ تصويري نشانين ۽ مارڪن ذريعي پنهنجن خيالن ۽ اسمن جي اظهار جو ذريعو ۽ طريقو به ڳولي لڌو هو. سنڌين ان دور ۾ به ماحول جي مقابلي ۾ ماحول کي استعمال ڪري، پاڻ کي وڌيڪ سلجهيل ۽ سنٽريل بنائڻ لاءِ ادم ۽ ڪوشش ڪئي هئي.

مان سمجهانٿو ته آمري ۽ ڪوٽڏجي تهذيبي دور ۾ سنڌين سڀ کان وڌيڪ اهميت زراعت کي ڏني جنهنڪري ان دور ۾ به سنڌ ۾ ميوا ۽

ڀاڄيون ڀوڪڻ شروع ٿيون ھيون. ڪڻڪ، جو، جوئر، تيلي ٻج، ڪپھ (نير؟) عام جام ڀوڪيا ويندا ھوندا. جنھنڪري سنڌي سماج، سماج جي ڇئن مڪيھ ۽ عام بيمارين مان ٻن جو يعني بک ۽ اوگھڙ جو خاتمو ڪيو ھوندو.

ساڳئي وقت ان تھذيب جي پوئين دور ۾ شھر پناھن جا ڊٺل ۽ انھن مٿان اڏاوتن جا آثار ۽ نشان ٻڌائين ٿا تہ ان تھذيبي مرڪزن جي ارد گرد جيڪي سرڪش ۽ جنگجو قبيلا ۽ گروھہ ھوا سي بہ تھذيبي ثمر جي چکڻ ۽ واپرائڻ سان آھستي آھستي، درجي بدرجي مائيٽا، سنتيڪا ۽ صلح پسند ٿيندا ويا جنھنڪري شھر پناھن ۽ ڪاھين جي اھميت ۽ ضرورت گھٽجندي ويئي. مان ائين بہ سمجھان ٿو تہ جابلو ۽ ميداني تھذيبن ۽ سماجن جي ملي ھڪ ٿيڻ سان جنگ وجدال ۽ ظلم و تشدد جو جيڪڏھن ڪو دور ھو بہ، تہ اھو ختم ٿي ويو ھوندو. جنھن لاءِ بہ وڏيون ۽ مکيہ ثابتون آھن:- اندورني ۽ بيروني تجارتي ۽ واپاري لڳ لاڳاپا ۽ سرشتا ۽ رشتا ۽ ٻي شھر پناھہ کان ٻاھر وسنديون ۽ آباديون. مان تہ پاڻ کي ائين چوڻ ۾ بہ حق بجانب سمجھان ٿو تہ اوائلي ۽ شروعاتي (pre and early) مھين ھڙاپا تھذيب وارا سنڌي ماڻھو پھنجي دور جا خوش نصيب ڳوناٽا ۽ شھري ھوا جن جي دور ۾ ۽ جن جي سماج ۾ ڪنھن بہ جابر حاڪم ۽ تنگدل ظالم پروھت جو وجود نہ ٿو ملي. ڪوٺاين مان انھن جا نڪي بت، مجسما ۽ مورتيون مليون آھن ۽ نڪي ھيبت پيدا ڪندڙ محلاتن ۽ مندرن جا ڪنبر ۽ آثار ملايا آھن. انوقت جيڪا ڪا مؤثر اٿارٽي ھئي سا ڪن نيڪ مردن ۽ چنگين ٻائين جي ھئي، حن سان سيني شھرين گڏيل سھڪار ٿي ڪيو.

سج چڪرا، سورج مکي ۽ سوا ستيڪا.

ايچ - جي - ويلس نئين پٿر واري دور جي ھڪ اھڙي ڪلچر جو بہ ذڪر ڪيو آھي جنھن جو مرڪز ۽ محور 'سج' ھو. ويلس ۽ ڪن ٻين محققن ان ڪلچر جي عقيدي ۽ پوڄا جي رسمن ۽ رواجن لاءِ انگريزي زبان ۾ ھڪ جامع لفظ ھيليوليٿڪ (Heliolithic) ڪلچر استعمال ڪيو آھي. ڪن ملڪن ۾ ان کي سن اسٽون (Sun-Stone) ڪلچر ۽ ڪن خطن ۾ 'سج- نانگ' (Sun-Serpent) ڪلچر سڏيو ويو آھي. ان عقيدي ۽ سپينا سان تعلق رکڻ وارا پندرنھن ھزار سال ق - م کانوني ھڪ ھزار سال ق - م تائين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رلندا ۽ گھمندا رھيا.

جنهنڪري ان عقيدي ۽ سپيتا سان واسطو رکڻ وارن ماڻهن جا نشان، نشانيون ۽ آثار پونوچ سمنڊ، هندوستان (سنڌ) مشرقي چين، جپان، ميڪسيڪو ۽ پيرو ۾ بہ مليا آهن. جيتوڻيڪ ان ڪلچر بابت اهو عام رايو ۽ تاثر آهي تہ اهو ڪلچر نسبتن آهستي آهستي ٿي وڌيو ۽ پکڙيو هو. سپني محققن 'سج' جي پوڄا کي دنيا جي قديم ترين عقيدن مان سڀ کان وڌيڪ هلندڙ، اثر رکندڙ، پکڙجندڙ مکيہ عقيدو سمجهيو آهي. ان عقيدي جي پوئلڳن جي خيال موجب 'سج' نسلن جي واڌ ۽ شفا ڏيندڙ قوت جو مظهر آهي، سج جي مظهر وارين نشانين ۽ علامتن (Symbols and totems) ۾ اهرام، موميائون، سج ٿالهيون ۽ چڪرا (Sun Disks) ، سورج مکي جا گل، سج، نانگ ۽ سواستيڪا وغيره شامل آهن. سواستيڪا جي عجيب ننڍڙي نشاني کي سياڳ جي علامت سمجهي، سڄي دنيا ۾ خوشي خوشي سان اهميت ۽ خصوصيت ڏني ويئي آهي.

مون سورج جون ساڪن ۽ متحرڪ چڪريون، سورج مکي جا گل، ۽ کي سواستيڪا جون نشانيون، گهڻو ڪري، تمام پراڻن قبرستانن ۾ قبرن جي پٿر مان گهڙيل سرن ۽ تختين مٿان اڪريل ڏٺيون آهن. انهن مان ڪي قبرون تمام ڀڳهيون ۽ اولهہ - اوڀر ٺهيل آهن. رني ڪوٽ (نيرون ڪوٽ) جي پهرين ۽ مکيہ سن دروازي سان لڳ، نئن مٿان جيڪو اڇو ڀڳهو گول برج بيٺو آهي، ان برج ۾ بہ پٿر جي سرن ۾ سوستيڪا جي هڪ ننڍڙي خوبصورت نشاني اڪريل ڏني اٿم. مان سمجهانٿو تہ آمري ڪوٽڏجي سماجن وارن ماڻهن بہ شايد ان ڪلچر جو اثر قبول ڪيو هوندو. ديوي جي سنگن مٿان سفيد رنگ جا ٽڪا يا نشان سج جي روشني جي علامت بہ ٿي سگهن ٿا. بهرحال اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ آمري ڪوٽڏجي وارن جا انوقت جي متمدن دنيا سان واسطا ۽ لڳ لاڳاپا هوا.



تير جو لوهي مٿو (نيرون ڪوٽ).

مددي ڪتاب

١. انگرال ڊي-پي   هندوستان جي قديم آثارن جو اپياس.

٢. خان ايف-اي-ڊاڪٽر   ڪوٽڏجي - پاڪستان آرڪالاجي - جلد ٢-٥

٣. داني احمد حسين ڊاڪٽر   سنڌو تهذيب جا نوان جائزا.

۴. سروس والٽر اي-ڊاڪٽر   قديم هندوستان جا تهذيبي بنياد.

۵. سنڪاليا ايچ-ڊي. هندوستان ۽ پاڪستان تاريخ کان اڳ ۽ منڍ واري دور ۾.

٦. فليم لوئس ڊاڪٽر تاريخ کان اڳ واري دور جون سماجي تنظيمون.

٧. لئمبرڪ ايچ-ٽي.   سنڌ جو جائزو حصو پهريون.

٨. مغل رفيق. ڊاڪٽر سنڌو تهذيب تي نئين تحقيق.

٩. مجمدر اين-جي سنڌ ۾ کوٽايون ۽ کوجنائون.

١٠.ويلس ايچ-جي . دنيا جي تاريخ جو خاڪو (اختصاري ڇاپو)

١١.رحيمداد مولائي شيدائي   تاريخ تمدن سنڌ

١٢. محمد عثمان حسن   بلوچستان ماضي ۽ حال

١٣. اين. اي. بلوچ ڊاڪٽر   جنگ نامو.

١۴. ڪاڪو پيرو مل قديم سنڌ .

١۵. بدخشاني مقبول بيگ تاريخ ايران .

١٦. سيد سبط حسن   ماضي کي مزار ۽ نويد فکر.

١٧. مائڪ پٿا والا   تاريخي جاگرافي سنڌ.

١٨. گنگڪو وسڪي   يو. وي. پاڪستان جون قومون.

١٩. پسالڪر اي.ڊي.   سنڌو ماٿري جي تهذيب .

٢٠. نهرو پنڊت جواهرلعل ڊسڪوري آف انڊيا وغيره.

٢١. هينري ڪزنس اينٽيڪئيز آف سنڌ.

٢٢. رچرڊ ايف برٽن   سنڌ ۽ سنڌي قبيلا.

٢٣. احمد نبي خان ڊاڪٽر موهن دڙو عارضي رپورٽ.

٢۴. وليم ونسينٽ   نيرڪس جو سفر نامو.

٢٥. وي. اي سمٿ   هندستان جي اوائلي تاريخ.

٢٦. آير بي- آر- راجم ويدنتا ۾ جهاتيون.

٢٧. ولڪنس ڊبليو-جي هندو متالاجي.

۽ ٻيا ڪتاب.



شهڪ خان جو مقبرو ۾ روهي.



ٻلي جو ٻٽيون ۽ ماهيون.



مجي جلرن چٽيل پارو (ڪرنڊجي).

دەمىر پۈلت (تىشنگا)



وارن جو سينگار ۽

ڪريل لئيون ۽ گور بندي (ٽٽنگ).



وارن جو سينگار ۽ چوڙيون

جاڻ سڃاڻ

نالو- تاج محمد (صحرائي) ولد نور محمد
ڄم- شڪارپور ۱۱- سيپٽمبر ۱۹۲۱ع
تعليم- بي- اي، بي- ٽي

زندگي جا حالات- محترم تاج صحرائي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جي مختلف اسڪولن ۾ پرائي، ان وچ ۾ هن تي پيرا هندوستان مان به گهمي ڦري آيو. مئٽرڪ شڪارپور جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان ۱۹۴۲ع ۾ پاس ڪيائين. ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي ۾ آيو. هڪ سرگرم خاڪسار جي حيثيت ۾ منهنجي هن سان ملاقات اتي ٿي. سال ۱۹۴۲ع ۾ بنگال ۾ ڏڪاروارې زماني ۾ خاڪسار شاگردن جي هڪ جيش وٺي ڪلڪتي ويو. ۱۹۴۵ع ۾ والد جي وفات کان پوءِ تعليم اڌ ۾ ڇڏي سيوهڻ جي هاءِ اسڪول ۾ وڃي استاد ٿيو. ان زماني ۾ آزادي جي جنگ ۾ ۱۰ آگسٽ کان وٺي ۲۶ ڊسمبر ۱۹۴۷ع تائين دهلي جيل ۾ قيد رهيو. آڪٽوبر ۱۹۴۸ع ۾ اسان دوستن جي اسرار تي سيوهڻ ڇڏي دادو ۾ آيو. دادو مان هفتيوار اخبار "آواز" ڪڍندو رهيو. ۱۹۵۲ع ۾ دادو شهر ۾ طالب المولىٰ نالي سان هڪ هاءِ اسڪول ۽ ۱۹۶۸ع ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي جي نالي سان هڪ پبلڪ لائبريري شروع ڪيائين. سن ۱۹۸۱ع ۾ رٽائر ڪيائين. ان وچ ۾ حيدرآباد ۾ سنڌ جي ميوزيم جو پهريون اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تي مارچ ۱۹۷۱ع کان وٺي جون ۱۹۷۲ع تائين رهيو. "سنڌ صدين کان" جيڪو دنيا جو مشهور سيمينار ٿيو ان ۾ پرپور حصو ورتائين ۽ "سنڌ جي دولت" واري نمائش جي ڪاميابي جو سهرو هن جي مٿي تي آهي. اهو سيمينار مارچ ۱۹۷۵ع ۾ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو هو. سن ۱۹۷۷ع ۾ تاج صحرائي جو نالو ٽريولي ۾ دنيا جي استادن واري ميڙ ۾ تجويز ڪيو ويو ۽ ان ميڙ ۾ تاج صاحب پاڪستان سرڪار جي واحد نمائندي جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو. مارچ ۱۹۸۱ع ۾ رني ڪوٽ ۾ رني ڪوٽ تي هڪ قومي سيمينار، هن جي ڪوشش سان ڪامياب ٿيو ۽ اهڙي طرح "رني ڪوٽ" جو دنيا سان تعارف ٿيو. تاج صحرائي شهباز ميلا ڪميٽي سيوهڻ جو ۱۹۶۴ع کان وٺي غير سرڪاري ميمبر آهي ۽ سيوهڻ ۾ شهباز جي ميلي جي موقعي تي جيڪي به ادبي ڪانفرنسون ٿينديون اچن ٿيون، انهن جو ڪنوينر آهي. ان کانسواءِ هن جي ڪوشش سان سنڌ ۾ هسٽاريڪل سوسائٽيون لهيون آهن.

تاج صحرائي هڪ سادو سودو انسان آهي. جنهن کي علم سان، ادب سان، ثقافت سان، سياحت سان لڳاءُ آهي. هن کي صحرا جي وسعتن سان، پهاڙن جي بلندين سان، سمنڊ جي گهراين سان، قدرت جي نظارن سان، حسن سان، راڳ سان، انسان سان ۽ انسان جي خوبين ۽ ڪمزورين سان پيار آهي. تاج کي سنڌ سان، سنڌ جي ترجمان لطيف سان، مرزا غالب سان، خيام سان، ٽئگور سان، خليل جبران سان، شيلي ۽ بئرن سان به عقيدت ۽ پيار آهي. منهنجو هي پيارو دوست پنهنجي ذات ۾ ڪيترين ئي انجمنن ۽ ڪيترا ئي ادارا آهي. هي ڪتاب هن جي سالن جي رولاڻ ۽ ذاتي مطالعي، مشاهدي ۽ سوچ ۽ فڪر جو ترجمان آهي. تاج اسان دوستن جو ۽ پنهنجن شاگردن جو سرتاج آهي، جنهن جي زندگي هڪ کليل ڪتاب وانگر آهي.

۲۴ فبروري ۱۹۹۰ع

علي احمد قريشي
ايڊووڪيٽ دادو.

الائيڊ پرنٽنگ ڪارپوريشن | گاڏي کاتو . حيدرآباد

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488